مارچ ۱۹۳۸ع

سنڌو

ايڊيٽر:- ٻولچند وسومل راجپال

چندو چار روپيه

قيمت :- ڇهه آنا

ايشن انشورنس ڪمپني لميٽيڊ

برپا ٿيل ١٩١٠ع — هيڊ آفيس بمبئي

خاص خوبيون:-

دائما بيڪاري ۾ سهائتا
گهر ٺاهڻ لاءِ سهائتا
گولڊن (سون ورني) پاليسي
پتي پتنيءَ جي پاليسي
اتفاقي موت لئي ٻٽي رقم
ايجنٽ جون ڪميشنون دائما چالو

لکپڙه ڪريو:-

پرسرام وشن سنگهه ٿهراماڻي بي-اي.

برانچ سيڪريٽري سنڌ ۽ بلوچستان

چيف ايجنٽ:-

راجپال ۽ ڪمپني شڪارپور سنڌ

آرگنائيزر:-

لکميچند نارائڻداس ڪراچي.

دي لڪشمي

[برپا ٿيل ١٩٢٤ع ۾]

جا سڀني حياتين جي ويمي ڪمپنين جي سرمور آهي.

نئون ڪم ٣٠-اپريل ١٩٣٧ع تائين مليل ١،٥١،٠٠،٠٠٠ روپيا

[هڪ ڪروڙ ۽ ايڪونجاه لک]

بونس:- دائمي حياتيءَ جي پاليسيءَ تي **هڪ هزار تي ويهه روپيه** سال ۾
مدي واريءَ پاليسيءَ تي **هڪ هزار تي ١٦ روپيه** سال ۾

ڪليمن جي لڪڙي نيڪال ڪرڻ ۾ مشهور، جنهنجون برانچون ساري هندوستان، برما ۽ سائوٿ آفريڪا ۾ آهن.

ڪراچي ۾ بندر روڊ تي ڪمپني لاءِ عمدي ڇهه ماڙ جاءِ تيار ٿي رهي آهي جنهن تي اٽڪل پنج لک روپيه خرچ لڳي ويندو.

وڌيڪ حقيقتن لاءِ لکپڙه ڪريو:- برانچ سيڪريٽري

لڪشمي انشورنس ڪمپني لميٽيڊ بندر روڊ ڪراچي.

The Quality of

جي-بي- منگھارام
جا بسڪوٽ
جھڙا آھن سھڻا تھڙا
آھن ڪائڻ ۾ سوادي.
پورڪٽا قوت بخش
۽ ھاضميدار.
انھيءَ ڪري ئي

ڪمپنيءَ کي جدا جدا نمائن تي سونا ٻلا ۽ سوين سرٽيفڪيٽ انعام طور مليا آھن.

ھميشه خريد ڪريو

جي-بي منگھارام ڪمپنيءَ جا اوچا سوديشي ڪٽمٺڙا

جي ھندستان ۾ سڀ ڪان مٺا. عمده ۽ لذيذ ثابت ٿيا آھن

چاڪاڻ ته

١- ”J.B“ مارڪي وارا ڪٽمٺڙا اوچيءَ سوديشيءَ کنڊ مان، تندرستيءَ جي اصولن موجب (Modern) **ماڊرن** نموني ۾ اسٽيم جي ذريعي تيار ڪيا وڃن ٿا.

٢- منجھن (Glucose) **گلوڪوس** (طاقت ڏيڻ واري شيءِ) 40% (چاليھه سيڪڙو) ڪم آندو وڃي ٿو، جنھنڪري ھي ڪٽمٺڙا خوراڪي پورڪٽا طاقت بخشيندڙ ۽ ھاضمو سڌاريندڙ ثابت ٿيا آھن.

٣- (Essences) **اسينس** تمام اُچيءَ (Quality) **ڪواليٽيءَ** جا، تازن ميون جي خوشبوءِ پيدا ڪندڙ ۽ (Harmless Vegetable Colours) يعني **مٺا رنگ** ڪم آندا وڃن ٿا، جي تندرستيءَ کي ڪوبه نقصان نٿا پھچائين.

٤- ھن ڪمپنيءَ کي مال جي سٺائيءَ صفائيءَ ڪري سوين سرٽفڪيٽ ۽ سونا ٻلا انعام مليل آھن.

نوٽ:- ھرھڪ ڪٽمٺڙي تي ”J.B“ تالو ڏسي پوءِ خريد ڪريو جئن دوڪاندار توھان کي نقلي مال نه ڏين.

جي-بي منگھارام اينڊ ڪو

ھاءِ ڪلاس ڪنفيڪشنري ۽ بسڪوٽ مئنيو فئڪچررس

سکر (سنڌ)

فهرست

نمبر	ليک	ليکڪ	صفحو
١	بيت	مراد فقير	١
٢	ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو رسالو	پيرومل مهرچند آڏواڻي	٢
٣	ڪانگريس پريزيڊنٽ جي تقرير	... ...	١٠
٤	ڪرنل لارينس	مولائي شيدائي	١٧
٥	ڀارت جي پراچين وديا	ميلارام منگترام واسواڻي	٢١
٦	ڪافي	فقير نظر علي	٢٨
٧	هندوستان بنسبت ڪي انگ اکر	پروفيسر گهنشيام جيٺانند شوداساڻي	٢٩
٨	نازنين	هري - جي - دياني (دلگير)	٣٨
٩	ڪافي	ميان يوسف فقير	٤٠
١٠	پريم ساگر (آڪاڻي)	جيٺانند رگهومل (بيتاب)	٤١
١١	ماضي ۽ حال (شعر)	ڪيمَلداس وليرام بيگواڻي (فاني)	٤٧
١٢	ننڍڙي پشپا	پروفيسر ڪي - اين واسواڻي، ايم - اي	٤٨
١٣	سچ (شعر)	سامي صاحب	٥٠
١٤	سرڪاري نوڪري	بي - ڊي گربخشاڻي، بي - اي	٥١
١٥	فيڊريشن آهي ڪهڙي بلا؟	پريو - ايم - گرباڻي، بي - اي	٥٧
١٦	ٻڌ جو تياڳ (شعر)	ڏيونداس ڪشناڻي (آزاد) بي - اي	٦٠
١٧	ٻڪر واشنگٽن	مرحوم مرزا قليچ بيگ	٦٧
١٨	ڀاڳ سڀاڳ (شعر)	بيدل فقير	٧٠
١٩	ڪوهه تي (شعر)	هري - جي - دريائي (دلگير)	٧١
٢٠	يورپ جون ڪي عجيب ڳالهيون	سورڄ ديوسنگ	٧٢
٢١	من جي مجلائي (شعر)	سوڀراج نرملداس (فاني)	٧٥
٢٢	سمالوچن		٧٦
٢٣	نيوز نوٽس ۽ ڪمينٽس		٧٧

اوهان ورتو آهي؟ مهاتما گانڌي ۽ جو تازو لکيل "برهمچريه" ڪتاب.
قيمت فقط چار آنا. معرفت "سنڌو آفيس" ميان جو ڳوٺ

هيءَ اخبار مسٽر ٻولچند وسومل راجپال بي - ايس سي "راجپال پريس" ميان جي ڳوٺ ۾ ڇپي پڌري ڪئي.

فهرست

نمبر	ليک	ليکڪ	صفحو
١	بيت	مراد فقير	١
٢	ڊاڪٽر گربخشاڻي وارو رسالو	پيرومل مهرچند آڏواڻي	٢
٣	ڪانگريس پريزيڊنٽ جي تقرير	... ...	١٠
٤	ڪرنل لارينس	مولائي شيدائي	١٧
٥	ڀارت جي پراچين وديا	ميلارام مينگهراج واسواڻي	٢١
٦	ڪافي	فقير نظر علي	٢٨
٧	هندوستان بنسبت ڪي انگ اکر	پروفيسر گهنشيام جيٺانند شوداساڻي	٢٩
٨	نازنين	هري - جي - ڊيالي (دلگير)	٣٨
٩	ڪافي	ميان يوسف فقير	٤٠
١٠	پريم ساگر (آڪاڻي)	جيٺانند رگهومل (بيتاب)	٤١
١١	ماضي ۽ حال (شعر)	کيئلداس وليرام بيگواڻي (فاني)	٤٧
١٢	نئين ڙي پيشپا	پروفيسر ڪي - اين واسواڻي، ايم - اي	٤٨
١٣	سچ (شعر)	سامي صاحب	٥٠
١٤	سرڪاري نوڪري	بي - ڊي گربخشاڻي، بي - اي	٥١
١٥	فيڊريشن آهي ڪهڙي بلا؟	پرڀو - ايم - گربازاڻي، بي - اي	٥٧
١٦	ٻڌ جو تياڳ (شعر)	ڏيونداس ڪشناڻي (آزاد) بي - اي	٦٠
١٧	پڪو واشنگٽن	مرحوم مرزا قليچ بيگ	٦٧
١٨	پاڻ سڃاڻ (شعر)	بيدل فقير	٧٠
١٩	ڪوهه ني (شعر)	هري - جي - ڊريالي (دلگير)	٧١
٢٠	يورپ جون ڪي عجيب ڳالهيون	سورڄ ديوسنگهه	٧٢
٢١	من جي مهلائي (شعر)	سوڀراج نرملداس (فاني)	٧٥
٢٢	سمالوچن		٧٦
٢٣	نيوز نوٽس ۽ ڪمينٽس		٧٧

اوهان ورتو آهي؟ مهاتما گانڌي ءَ جو تازو لکيل "برهمچريه" ڪتاب.
قيمت فقط چار آنا. معرفت "سنڌو آفيس" ميان جو ڳوٺ

هيءَ اخبار مسٽر ٻولچند وسومل راڄپال بي - ايس سي "راڄپال پريس" مياڻ جي ڳوٺ ۾ ڇپي پڌري ڪئي.

سال ۷] مارچ ۱۹۳۸ع [انڪ ۷۵

بيت

۱- دنيا ڪارڻ ڏيئن ڪي ٽوور سيئو وسارين،
ڪٺي بازي ٻاٽ ورا هٿين ٿو هارين،
ماري من مراد چئي جي وحدت ڏي وارين،
تہ هوند جاڏي نهارين تاڏي سڄڻ پسين سامهان.

۲- تن پرين من پرين چئه پرين دل يار،
اندر ٻاهر سڀ ئين وٽ نہ آهي وار،
اکين منجهہ مراد چئي پيو ڪوڪ قربن ڏار،
جاڏي ڪريان نهار تاڏي سڄڻ پسان سامهان.

۳- تون آهين تنهن پرين سان جنهن ٻاٽي ۾ ماڪ،
ڦوڙائو فراق ٿولي ڪونهي مور مراد چئي.

۴- تون آهين تنهن پرين سان جنهن ٻاٽي ۾ ٻارو،
هي پس ۾ پسارو جو آهي مڙو محب مراد چئي.

(مراد فقير)

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وارو رسالو

جلد پهريون

(١)

[ليکڪ:- مسٽر ڀيرومل مهرچند آڏواڻي .]

سنه ١٩٢٣ع ۾ مان ڪراچيءَ ۾ ”ايگزامننگ ايڪسائيس آفيسر Examining Excise officer هوس. اُنهيءَ وقت تائين پروفيسر گربخشاڻي (هاڻ ”ڊاڪٽر“) سان منهنجو رڳو رام سلام جو رستو هو، ٻيو خير.

١٩ ڊسمبر ١٩٢٣ع جي سنڌ رسالي جو پهريون جلد ڏٺم، جو فقط چار ڏينهن اڳ ڇپجي پڌرو ٿيو هو. ڪتاب جو جلد ڪپڙائون ۽ اُچو، ۽ اُنجي ڇپائي ۽ بناوت سهڻي، ڏسي خوش ٿيس. ڪمشنر صاحب سنڌ جي ڇاپخاني جو ڇپيل، تنهنجو ڇاپو اُڀچو سنهو ۽ صاف. رواجي طرح ڪتابن ۾ پنا اُهي ڪم ايندا آهن، جنجي هر هڪ ”ريم“ جي تور اٺاويهه يا ٽيهه، يا نهايت ٻٽيهه ”پائونڊ“ هوندي آهي. هن ڪتاب جي پنن ۾ هٿ وجهي ڏٺم، ته سونکي پنو سٺ پائونڊن وارو سمجهڻ ۾ آيو، جنهن جي معنيٰ ته پنن تي خرچ رواجيءَ کان ٻيڻو! سڄي ڪتاب کي جزبندي ٿيل هئي، جا گهڻو خرچ ڪائي ٿي. اهڙو اُڇيءَ ۽ عمديءَ طرح جڙيل سنڌي ڪتاب انوقت تائين ٻيو ڪونه ڏٺو هوم. سمجهم ته ڊاڪٽر گربخشاڻي جهڙو پاڻ خوراڪي آهي، تهڙو ئي هيءُ ڪتاب تيار ڪرايو اٿس.

ڪتاب جي ورقن ورائيندي ڏٺم، ته سڄي ڪتاب ۾ اهڙو هڪڙو صفحو به ڪونه هو، جنهن جي هيٺان رسالي جي بيتن جون جدا جدا پڙهڻيون ڏنل نه هيون. انهيءَ مان پڌرو هو، ته رسالي جي جدا جدا نسخن ڀيٽڻ لي پورهيو به پورهئي جهڙو ڪيو اٿس. ڪتاب جي پڇاڙيءَ وارن صفحن ۾ اهڙن لفظن ۽ جملن جي معنائن سان گڏ ڪيترن لفظن جو اشتقاق يا ڌاتو لکيل به ڏٺم. انهن صفحن مان سنڌيءَ علميت پڌري ٿي پئي بکي. سمجهيو ويس ته سنڌي ٻوليءَ جو چڱو اڀياسي ٿو ڏسجي. پارسيءَ جو پروفيسر آهي، سا ته ورهين کان سڌ هيم، پر سنڌيءَ سنسڪرت جي ڄاڻ جا اهڃاڻ پهريون گهمرو سنڌ رسالي جي انهيءَ معنائن واري پاڱي مان مليم. ڪتاب جي بنهه پڇاڙيءَ ڏي نهاريم، ته ڏٺم ته پلنامي جو پورت پنيان لڳل ڪونه هوس. انهيءَ مان اها ساک مليم، ته ”پروف“ بلڪل خبرداريءَ سان جاچيا اٿس. مطلب ته ڪتاب پڙهڻ کان اڳميئي، پنجن ستن منٽن اندر اهي اثر دل تي ويٺم.

مقدمه

رسالي جو مقدمه (مهاڳ) هن ڪتاب جا

۱۷۱ صفحا وارو آهي ۽ ڏهن فصلن (بابن) ۾ ورهايل آهي، جيم نه ڏسان ته هيترو لکيو ڇا اٿس. هڪ مکيه ڳالهه جنهن بڪدم ڌيان ڇڪيم سا هيءَ آهي، ته هر هڪ فصل ۾ جيڪي ڳالهيون لکيون اٿس، تنهن فهرست هر هڪ فصل جي منڍ ۾، سنهي چاٻي ۽ ٿورڙن لفظن ۾، ڏيئي ڇڏي اٿس، ته هر هڪ باب پڙهڻ کان اڳميئي پڙهندڙن کي پتو پوي، ته انهيءَ کهڙيون کهڙيون ڳالهيون ڇا ڇا ڏنل آهن. اهو نمونو گهڻيئي انگريزي ڪتابن ۾ اختيار ڪيل آهي، پر ڪنهن سنڌي ڪتاب ۾ اڳي ڏٺل ڪونه هوم. اهو نمونو وٺيم، جو هر هڪ باب جو مول مطلب انهن ٿورڙن لفظن منجهان ئي سمجهي سگهجي ٿو.

فصل پهرين ۾ شاه صاحب جي سوانح عمري (جيون چرتر)، ٻئي ۾ سنڌ پس صورت ۽ سيرت، ۽ ٽئين ۾ سنڌ س مذهب جو ذڪر آهي. انهن ٽنهين فصلن ۾ جيڪو احوال ڏنل آهي، سو گهڻو ڪري سمورو مرحوم شمس العلما مرزا قليچ بيگ جي جوڙيل ڪتاب شاه پتائي جي احوال ۾ ڪيترا ورهيه اڳ پڙهيل هوم. اتيرو ڇتيو ته ٻنهي صاحبن جي لکڻ جو رنگ نرالو آهي. ڇهن ٽن فصلن ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پنهنجي اصليت ڏيکارڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي.

فصل چوٿون ويدانت ۽ تصوف جي باب ۾ آهي. ٻنهين متن بابت ڪيترائي ڪتاب آهن ۽ پر هڪڙيئي ڪتاب ۾ ٻنهي جو ڳڏ ذڪر ڳو اينسڪلو پيڊيا برٽنيڪا ۾ ڏنل هوم. هن باب ۾ گربخشاڻيءَ جيڪي لکيو آهي تنهن موجب ويدانت ۽ تصوف ۾ ڪو به تفاوت ڪونهي. حقيقتون آهي به اٿين، ۽ ابتلاء سبب آهي. آڳاٽن آريه لوڪن مان ڪي ميسوپوٽيميا کانوئي مصر ملڪ تائين پنهنجي حڪومت جو پايو وجهي ويٺا هئا. ڪا شيءِ جي هاٿوڪن پنهنجن جا ابا ڏاڏا "ڪاشي" آريه لوڪ اصل بئبلان کان هندوستان ۾ آيا هئا. اُنوقت جا نشان بولي ۾ به آهن. مثلاً ڪنجهي جا با سڪ اسين عام طرح ڪم آڻيون ٿا. اهو "ڪنجهو" لفظ (سنسڪرت- ڪنس يا ڪمس) اصل بئبلان جو لفظ آهي. ايران ملڪ جو ته اصل نالوئي هو "آئرين" يعني آرين جو ملڪ. مطلب ته عيسوي سن کان ٿوريون صديون اڳي آريه لوڪ انهي سموري ايراضيءَ ۾ هئا، جنهن ڪري ويدانت مت اوڏهين ڦهليو، جنهنجو پيو نالو هاڻ "تصوف" يعني صوفي متو آهي. پر اڄ ڪلهه جيڪو تفاوت ٻنهي متن ۾ ڏسون ٿا، سو به ڊاڪٽر گربخشاڻي جا ٽانئي ها ته بهتر. ويدانت ۽ صوفي مت ٻئي سيکارين ٿا، ته ايڪ وڃي هڪ اويڪت (Impersonal) چيتن تت ۾ لين (محو) ٿيو. ايستائين ٻنهي جي هڪڙيئي سکيا آهي. پر پوءِ ٻنهي جي وچ پيد يا تفاوت رکيو اٿن. شنڪر آچاريه چوي ٿو ته نرگڻ برهم (پرماتما) جو مايا کان آئيت (نيارو) آهي، تنهن سان اٿين ملي هڪ ٿيڻو آهي جئن جوت جوت ۾ يا پاڻيءَ جي بوند دريا ۾ سمائجي وڃي. سامي ۽ به پنهنجن سلوڪن ۾ چيو آهي ته:-

"جئن گها گهر لوڻ جي سنڌ ۾ سماڻي."

صوفي مت نرالو آهي. اهو سيکاري ٿو
اسانجو وصال (ميلاپ) خود خدا (پرماتما)
سان ٿيندو ۽ پر منجهائنس جو "جوهر اول"
لڪل آهي، جنهن مان دنيا جا هيءُ سڀ
رنگ روپ ۽ پسارا پيدا ٿيا آهن، تنهن
سان ٿيندو. شاهه صاحب پنهنجي رسالي ۾
اهو تفاوت رکيوئي ڪونهي. سرڪيڏاري
۾ امامن جي شهادت جو ذڪر ڪندي
چيو اٿس ته:-

"فاني ٿيا في الله ۾ هوءَ سين ٿيا هوءَ."

يعني فنا يا نيست نابود ٿي (پنهنجي
انفرادي هستي (Individual existence) وڃائي)
هوءَ يا هن (خدا) سان هوءَ يعني آهي
(امام) ملي هڪ ٿي ويا. ويدانت به اٿين
ٿو چوي ته هوُ سان ملي هوُ ٿيڻو آهي.
"من خدايم"، "همه اوست" ۽ "اناالحق"
۾ به اهائي ڳالهه ڳنوار يل آهي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ تصوف جي ذڪر
ڪندي شاهه جي رسالي مان ڪي سٽون
ڏنيون آهن. ساڳي طرح ويدانت جي
ذڪر ڪندي جيڪڏهن ساڳئي جي سلوڪن
مان ڪي حوالا ڏني ها ته اهي ٻاڻ فصل
چوٿين کي ڪٺي ٻيهن ها ۽ وڌيڪ سوپياوان
ڪن ها.

فصل پنجين جو سرو آهي "شاهه جو شعر
۽ شاعري". هن فصل ۾ کولي ٻڌايو اٿس
ته شاعر ڪنهنکي چئجي ۽ ڪامل شاعر ۾
ڪهڙيون خاصيتون هونديون آهن.
هرهڪ خاصيت جي سمجهاڻي به ڏني اٿس،
جو نهايت عمدو ڪم ڪيو اٿس.

فصل ڇهون شاهه جي شعر جي مضمون ۽
عبارت بنسبت آهي. هتي شاهه جي ڪلام
کي مضمون جي مدنظر ٿي جدا جدا دفعن
۾ ورهايو اٿس ۽ رسالي مان حوالا ڏيئي
هرهڪ دفعي جي سمجهاڻي ڏني اٿس،
هي ۽ باب مونکي نهايت پسند آيو.

ستين فصل جو سرو آهي "شاهه جو نظم".
هتي کولي ٻڌايو اٿس ته سنڌ جو قديم شعر
آهي "دوهو" يعني ٻن سٽن وارو بيت،
جنهن ۾ قافيه وارا لفظ هرهڪ سٽ جي
پڇاڙي ۽ ۾ اچن ٿا، مثال لاءِ رسالي ڪريمي
مان هي بيت ڏنو اٿس:-

هنيون ڏي جي حبيب کي، لڱ ڳڏ جن لوڪ،
ڪڏيون ۽ ڪروتون، اي ۽ ٻڻ سڳو ٿوڪ.

هتي قافيه وارا لفظ "لوڪ" ۽ "ٿوڪ"
سٽن جي بنهه پڇاڙيءَ ۾ بيٺا آهن. ڊاڪٽر
گربخشاڻي ۽ پوءِ لکيو آهي ته شاهه صاحب
دوهي جي انهيءَ آڳاٽي ترتيب ۾ ڦير
گهير ڪئي ۽ بيتن ۾ ٻن مصراعن بدران
وڌيڪ مصراعون ڪم آندائين. هيءَ غلط
ڳالهه آهي، جنهن منهنجو ڌيان ٻيو وقت
ڇڪيو. هن لاءِ اول رسالي ڪريمي مان
مثال ڏيان ٿو:-

(١) پاڻياري ۽ سر ٻهروُ، جو ٿي ٻکي جتن،
اسان سڄڻ تن، رهيو آهي روح ۾.

(٢) صورت ليکي همت، معنيٰ ليکي مارئين،
عمر! منهنجي چمت، اوطاقون ٿرن جون.

ٻهرين بيت ۾ "جتن" لفظ ٻهرين ۽ سٽ
جي بنهه پڇاڙيءَ ۾ بيٺو آهي ۽ پر انهيءَ ۽
سان قافيه ۾ ملي ايندڙ لفظ "تن" اين ۽
سٽ جي وچ ۾ بيٺو آهي. ٻئي بيت ۾ ڏسو
ته قافيه وارا لفظ "همت" ۽ "چمت" ٻئي

سٽن جي وچ ۾ آهن. هن مان ثابت آهي ته شاهه صاحب کان گهڻو آڳاٽو سندس اڳ ڏاڏي شاهه ڪريم جي ڏينهن ۾ ٽي دوهري جي اڳوڻي ترتيب ۾ ڦير گهير ٿي هئي. رسالي ڪريمي جي ڪن بيتن ۾ ٽي ٽي سٽون به آهن، جنهنڪري چئبو ته اڳي جو دوهري ۾ فقط ٻه سٽون آڻيندا هئا، تنهن رواج ۾ به شاهه صاحب جي وقت کان اڳيئي ڦير گهير ٿي هئي، شاهه صاحب پاڻ به انهيءَ آڳاٽي اصول جي پيروي ڪئي. پنهنجي سر رڳو ايترو ڪيائين جو ڪن بيتن ۾ ٽن کان به گهڻيون سٽون آنديائين ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ سنديس پيروي سامي ء، دلپت، بيدل ۽ ٻين شاعرن به ڪئي، پر اها ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. سنڌي نظم جي باري ۾ شاهه صاحب پنهنجي سر جيڪي ڪيو ۽ دوهري جي ترتيب سان جيڪي لاڳاپو رکندڙ مکيه ڳالهيون آهن، تن جو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ذرو به ذڪر ڪونه ڪيو آهي، تنهنڪري پڙهندڙن جي معلوميت لاءِ آءٌ هتي اهي ڄاڻايان ٿو.

شاهه ڪريم ۽ قاضي قاضن واري زماني (عيسوي سورهين صدي) ڌاري بيتن ۾ ٻن کان وڌيڪ سٽن ڪم آڻڻ جو رواج پيو ته انهنجي مضمون توڙي ڳائڻ جي ڍنگ پٽاندر انهن تي نالا نرالا نرالا پيا. خود "دوهرو" لفظ جو اُچار ڦري ٿيو "ڏوهڙو - ڏوهيڙو". ڪي "ڏوهو" (دوهو) به چون. هاڻ انهن لفظن جي معنيٰ ۾ به ڦير پئجي ويو آهي. دوهرو معنيٰ اهو ٻن سٽن وارو بيت، جنهن ۾ ڪا ڌرمي يا اخلاقي ڳالهه هجي ۽ ڏوهيڙو معنيٰ اهو بيت جنهن ۾ عشق جي ڳالهه هجي ۽ منجهس سٽون گهڻيون به هجن. ٻڪرار، جت ۽ ٻيا جي ڪنن تي هٿ رکي وڏي سڏ ڏوهيڙا ڏيندا آهن، تنکي عام طرح "توڙائو" چئبو آهي. ڀٽ، ڀڳت ۽ ٻيا ڪهڻ قصن ٻڌائيندي، ٽپ ٽپ تي جيڪي بيت سر سان ڳائيندا آهن، تن کي "ڳاهون" (سنسڪرت- گاٿا) سڏبو آهي. جيڪي ڏوهيڙا منگتا يا مڱڻهار ۽ ٻيا تڙ تي يا تنبور تي چوندا آهن، سي اڪثر "بيت" ڪوٺبا آهن. جن بيتن ۾ سنت سادُو ويدانت جون ڳالهيون يا ٻيون ڌرمي ۽ نيتي (اخلاقي) ڳالهيون آڻين ٿا، تنکي بيتن بدران "سلوڪ" سڏبو آهي. هي ءَ سڀ ڳالهيون دوهري جي ترتيب جي ذڪر ڪندي ڄاڻائڻ کپنديون هيون، ڇا ڪاڻ ته دوهري جي اڳوڻي ترتيب ۾ ڦير گهير ٿي، ته نالا به ڦريا ۽ انهي ء ريت سنڌي ٻوليءَ جو به ڪجهه واڌارو ٿيو.

شاهه جي رسالي ۾ تجنيس حرفي (Alliteration) گهڻي آهي، سا ڳالهه ڊاڪٽر گربخشاڻي ء ڄاڻائي آهي؛ پر هڪ مکيه ڳالهه ڄاڻائي ڪانه اٿس. رسالي ۾ ٻهرياٽين بيت ۽ پوءِ وايون يا ڪافيون آهن. هاڻ دستور آهي ته جيڪي ڪافيون ڳائڻ وهن، سي اول ڏوهيڙا ڏين ۽ پوءِ ڪافي شروع ڪن. اهو نمونو اسانجن ماڻهن کي سهڻي لال لطيف سيکاريو. سنڌ ۾ ڪافين جوڙڻ جو رواج به ٻهرياٽين پاڻ وڌائين.

اڱڻ آيا مَ پيهي، او الاءِ مون ساريندي سڄڻين،
مشڪ عطر مُون ٻرين، ڪيس ڄم سيئي،

لن جني جو طالبو، روح لنئي سين رهي -او الا...
ساجن سنڌيءَ سونهن جي آءٌ ڳالهه ڪريان ڪيهي،
ٿيو لطف لطيف چي، دوس آيو در پيهي. (ڪنڀات)

هيڙيون من موهيندڙ ڪافيون ڇڱي ماڻهن کي مستان ڪري ڇڏيا نين. سنڌي ماڻهن کي هيءَ نئين چاٽي چڪا يا نين، لنهنڪا نپوءَ ماڻهن به پنهنجو هوش هلائي، ڪافين جوڙڻ جا نوان نوان نمونا ڪڍيا، جنهنڪري هن وقت ڪا ڪافي "يڪي"، (جڻين مٿين ڪافي آهي)، ته ڪا "سوائي" يا "ڏيڍي" وغيره. شاه صاحب ڪافين جو رواج وڌو، سو سنڌ سان هڪ وڏو وڙ ڪيو اٿس. انهيءَ سنڌي راڳ اسانجي پرڳڻي ۾ ڏاڍي موج مچائي آهي، ڇوي ۾ ڏسو ته هاري يا ناري ڪنهن وقت ڳاڏيءَ تي ويهي، ٻڪن کي پيو لنوار ڪندو، يا ٻيهي تي چڙهي، ڪانياٽيءَ مان گليلا (ڳوڙها) ڇوڙي، جهار (ٻڪي) پيو هڪليندو، ته ڪنهن وقت اها لاٽ پيو لوندو جو ڪيابات! هوُ جو اوٺي، جنهنکي جيڪو ليڪو "جت" سڏيندو آهي، سو اڪثر غزل ڪونه چوي، باقي ڪافين جو ڏايو ڪوڏيو آهي. جهنگ مان ڪرهو (اُٺ) قطاريو پيو ويندو، ته اُٺ جي ٽوهي مٿان جهوين جهليندي، ءَساڳي (اُٺن جي قطار) جي سنڀال لهندي، ڪنهن مهل ڪن تي هٿ رکي، لوڙاٽُو ڏيئي، اها وٽي ڪافي آلا پيندو، جو جهنگ ۾ رنگ لائي ڏيندو! ڪنهن ديري، دائري يا اوتاري ۾، ڪنهن وڏيري جي اوطاق ۾، يا ڪنهن صوفي فقير جي درگاه يا ٻي آستان تي، جڏهن ڳائڻا اچي ٿا گڏ ٿين، تڏهن ته لوليون لايو ڏين! دلاءِ يڪتارا ڪٽي، اهي غضب جون ڪافيون چون، جو ٻڌندڙن جو پتو به پاڻي ڪيو ڇڏين. ڪٿي پڪت پوندي آهي ته ماڻهو هڪ ٻئي مٿان ڳاهٽ وچي ٿيندا آهن ۽ لڙ چڻ جي جاءِ به ڪانه هوندي آهي. روا هي طرح به ڏسو ته گهڻو ڪري سيڻي ڪاسبي هاج و ڻڻ اڳيان رکي، پنهنجي ڪرت به پيا ڪندا، ته جهونگاريندا به پيا. ڪو مومل راڻي جو مذڪور ته ڪو سسئيءَ جا سور پيو ڳائيندو، يا مارئيءَ جي ساڻيهه جي سڪ ۽ مارئڙن جي وڇوڙي جا ورلاپ پيو ڪندو. هيءُ سڀ شاه صاحب جو پرتاب آهي، جنهن ڪافين جو رواج وڌو. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ کي هن ستين فصل لکڻ مهل اها ڳالهه شايد ياد نه آئي آهي، نه ته اُنجو ذڪر جيڪر اُٽپچو ڪري ها.

شاه جو رسالو سرن ۾ ورهايل آهي، تنهنڪري ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ هندي راڳ جي علم جو ٿورو ذڪر هن ستين فصل ۾ ڪيو آهي ۽ پر لکيو اٿس ته - راڳڻين جا نالا جٿن جٿن رسالي ۾ ايندا ويندا تٿن تٿن انهنجو ذڪر ڪيو ويندو. رسالي جو پهريون سر "سر ڪلياڻ" آهي، تنهنڪري انجو ذڪر معنيٰ ۽ شرح واري ڀاڱي ۾ ڪيو اٿس ۽ اُتي لکيو اٿس ته اهو راڳ ڏيئن پرڻ ڪانپوءِ ڳائبو آهي. مون جنهن مهل سنڌس اهي لفظ پڙهيا تنهن مهل اُتي نشان ڪيم، جو چڱن چڱن گوين کان اهو راڳ مون پرڀات جي مهل ٻڌو آهي. پروفيسر آپٽي واري سنسڪرت ڊڪشنري ورهين ڪان ساڻ رکندو اچان، سا کولي ڏٺيم ته اُنم لکيل هو ته ڪلياڻ اُهو راڳ آهي جو پرڀات جي مهل ڳائجي ٿو. "ڪلياڻ" لفظ ٿيو ٿي "ڪليه" مان آهي جنهنجي سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي "پرڀات"، انهيءَ ساڳي لفظ "ڪليه" مان سنڌي لفظ "ڪلهه" (ڪالهه) ۽ هندوستاني لفظ "ڪل" ٺهيا آهن، جنهنجي معنيٰ ڪلهه (ڪالهه) به آهي ته "سڀاڻي" به آهي. ڪن ٺڪاڻن ۾ پرڀات جو آسا جي وار ڪري، ڪي ساڌو راڳ آسا ڳائي، پوءِ سر ڪلياڻ به ڇيڙيندا آهن.

فصل اٺون شاه جي سنڌيءَ جي باري ۾ آهي. انم پهريائين پهريائين لکيو اٿس ته "شاه جي سنڌي هاڻوڪي سنڌيءَ کان البت ٻئي ڍؤل جي آهي"، جنهنڪري "ماڻهن کي شاه جي شعر پڙهڻ ۽ اُن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ قدري مشڪلات ٿئي ٿي". هن لاءِ چار سبب ڏنا اٿس ۽ پر هرهڪ سبب مثال ڏيئي ڪونه سمجهايو اٿس. اهي سبب به پوريءَ طرح نه لکيا اٿس، بلڪ جيڪو پهريون سبب لکيو اٿس سو ته پاڻ پڙهندڙن کي منجهائيندو. پهريون سبب اِجهو هي ۽ ڄاڻايو اٿس:—

"هڪڙو ته شاه جا لفظ ۽ محاورا اڄ سنڌي آهن."

هتي سيکو چوندو ته اسين پاڻ ۾ سنڌي، اسان جي مادري زبان سنڌي، پوءِ شاهه جي سنڌي نه سمجهڻ لاءِ سبب ڪهڙو؟ مطلب ته جيڪو هيءُ سبب ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ڄاڻايو آهي، تنهن سبب لاءِ به سبب ڪي ۽ اهو ڄاڻائڻ ڪونه اٿس، تنهنڪري پڙهندڙن جي معلوميت لاءِ آءٌ سڀ ٻيا سبب کولي پڌرا ڪيان ٿو:—

(١) شاهه صاحب هڪ وڏو سيلاني هو، ڪٿان ڪٿان جا لفظ جهٽي، ڪم آندا اٿس. مثلاً راءِ ڏياچ پنهنجو سر ويڙهي ٻيجل کي ڏنو ته سڄي شهر جون زالون روئڻ پٽڻ لڳيون. انهيءَ ڪري شاهه صاحب چيو آهي ته:—

”گل چنو گرنار جو، پٽڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورت جهڙيون، آئيون اوسارين“. (سورٺ)

پٽڻ معنيٰ شهر. سٽن جو مطلب ته: گرنار جو گل چنو يعني راءِ ڏياچ قتل ٿي ويو، ته شهر ۾ زالون (منهن مٿو) پٽن ٿيون يعني سيا پو ڪن ٿيون ۽ سورت جهڙيون هزارين زالون ٻهي اوسارين ٿيون. هي ”پٽڻ“ لفظ گجرات طرف جو آهي ۽ اهو طرف اڳي سنڌ سان لاڳو هو، بلڪ راءِ ڏياچ ننگرٺٽي جي چوڙا سما (سمن گهراڻي وارن) راجپوتن جو اولاد هو. اهو ”پٽڻ“ نج سنڌي لفظ ليکبو، اهو گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ڏي اڃا تائين عام آهي ۽ پر اسان وٽ عام نه آهي. اهڙا ٻيا ڪيترا لفظ رسالي ۾ آهن، جي اڃا تائين انهن پاسي توڙي راجپوتانا ۾ عام آهن ۽ پر اسان ماڻهن پڌا به ڪينهن، تنهنڪري سيکو اهي لفظ سمجهي نٿو سگهي، ڪونٿو سمجهي سگهي، ته مٿس ميار به ڪانهي، جو هنيئر ڄڻ آهي ته ڌاريا لفظ آهن.

(٢) رسالي ۾ جيڪي نج سنڌي لفظ ۽ اصطلاح آهن، تن مان ته ڪيترائي اهڙا آهن، جي سنڌ جي هڪڙي پاڱي ۾ عام آهن، ته ٻئي ۾ ڪينهن. مثلاً

موري منهن وڏا ٿيا، وڍيا ٿان نه وڃن،
اديون! اٺا سن، تن کو جهن کي ڪهڪريان. مومل راڻو

”منهن وڏو“ معنيٰ ”اٺا سو“ (نرلڄو، بيشرم)، جو لفظ شاهه صاحب پاڻ ٻيءَ سٽ ۾ ڪم آندو آهي. اهو لاڙڪاڻي طرف جو اصطلاح آهي، ”پاڻو“ معنيٰ ”منزل“. هيءُ لفظ ڪراچيءَ طرف ڪم اچي ٿو. ”پارا ٿو“ معنيٰ نيا ٿو، هيءُ لاڙ جو لفظ آهي.

”ٻيا سيمت سڙن، ٿرهي ٻنهي ڪنڌئين.“ مارئي

سيمت معنيٰ ورت يا رسا (کوهه مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ)، هيءُ لفظ ٿر ۾ عام آهي. ”ٿرهو“ معنيٰ ”کوهه“. هيءُ لفظ به ٿر ملڪ جو آهي. ٿر جا ٻه پاڱا آهن، ڇاڇري تعلقي جي گڏڙي طرف وارو واريا سو ملڪ ”ڪاٺر جو ٿر“ سڏجيتو. ”ٿرهو“ لفظ اُتي عام آهي. ٿر ڊوڀن جي ڏاکڻي پاڱي وارو واريا سو ملڪ ”پاٽر جو ٿر“ سڏجي ٿو. اُتي ٿرهو لفظ ڪيترن پڌو به ڪونهي، چوڻي به آهي ته

”پارهين پارهين کوهين ٿي ٻولي ٻي“. تعليم کاتي واري رسالي ۾ ”ٿرهي“ لفظ کي پڇي ٻه ٽڪرا ڪري لکيو اٿن ”ته رهي“، انهن ته هيڪاري ماڻهن کي منجهائي ماريو اٿن. رسالي جي گهڻو ڪري سڀني نسخن ۾ اهڙيون غلطيون آهن، مطلب ته:-

(٣) ٽيون سبب هيءُ آهي ته ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري رسالي نڪرڻ کان اڳ، جيڪي به نسخا موجود هئا، تن سڀني ۾ ڪيترن ئي هنڌ غلط پڙهڻيون ڏنل آهن، اهي مونجهاري جو وڏو ڪارڻ آهن.

(٤) ڪي لفظ، جي شاهه صاحب جي ڏينهن ۾ عام هئا ۽ پاڻ ڪم آندا اٿس، سي پوءِ ٻوليءَ منجهان نڪري ويا آهن، جنهنڪري هينئر اهي سيکو سمجهي نٿو سگهي. مثلاً ”ڪان“ معنيٰ ”گهوڙو“. هيءُ سبب ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پاڻ به ڄاڻايو آهي ۽ پر مثال ڪونه ڏنو اٿس، جو هن پهرين جلد مان ڪڍيو اٿم.

(٥) ڪن لفظن جي اصل صورت هڪڙي هئي ۽ پوءِ ٻي ٿي، ته انهن جي معنيٰ ۾ به ڪجهه ڦيريو، جنهنڪري رسالي جا اهڙا لفظ سيکو سمجهي نه ٿو سگهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ اهاڳ لهه ڄاڻائي آهي ۽ پر مثال ڪونه ڏنا اٿس، تنهنڪري پڙهندڙن جي معلوميت لاءِ مان مثال ڏيان ٿو. ”سلڻ“ معنيٰ سچي ڪرڻ، يا چٽي پڌائڻ ۽ ”آلڻ“ معنيٰ سچي نه ڪرڻ يا ڳالهه لڪائڻ. اهي ٻئي لفظ سچيءَ سنڌ ۾ عام آهن ۽ سيکو سمجهي سگهي ٿو. انهن ٻنهي لفظن جي اصل صورت هڪڙي هئي، پوءِ ٻي ٿي

۽ هاڻ وچانئي ٿين آهي ۽ معني ۾ ٿورو ڦير پيو آهن. سنسڪرت ۾ "لپ" معني چوڻ يا ڳالهائڻ يا وات مان اکر ڪيڻ، ۽ "لپن" معني جيڪي چئجي يا ڳالهه (اسم). "آلاپ" ۽ "ورلاپ" لفظ انهيءَ ڌاتوءَ مان نڪتا آهن. انهي سنسڪرت لفظ "لپن" جي منڍ ۾ جيڪڏهن "اُپ" اڳياڙي (Prefix) وجهبي ته "اپلپن" معنيٰ ٿيندي ڳالهه لڪائڻ. "اپلپن" جو اُچار بگڙجي ٿيو "اپلڻ" ۽ پوءِ پيو "پ" اکر به نڪري ويو جنهنڪري ٿيو "اُلڻ". شاهه صاحب اهو "اُپلڻ" لفظ هنطرح ڪم آندو آهي:

"آيل ڪريان ڪئن، منهنجو نينهن اپليو نه رهي" يعني اي اما، مان ڇا ڪريان! منهنجو نينهن اُپليو يعني ڳجهو يا لڪل رهي نٿو سگهي. مطلب ته سڄڻ جي سڪ وچان روئان رڙان ٿي، جنهن ڪري منهنجي نينهن جي پڌر ٿيو پوي.

"مون ته لڪائي گهڻو، پر رُوئڻ ڪئي روشن".

هتي "اپلڻ" لفظ ۾ چڱيءَ نيت سان ڳالهه لڪائڻ جي معنيٰ آهي. پر "الڻ" معنيٰ سچي نه ڪرڻ (بڇڙي نيت سان). انهن معنيٰ ۾ ٿورو ڦير پيو آهي. ساڳي طرح سنسڪرت لفظ "لپن" جي منڍ ۾ جيڪڏهن "سم" اڳياڙي گڏبي ته "سملپن" معنيٰ ٿيندي سامهون ٿي يا منهن تي چوڻ. انجو اُچار ڦهرائين بگڙجي ٿيو "سلپڻ" ۽ پوءِ ٿيو "سلڻ" معنيٰ سچي ڪرڻ (لڪايل ڳالهه جي). "سلپڻ" لفظ رسالي ۾ ڪم آيل ڪونهي؛ پر هنوقت "الڻ ۽ سلڻ" بدران جيڪڏهن ڪو "اپلڻ" ۽ "سلپڻ" چوندو ته اڳلا سمجهندا ٿي ڪين ۽ چوندا ته الاجي ڇا پيو بڪي!

(٦) "ڪئن ڪريان ڪيٺان، منهنجو ساهه ويو سيٺان".

اسين "ڪيٺان" بدران چئون "ڪٿان" معنيٰ ڪين يا انهنکي (ڪٿس معنيٰ هنکي). "سيٺان" بدران عام طرح چئون "ساٿان" يعني هتن سان (ساٿس معنيٰ هن سان). لفظن جون اهڙيون نحوي بناوٽون به ڪن لاءِ مونجهاري جو ڪارڻ ٿين ٿيون.

(٧) ٻيو هڪ سبب جو ڊاڪٽر گربخشاڻي ڇوٿون سبب ڪري ڄاڻايو آهي سو هي آهي ته "شاهه جي تلفظ (اُچارن) ۽ هاڻوڪي تلفظ ۾ البت تفاوت آهي." حقيقتون اهو تفاوت ڪو ايڏو نه آهي جو ماڻهن کي منجها ٿيندو. پر ڪي شايد منجهن، تنهنڪري پڻي اهو سبب به ليکجي.

"قادر ٻهجي قدرت سين قائم آهه قديم".

هتي "ٻهجي" لفظ ۾ نڪ جو اُچار آهيڻي ڪونه، اڄ ڪلهه ساهتي پرڳڻي ڏي ڪيترا "ٻهجو" بدران چون ۽ لکن "ٻهنجو"، پر گهڻا عام طرح چون "ٻنهنجو"، يعني ٻه "ن" گڏين ٿا. اها "نون" غنه گڏڻ جي عادت شاهه صاحب جي وقت کانپوءِ گهڻو وڌي آهي.

"بي بها عالم، آگي ڪيا اڳهم".

"اڳهم" بدران اسين عام طرح چئون "اڳهين". اڳي جتي ٿورو "نون" جو اُچار ڄاڻائڻو هوندو هون، اُتي "نون" بدران "م" لکندا هئا، ته سمجهڻ ۾ اچي ته نڪ جي اُچار جي لٽڪار (Twang) آهي.

"آڏا چڪڻ چاڙ، مهجي موج نه سهي مڪڙي".

اسين هاڻ "چاڙ" بدران چئون "چاڙهه" يعني "هه" جو اُچار بالائي گڏيون ٿا.

"مون ٿي چيءَ ڪاند پتي پاڙم مڪڙي".

"ڪاند" بدران هاڻ عام طرح چون "ڪانڌ" يعني "د" اکر ۾ "هه" جو اچار بالائي گڏي، انکي ڦيرائي "ڌ" ڪن ٿا. اها عادت به شاهه صاحب جي وقت کانپوءِ اسانجن ماڻهن ۾ وڌي آهي، جنهنڪري پارسي ۽ عربي لفظن ۾ به ائين ڪنئا، مثلاً "همت" بدران چون "همٿ" ۽ "ساعت" بدران چون "ساعٿ". اڳوڻن اُچارن ۽ هاڻوڪن اچارن جي وچ ۾ مکيه فرق ايترو آهي، جا ڳالهه ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ پاڻ به "مقدمه" جي صفحه ١٥٦ ۾ ڄاڻائي آهي.

شاهہ جي سنڌيءَ جي ذڪر ڪندي فصل اٺين ۾ گربخشاڻيءَ سنڌي ٻوليءَ جي بنياد جو بہ ذڪر ڪيو آهي. لکيو اٿس تہ اڄ ڪلهہ سنڌيءَ ۾ عربي ۽ پارسي لفظن جو استعمال وڌندڙ آهي ۽ صورتخطي بہ انهن ٻولين جهڙي اٿس؛ پر حقيقتون سنڌيءَ جو عربيءَ ۽ فارسيءَ سان ڪو بہ بنيادي واسطو ڪونهي. سنڌي ٻوليءَ جو بنياد سنسڪرت مان آهي ۽ انهي وقت بوقت ڦيرڦار ٿيڻ ڪري سنڌي، هنديءَ ۽ ٻيون ڏيهي آريہ ٻوليون پيدا ٿيون. ٻولين ۾ ڦيرڦار ڪهڙن سببن ڪري ٿئي ٿو ۽ ٻوليون ڪئن سڌارو ۽ واڌارو ڪن ٿيون سي ڳالهيون بہ ڄاڻايون اٿس. ٻوليءَ ۾ جيڪي لفظ ڪم آڻيون ٿا تن کي پراڪرت نحوين جن جدا جدا قسمن ۾ وراهيو آهي سي قسم بہ ٻڌايا اٿس ۽ علم لغات جي اڀياس ڪرڻ جي ضرورت بہ ڄاڻائي اٿس. هيءَ باب نهايت ڪارائتو آهي. ڪجهہ وقت کانپوءِ مونکي وٽانس معلوم ٿيو تہ اهي ڳالهيون ڊاڪٽر پنبدارڪر جي "ولسن فئلالاجيڪل ليڪچرس" (Wilson philologicl Lectures) مان ترجمو ڪيون هوائين.

فصل نائين ۾ رسالي جي لکوي بناوٽ جو ذڪر آهي. اهو باب بہ ٻوليءَ جي اڀياسين لاءِ بلڪل ڪارائتو آهي.

پويون فصل رسالي جي تصنيف ۽ تاليف جي باب ۾ آهي. هن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ شاهہ صاحب جڏهن وجد جي حالت ۾ ايندو هو، تڏهن بي اختيار ويندو هو بيت چوندو، جي بروقت سندس فقير لکي ڇڏيندا هئا. پوءِ شاهہ ڪريم ۽ ٻين جو ڪلام بہ انهن بيتن ۾ گڏجي ويو، جنهنڪري رسالو اڳي کان وڏو ٿي پيو. سنہ ۱۸۶۶ع ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ رسالي جو دستخط نسخو هٿ ڪري جرمنيءَ ۾ وڃي ڇپايو. ۱۸۶۷ع ۾ بمبئي وارو ڇاپو نڪتو. اهي ٻئي نسخا اڳوڻي صورتخطي ۾ هئا. سنہ ۱۹۰۰ع ۾ سنڌ جي تعليمي کاتي وارن شاهہ جو رسالو هاڻوڪي صورتخطي ۾ ڇپايو. ڪن نسخن ۾ ڪهڙا بيت آهن تہ ٻيا ڪينهن، تنهنڪري مرحوم شمس العلما مرزا قليچ بيگ اهي سڀ بيت هيڪاندا ڪري، پنهنجو ڌار رسالو ڇپايو تہ پڙهندڙن کي جدا جدا نسخن وارا بيت هڪڙي هنڌ آسانيءَ سان ملي سگهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ اهي سڀ ڇاپا ۽ بلڙي شريف ۽ ڀٽ شريف وارا جهونا قلمي نسخا پيٽي هيءُ نسخو تيار ڪيو آهي. جيڪو ڌاريو ڪلام ٻين نسخن ۾ آهي سو ڪونہ ڏنو اٿس. جن بيتن بابت معلوم ٿيو اٿس تہ شاهہ صاحب جا نہ آهن سي بہ ڪڍي ڇڏيا اٿس. ڪوشش ڪري نجو شاهہ صاحب جو ڪلام ڏنو اٿس. انجو لفظ (اُچار) بہ جهونو قائم ڪيو اٿس. اتي مقدمہ (مهاڳ) پورو ٿئي ٿو ۽ شاهہ جو رسالو شروع ٿئي ٿو. هاڻ ڏسڻو پسڻو پيو تہ صحيح پڙهڻين ۽ صحيح معنائن ڏيڻ ۾ ڪيتري قدر سوڀارو ٿيو آهي. انهيءَ ڳالهہ تي ٻئي گهمري ايندس ۽ اهو بہ ڄاڻائيندس تہ مون هيءُ رسالو بروقت ڪهڙي چوڪسيءَ سان ڇو ڏٺو ۽ رکي رکي هينئر انجو سمالوچن لکيو اٿم، تنهن لاءِ سبب بہ ڄاڻائيندس، جو سڄيءَ سنڌ جو انهي واسطو آهي.

ڪانگريس پريزيڊنٽ بابو سڀاش چندر بوس جي تقرير

بابو سڀاش چندر بوس ڪانگريس جي پرڌان پنهنجي صدارتي تقرير ۾ اول سڀني جي شڪرگذاري ڪئي جو ڪيس هن پد لاءِ چونڊيو ويو هو. هن چيو ته اها عزت گويا ملڪ جي نوجوانن لاءِ ڏيکاري وئي آهي جن جي آزاديءَ جي يڌ ۾ وڏي حصي ڪانسواءِ اسين هاڻوڪي اوسٿا ۾ نه هجون ها جنهن ۾ هينئر آهيون. ان بعد هن ماتا سروپ راڻي، سر جگديش چندر بوس ۽ ڊاڪٽر سرت چندر چئٽرجي جي مرڻ تي شوق ظاهر ڪيو ۽ انهن سڀني جوانن جي يادگيري ۾ سر جهڪايائين جن فيضپور ڪانگريس بعد ديش خاطر جان ڏني هئي. ان ڏس ۾ ڊاڪا جيل ۾ هڪ راڄنيتي قيدي مسٽر هريندرناٿ منشي جي بک هڙتال سبب موت جو ذڪر ڪيائين. چيائين ته منهنجي دل اڃا قتيل آهي جو مان هن سوال بابت ڪجهه وڌيڪ چئي سگهان. مان رڳو توهان کان پڇڻ چاهيان ٿو ته هن راڄ ۾ ڪهڙو نه اندير چئبو جو اهڙا ڀڪندڙ ڦهڪندڙ ۽ هونهار جوان جهڙوڪ جتن داس، سردار مهابير سنگهه، رامڪرشن، نامداس ۽ موهت موهن ميترا، هريندرا منشي پارا جڳت ۾ جيئڻ بدران مرڻ پسند ڪندا!

دنيا جو اتهاس

اڳتي هلي سڀاش بابو دنيا جي اتهاس تي روشني وجهندي ڏيکاريو ته دنيا اندر ڪا به سلطنت مغرب ۾ چاهي مشرق ۾ سلامت ڪانه رهي آهي. نه جهوني زماني جي رومن سلطنت اڄ دنيا جي تختي تي آهي ۽ نه هندوستان جي موريه، گپتا يا مغل سلطنت صفحي هستيءَ تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڇا اتهاس جي ان درشٽي بعد برٽش سلطنت جو ڪو ٻيو حال ٿيندو ڪئن؟ ان کي به ٻين سلطنتن وانگر نيسارجي وڃڻو پوندو يا ان بدلي ان کي آزاد قومن جي فيڊريشن جي صورت ۾ زنده رهڻو پوندو. هن ٻڌايو ته ڪيئن هن وقت برٽش سلطنت ۾ سڀني پاسن کان ڇڪتاڻ ٿي رهي آهي. سلطنت اندر اولهه طرف آئرلنڊ ۽ اوڀر طرف هندوستان ۾ ناراضپو آهي. وچ ۾ فلسطين، عراق ۽ مصر ۾ گوڙ هليو اچي. سلطنت کان ٻاهر اٽلي يونچ سمنڊ ۾ ۽ ڄپان چين منجهايو آهي ڇاڪاڻ ته اهي ملڪ ملٽري طاقت ۾ مضبوط آهن ۽ اڳرائي ڪندڙ ۽ سلطنتشاهي جي نشي ۾ چور آهن. وڌيڪ ڪانسواءِ روس جي للائوءَ به توروڏهڪاءِ نه وڌو اٿن.

ڪيترو وقت برٽش سلطنت ان جي اثر ۽ ڇڪ اڳيان بيهي سگهندي.

مسٽر بوس وڏيڪ ڏيکاريو ته برٽن هنوقت پاڻکي "سمنڊ جي راڻي" نه سڏي سگهندي! ١٨ ۽ ١٩ صدي ۾ سندس ساموندي طاقت جي ڪري ئي ستارو زور هو ۽ ٢٠ صدي ۾ ان جي ستاري ٽٽڻ جو جيڪڏهن ڪو ڪارڻ ٿيندو ته اهو آهي هوائي طاقت. ان هوائي طاقت ڪري ئي يورپ سمنڊ ۾ برطانيه جي بحري فوج کي چئلينج ڏيئي رهي آهي.

هندوستان مضبوط

انهي دنيا جي طاقتن جي چڪري جي وچ ۾ هندوستان اڳئين کان وڌيڪ مضبوط ٿي نڪتو آهي. اسانجو ديش هڪ وڏو ديش آهي جنهن اندر اٿاهه آدم يعني ٣٥ ڪروڙ آهي. اسانجي اٿاهه ايراضي ۽ اٿاهه آدمشماري هيستائين اسان جي ڪمزوري جو ڪارڻ ٿيندو رهيو آهي. اڄ جي اسين يڪوجود ٿي حڪومت سان مقابلو ڪريون ته پوءِ اهو آدم اسان جي طاقت جو باعث بڻجي سگهي ٿو.

رياستن جو سوال

هندوستان جي يڪوجودي جي خيال کان ٻهرين ڳالهه اها ياد رکڻ کپي ته برٽش هندوستان ۽ هندوستاني رياستن جي وچ ۾ جدائي صرف هٿراڌو آهي. هندوستان هڪڙو ئي آهي ۽ برٽش هندوستان توڙي رياستن جي ماڻهن جون اميدون ۽ امنگه ساڳيائي آهن. اسان جو مقصد ڀارت جي آزادي آهي ۽ منهنجي خيال موجب اهو مقصد صرف فيڊرل ريپبلڪ ڪڙي ڪرڻ سان پورو ٿي سگهندو جنهن اندر پرڳڻا ۽ رياستون پنهنجي مرضيءَ موجب ڀائيوار هوندا. ڪانگريس وقت بوقت رياستن جي ماڻهن سان انهي لوڪشاهي حڪومت جي سرشتي جاري ڪرڻ جي هلچل ۾ همدردي ۽ اخلاقي مدد پئي ڏني آهي. انين هجي ته هنوقت اسان جا همٿ انين بدل آهن جو پنهنجي رياستي ڀائرن لاءِ ڪجهه ڪري نٿا سگهون، پر اڄ به ڪانگريس کي شخصي طرح رياستي پرجا لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ سندن لڙائيءَ ۾ ڀيري وٺڻ کان روڪ پيل ڪانهي. ڪانگريس اندر مون جهڙا به ڪي ماڻهو هوندا جي چاهيندا ته ڪانگريس رياستي پرجا جي هلچل ۾ وڌيڪ عمليءَ طرح ڀيرو وٺي. مان شخصيءَ طرح اميد رکان ٿو ته ايندڙ وقت ۾ انڊين نئشنل ڪانگريس لاءِ رياستي ڀائرن لاءِ اڳرو قدم کڻڻ ۽ مدد جو هٿ ڊگهيرڻ ممڪن ٿي سگهندو. ياد رهي ته هنن کي اسان جي مدد ۽ همدرديءَ جو گهڻو ضرور آهي.

هندوستان جي ايڪتا

هندوستان جي ايڪتا جي سوال تي ايندي تورانيءَ وارين قومن جو سوال اسان جي اڳيان اچي ٿو. ڪانگريس وقت بوقت ان سوال تي پنهنجي نيتيءَ جي پڌرائي ڪندي رهي

آهي. گذريل سال آڪٽوبر ۾، ڪلڪتي جي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ اڳين نيتيءَ کي وري دهرايو ويو جنهن ۾ ٿورائيءَ وارن قومن کي سپيچ، ڌارمڪ ۽ ٻوليءَ جي آزادي ڏيڻ جو انجام ڪيو ويو ۽ ٿورائي وارين قومن کي سندن حقن جي بچاءَ جي خاطري ڏني ويئي.

هينئر وقت سٺائو آهي جو اسين وري ان ڏس ۾ ڪوشش وٺي هن مسئلي کي حل ڪريون. مان سمجهان ٿو ته سڀني ڪانگريسين جا ويچار ظاهر ٿو ڪريان جڏهن چوان ٿو ته اسين ڪنهن ٺاهه لئي اچڻ لاءِ منتظر آهيون جو قوميت جي بنيادي اصولن سان ٺهڪي اچي. هتي مان تفصيلوار ڪونه ٻڌائي سگهندس ته ڪهڙي نموني ان مسئلي کي حل ڪجي.

گذريل ڪانفرنس ۾ ڳالهين رستي ڪي ڪجهه ميدان تيار ٿيل آهي. مان صرف ايترو چوندس ته اسين پنهنجي عام فائدن (مالي خواه راڄنيتي) لئي زور ڏيڻ سان ئي فرقي وار ڀيدن ۽ نفاق کي دفع ڪري سگهنداسين. ڌرمي ڳالهين ۾ هر ڪنهن کي پنهنجو رستو وٺڻ ڏنو وڃي، باقي گذرانيءَ ۽ راڄنيتي سوالن ۾ ڪوتاهه ڪرڻ اهو اسانجو مقصد هئڻ کپي. اسين جڏهن ٻه ٿورائيءَ وارين قومن جي سوال لئي ويچار ڪريون ٿا تڏهن مسلمانن جو سوال اڳرو رهيتو جيئنو ٽيڪ اسين هن سوال کي آخرين طرح فيصل ڪرڻ گهرون ٿا ته ٻه اٿين چوندس ته ڪانگريس ٻين ٿورائيءَ وارين قومن سان انصاف ڪرڻ لاءِ خواهان آهي خاص ڪري پٺتي پيل ذاتين سان جن جو تعداد گهڻو آهي. مان ٿو ٿورائين وارين قومن کان پڇان ته ٿڌي سيني ويچار ڪري ڏسن ته جڏهن ڪانگريس پنهنجي پروگرام کي عملي جامو پهرائيندي ته پوءِ ٻه ڪين ڊڄڻ جو ڪو سبب آهي ڇا؟

ڪانگريس سڀني هندوستانين جي مالي ۽ راڄنيتي حقن جي رکيا جو اقرار ڪري ٿي. جي اها پنهنجي پروگرام کي عمل ۾ آڻي سگهي ته ته ٿورائي وارين قومن کي ٻه اوترو ئي لاڀ ٿيندو جيترو ٻئي هندوستان جي آدم کي. پر جيڪڏهن راڄنيتي طاقتن هٿ ڪرڻ کان پوءِ قومي اڏاوت جو ڪم ساميه واڌي سڌانتن لئي ڪيو ويندو (جنهن جي ٿيڻ ۾ مون کي ڪو شڪ ڪونهي) ته پوءِ غريبن کي ئي لاڀ ملندو ۽ سڀ اهنج دور ٿي سگهندا.

هاڻي مان ان ڳالهه ڏي ٿو اچان ته ايندڙ وقت ۾ ڪانگريس آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڪهڙو رستو اختيار ڪري ۽ ان جو آزادي جي ڀيد ۾ ڪهڙو درجو هئڻ کپي. منهنجو هميشه کان اهو وشواس آهي ته آزاديءَ جو رستو ستياگره يا اهنسڪ اسهڪار جو آهي جنهن ۾ قانون ٽوڙ اهرڪ

اچي ٿو وڃي. اسان کي ان طريقي کي مانيٽو مقابلو (Passive Resistance) نه سڏڻ کپي ۽ نه (Active Resistance) يعني گرم مقابلو- پر اهو گرم مقابلو اهنسڪ نمونې جو هئڻ کپي. پنهنجي ديش واسين کي اها ڳالهه ٻڌائڻ جو ضرور ڪونهي ته ستياگره يا اهنسڪ اسهڪار وري به هلائڻو پوندو. هيءَ جو پرڳڻن ۾ تجربي طور عهدا قبوليا ويا آهن تنهن مان اٿين نه سمجهڻ کپي ته اسانجو آئيندهه لهرڪ تنج قانوني طريقي جو ٿيندو. اهو هر طرح ممڪن آهي ته فيڊريشن جي زوريءَ مڙهڻ خلاف اسان کي شايد وري ٻيهر وڏي پيماني تي قانون ٽوڙ لهرڪ هلائڻو پوي. اسان جي آزاديءَ جي پڌ ۾ اسان کي ٻن طريقن سان هڪ ونڻو پوندو. اسين پنهنجي پڌ چالو رکون، جيسين اسان کي پورن آزادي ملي ۽ ليستائين ڪا به طاقت ڪم آڻڻ کان نا ٻري وارين جا اسين همٿ ڪريون. ٻئي طرف اسين پنهنجي پوزيشن قدم قدم تي مضبوط ڪندا هلون ۽ ساڳئي وقت پورن سوراج جي هلچل پڻ هلائيندا هلون.

اصول جي خيال کان ٻئي طريقا نيڪ آهن پر اهو ويچار ضرور ڪرڻ کپي ته کهڙو رستو اسان جي قومي واداري لاءِ وڌيڪ ڪارائتو ٿيندو. هر ڪنهن رستي وٺڻ ۾ آخرين مقصد اسان جو اهو ٿي ٿيندو ته برطانيه سان واسطو ٽوڙ جي. جڏهن برطانيه سان واسطا ٽوڙيا سين ۽ برٽن جي ضابطي جو نالو نشان هندوستان ۾ نه رهندو تڏهن اسين فيصل ڪندا سين ته گريٽ برٽن سان آئينده ڪهڙو رستو رکون جنهن لاءِ ٻنهي ڌرين جي رضامنديءَ سان ڪو عهدنامو ڪرڻ ۾ ايندو. اسان جو برٽن سان آئينده رستو ڪهڙو ٿيندو يا ٿيڻ گهرجي تنهنجي ذڪر ڪرڻ جو هينئر وقت نه آهي. ان جو گهڻي ڀاڱي مدار انگريزن جي رخ تي ٿي رهندو. ان ڏس ۾ آئرلنڊ جي پريزيڊنٽ ڊي وليرا جو رخ مون کي پسند آهي. هن وانگر اسين به چئون ٿا ته انگريزن سان اسان جي ڪا به دشمني ڪانهي. اسين گريٽ برٽن سان لڙي رهيا آهيون ۽ اسان کي پورن آزادي ملڻ کپي ته فيصلو ڪريون ته آئينده ان سان ڪهڙو ناتو رکون پر جڏهن خود ارادي پٽاندر سچي آزادي اسان کي ملندي تڏهين اسان کي انگريز لوڪن سان دوستاڻي ناتي رکڻ ۾ ڪو هرج ڪو نه ٿيندو.

اڏاوتي ڪم

جيتوڻيڪ هينئر ان اڏاوتي ڪم جي رٿ ڏيڻ جو وقت ڪونه آهي ته به اسان کي ڪي اصول ويچار ۾ آڻڻ کپن جن تي آئينده جو سماجڪ جوڙجڪ اسانکي ناهڻ کپي. مونکي ڪو به شڪ ڪونهي ته اسان جا مکيه قومي مسئلا غريبي، بي علمي ۽ بيماري

جي ترقي جا وگياني طريقن سان ۽ پيداش ۽ وراهست جا ساميوادي طريقن سان پوري طرح اثر انتي لمونـي حل تي سگهندا. اسانجي قومي سرڪار کي پهريون قدم اهو کڻڻو پوندو جو هڪ ڪميشن اڏاولي ڪم جي رٿ ناهڻ لاءِ وهاريندي. ان رٿ جا ٻه حصا ٿيندا. هڪ ڊگهو پروگرام ۽ ٻيو گهٽي مدي وارو پروگرام- پهرين پاڳي ۾ لڪڙي مراد اها ٿيندي ته ملڪ کي خود قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ڪجي. ٢- هندوستان کـي يڪمشت ڪجي ۽ ٣- مڪاني سيپٽڪ آزادي لاءِ پورو وجهه ڏجي. ٻيو ۽ ٽيون مقصد هڪ ٻئي جي ابتڙ نظر ايندو پر ائين نه آهي. اسان ۾ جيڪو ٻه راجنيتي فهم يا هوشياري آهي سا انهـن ٻن مرادن پوثواب ڪرڻ ۾ خرچ ڪرڻي پوندي. اسانکي ملڪ کي يڪمشت ڪرڻو پوندو جيئن هندوستـان کي کنهن ٻه ٻاهرين ملڪ جي حملي کان بچائجـي. هڪ زبردست مرڪزي سرڪار دواران ملڪ کي ايڪتا ۾ ٻڌڻ سان اسان کي سيني تورانيءَ وارين قومن ۽ ٻوڃڻن کي گهٽي ۾ گهٽي آزادي سيپٽڪ ٿوڙي سرڪاري ڪاروبار جي ڏلي ويندي جيئن انهن کي آٿت هجي. خاص ڪوشش ڪري پنهنجي ديش واسين کي يڪوجود رکڻو پوندو جيسين ڊارلي راج کي هٽان دور ڪيو وڃي جو ته ڊارلي راج اسانکي گهٽي پاڳي ٻه ڪمزور ۽ ڇڙ ڇڙ ڪا ٻڙو بنايو آهي.

قومي ٻولي ۽ لپي

قومي ايڪتا آڻڻ لاءِ اسان کـي پنهنجي قومي ٻولي ۽ هڪ لپـي کي همٿائڻو پوندو. اسان جي قومي ٻولي ڪهڙي ٿيندي تنهن بابت مونکي ايترو چوڻو آهي ته هندي ۽ اڙدو ۾ تفاوت هٿرادو رکيل آهي. اسان جي قومي ٻولي هنن ٻنهي ٻولين جي ميلاپ مان ٿيڻ کپي جا ملڪ جي گهڻـي پاڳي ۾ ڳالهائـي وڃي ٿي ۽ اها عـام ٻولي ٻنهي ٻولين اڙدو يا ناگريءَ ۾ ٿي لکي وڃي. مونکي سڌ آهي ته هندوستان ۾ ڪيترا ماڻهو آهن جي چاهين ٿا ته انهن مان هڪ ٻولـيءَ کي ئي قومي ٻولي ڪيو وڃي ۽ ٻيءَ کي ڇڏيو وڃي. اسان صرف هڪ کي قبولي ٻين کي صفا ڇڏي نٿا سگهون. اسانکي سيني کي آزادي ڏيڻ کپي تـه ڪا ٻه لپي ڪم آڻين پر ساڳئي وقت منهنجو رايو آهي ته آخرين علاج ان سوال جو اهو آهي جو بلڪل سنو علاج آهي ته اها لپي ڪم آڻجي جا اسان کي دنيا سان ڳنڍي - مان سمجهان ٿو تـه منهنجي رٿ تي ڪي ديشواسي ڏکي ويندا جيڪڏهن مان صلاح ڏيان ته رومن لپيءَ کي ڪم آندو وڃي جا دنيا سان اسانکي ڳنڍيندي. مان دوستن کي عرض ڪندس ته هن مسئلي کي وگياني ۽ اڀياسڪ نقطي نظر کان ڏسن. جي اسين ائين ڪندا سيـن ته محسوس ڪنداسين ته رومنلپيءَ ۾ ڪو ٻه اعتراض

ڪونهي. ناگري لپي ڪيترن ئي درجن مان لنگهي آهي ۽ هيئنر هندوستان جي ڪيترن ڀاڱن ۾ ڪم آندي وڃيٿي. هوڏانهن اڙدو لپي به اڙدو ڳالهائيندڙ ماڻهو هندو توڙي مسلمان پنجاب ۽ سنڌ جهڙن پرڳڻن ۾ ڪم آڻين ٿا. ڪو وقت هو جو مان سمجهندو هوس ته ڌار ڌار ملڪ جي لپي ڪم آڻڻ قوميت جي ورڌ آهي پر ١٩٣٤ ۾ جڏهن مان ترڪيءَ ۾ ويس تڏهن منهنجا هي خيال بدليا. مون تڏهن محسوس ڪيو ته اها ساڳي لپي رکڻ جا دنيا ڪم آڻي ٿي تنهن مان ڪيترو ئي لاڀ آهي. اسانجي عام جنتا ۾ ٩٠ سيڪڙو ماڻهو صفا بي علم آهن جن کي ڪنهن به لپيءَ جي سڌ ڪانهي. انهن کي جڏهن اسين تعليم ڏينداسين تڏهن هنن کي اهو خيال نه رهندو ته ڪهڙيءَ لپيءَ ۾ اسان کي سکيا ملي. رومن لپي سکڻ سان هو يوروپي ٻوليون سکي سگهندا. مان سمجهان ٿو ته رومن لپي هن وقت اسانجي ملڪ ۾ ڪم آڻڻ جو ورود ٿيندو پر پنهنجي ديش واسين کي اپيل ڪندس ته هو تڏي سينيءَ ويچار ڪن ته آخر ڪهڙو چڱو علاج ٿيندو.

آدم جي واڌ

مان ان ڳالهه ۾ وڃڻ نٿو گهران ته هندوستان جو آدم حد کان وڌيڪ آهي يا گهٽ. مان صرف ايترو چوڻ ٿو گهران ته جنهن ديش اندر غريبي، بک ۽ بيماري گهر ڪري ويٺي آهي تنهن ۾ ڏهين سال ٣ ڪروڙ آدم وڌي سوان جي وٽ کان ٻاهر ٻوجو آهي. جي هندوستان جو آدم ان رفتار سان وڌندو رهيو جئن اڳ وڌيو آهي ته پوءِ اسان جون سڀ اڏاوتي رٿون پسي پونديون. ان ڪري اهو نهايت ضروري آهي ته اسين آدم جي وڌڻ لي روڪ وجهون جيسين اسين اڳيئي رهندڙ ماڻهن کي کاڌو ڪپڙو ۽ تعليم پهچائي سگهون. هن وقت آدم جي وڌڻ کي روڪڻ لاءِ اپاون ڏسڻ جو ضرور نه آهي پر مان چوندس ته پبلڪ جو ڌيان هن طرف ڇڪايو وڃي.

غريبي ٽوڙڻ

اڏاوتي ڪم جي سوال بابت اسان اڳيان مکيه سوال ٿيندو ملڪ مان غريبي ٽوڙڻ جو. ان لاءِ زميندارين سرشتي کي چڱي طرح ڦيرڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ زميندارين سرشتي کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه به اچي ٿي وڃي. هارين نارين جي قرض جي حالت دور ڪرڻي پوندي ۽ ڳوٺاڻن کي سستي وياج تي قرض ڏيڻ جو بلو ڪرڻو پوندو. پيدا ڪندڙن ۽ کپائيندڙن جي لاڀ لاءِ سهڪاري هلچل جو ضرور ٿيندو. کيتي کي وگياني طريقي لي هلائڻو پوندو جئن زمين مان پيداش وڌي سگهي.

گذراني سوال حل ڪرڻ لاءِ کيتي جي سڌاري جي وڌيڪ ضرورت ڪانهي. سرڪار جي نظر ۽ ضابطي هيٺ هنري

واڌاري جي ٻه هڪ رٿ ناھڻ ڪپي. هڪ نئين هنري سرشتي جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته اڳيون سرشتو ولايت ۾ بيشمار پيدائش ۽ ديش اندر ڌارئي راڄ ڪري نابود ٿي ويو آهي. پلئننگ ڪميشن جيڪا مقرر ڪرڻ ۾ اچي سا پوري طرح جاچ ڪري ويچار ڪندي ته اڄ ڪالهه جي ڪارخانن جي چٽا پيٽي ۾ ڪهڙا گهرو هنر نئين سر اسرايا وڃن ۽ ڪهڙي ڏس ۾ گهٽي پيدائش کي همٿائجي. اسين ڪيترو ٻه ڪري هاڻوڪن ڪارخانن کي پسند نه ڪريون ۽ انهن جي خرابين کي لنديون ته ٻه اسين مشنري ڪان اڳئين زماني طرف نه وڃي سگهنداسين. ان ڪري اسان کي ڪارخانن تي ياڙهو ٿي پوندو پر اسان کي انهن جي خرابين کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ ساڳئي وقت ڳوٺاڻن هنرن جي نئين اسرائڻ لاءِ سڀ رستا وٺڻ کپن. هندوستان جهڙي ملڪ اندر ڳوٺاڻن هنرن جي لاءِ ٻه جڳهه آهي خاص ڪري انهن هنرن جي، جي ڪيتي سان واسطو رکن ٿا ۽ جن ۾ ڪتڻ ۽ اُڻڻ تو اچي وڃي. آخر ۾ اسانجي سرڪار کي پلئننگ ڪميشن جي صلاح تي هڪ سچي رٿ ڪيتي ۽ هنري سرشتي کي سا ميوادي طريقي تي هلائڻ لاءِ بحال ڪرڻي پوندي. انلاءِ جدا موڙي اندرين يا ٻاهرين قومن دوارا ن هٿ ڪرڻي پوندي.

انتظام ۽ اپياس جي ضرورت

آئينده لاءِ اثرائتي يد جوڙڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته اسين پنهنجو گهر سنڀاليون ۽ ميلاپ آڻيون. گذريل ٽورن سالن ۾ عام جنتا ۾ اها زبردست سجاڳي آيل آهي جو اسان جي پارٽي جي انتظام بابت نوان مسئلا پيدا ٿيل آهن. اسان جي ميڙن ۾ اڏ لک کن ماڻهو اچن سا هڪ روز جي ڪار ٿي پيئي آهي. ڪڏهين ڪڏهين ڏنو ويو آهي ته ايڏن اتاهه ميڙن ۽ مظاهرن تي ضابطو آڻڻ لاءِ اسان جي مشنري پوري نه آهي. انهن مظاهرن کانسواءِ اسان اڳيان اهو مسئلو آهي ته ان عام اتساهه ۽ عام جي طاقت کي پوري رستي تي هلايون پر اسان کي پوري انتظام واري والنٽيئرن جو جٿو نه آهي. آهي ڪو اسان وٽ قومي شيوڪن لاءِ آفيسرن جو جٿو؟ اسان پنهنجن نون اڳوانن ۽ هوڻهار نوجوان ڪم ڪندڙن جي سکيا لاءِ ٻه ڪو پربند ڪيو آهي؟ انهن سوالن جو جواب ظاهر پيو آهي. اڄ ڪالهه جي راڄنيتي پارٽي جي لاءِ جي ضرورتون آهن تن لاءِ اسان ڪي ڪين ڪيو آهي. وقت آهي جو اسان کي اهي بندوبست ڪرڻ کپن. انکانسواءِ اسانکي پنهنجي راڄنيتي ڪم ڪندڙن لاءِ تعليم ۽ ترتيب جو بندوبست ڪرڻ بنهه لازمي آهي جئن آئينده لاءِ اسين سنا اڳوان پيدا ڪري سگهون.

[هندوستان ورتل]



ڪرنل لارينس

ليکڪ:- مولائي شيدائي

عالمگير جنگ جي شروعات وقت هندستان تي حملي ڪرڻ لاءِ ترڪي ۽ جرمن جنگي وزارت هڪڙي پاسي ايران نار تائين پهچڻ لاءِ برلن بغداد ريلوي لائين کي تيار ڪرڻ ۾ رڌل هئي ته ٻئي پاسي سندن فوجون جمال پاشا ۽ وان ڪريسٽ جي مهنداري هيٺ انگريزن جي پٽيءَ جي ڪنڌي کي پٽڻ لاءِ سوئيز ڪئنال تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿين ۾ ها. فيلڊ مارشل لارڊ ڪچنر مٿين ڪاررواين متعلق انگريزي جنرل اسٽاف جي ميمبرن کي اڳيئي خبر ڏئي چڪو هو. پر دنيا ڏٺو ته عالمگير جنگ لڳڻ کان ٿورو وقت پوءِ اوچتو عربستان جي رڻپٽ مان هڪڙو اهڙو ڀيانڪ طوفان اٿيو جنهن نه رڳو جرمن ۽ ترڪن جو عربستان، فلسطين ۽ شام مان لڏو ويڙهي ڇڏيو پر جيروسلم (بيت المقدس) جو قديم مذهبي شهر جنهن جي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪو زمانو يورپ وارن ڪروسيڊ مذهبي جنگيون جوٽيون هيون لنهنتي انگريزي فوجن قبضو ڪري ورتو. عربن ۾ انقلاب پيدا ڪندڙ پر اسرار شخص ڪرنل ٿامس ايڊورڊ لارينس هو جو عام طور ڪرنل لارينس سڏبو هو. اصل آئرلنڊ جو رهاڪو هو پر سندس رڳن ۾ انگريزي، اسڪاچ ۽ اسپينش خون موجود هو. سندس وڏن وڏن ڪروسيڊ جي جنگين کانسواءِ ١٨٥٧ واري هندستاني بلوه ۾ حصو ورتو هو. شاگردي جي وقت ۾ لارينس کي علم تواريخ، شاعري ۽ آثار قديمه سان گهڻي دلچسپي هئي. آڪسفورڊ ۾ بي-اي جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو هڪڙي تحقيقاتي ڪاميٽي سان گڏ جي پئلسٽائين، شام ۽ عراق ۾ قديمي آثارن جي ڳولا ڪرڻ لاءِ نڪتو. مٿين سفر ۾ هن اُتي جي رهاڪن جي رسمن ۽ عادتن سان گهڻي واقفيت حاصل ڪئي. جرمن انجنيرن کي ترڪي علائقن ۾ رستا تيار ڪندو ڏسي هن سهي ڪري ورتو ته ضرور ڪا جنگ لڳڻي آهي جنهن لاءِ اڳيئي جرمن تياريون ڪري رهيا آهن. هي ڳالهيون ڳجهيون هو جڏهن لارينس سموريون دلچسپيون ڦٽي ڪري انگريزي سلطنت جي بچاءَ جي فڪر ۾ لڳي ويو. ١٩١٣ ۾ هو سفر کان فارغ ٿي آڪسفورڊ موٽيو ۽ جيڪي شيون هٿ ڪيون هوائين سي اتي جي عجائب خانه جي حوالي ڪيائين. جنگ جي شروعات

کان ٿورو اڳ هن لارڊ ڪچنر جي تيار ڪيل فوج ۾ داخل ٿيڻ لاءِ درخواست ڏني پر جنهن صورت ۾ هو بدن ۾ ڏٻرو هئو ان حالت ۾ فوجي ڪامن سندس درخواست کي رد ڪري ڇڏيو. پر اڳ ڏيکاري چڪا آهيون ته لارينس کي مشرقي ملڪن ۽ انهن جي رهاڪن جي پوري خبر هئي انڪري جنگ لڳڻ شرط فوجي ڪامن کيس مصر گهرائي ورتو جتي ترڪن ۽ جرمن جي خلاف انگريز زبردست تياريون ڪري رهيا هوا.

لارينس اچڻ سان جنرل هيڊڪوارٽر جي آفيسرن کي اهڙا نقشا تيار ڪري ڏيکاريا جو ملٽري آفيسر حيران رهجي ويا. پروقت قابليت ۽ تجربه جي ڪري هو جو ليفٽيننٽ جي عهدي کي پهتو. بعد ۾ خفيه فوج (Secret Crops) ۾ داخل ٿيو. مشرقي ملڪن جي هنکي واقفيت هئي تنهنجو اثر بالا عملدارن تي اهڙو پيو جو اهي سندس اشاري تي ڪم ڪرڻ لڳا. ١٩١٥ جي شروعات ۾ ترڪن عراق ۾ جنرل ٽاؤنشينڊ کي سندس فوجن سميت قيد ڪيو.

انگريزن خيال ڪيو ته ڪئن به عربن کي ترڪن جي خلاف بغاوت ڪرائي ڪڙو ڪجي. انڪري هنن پهريون مڪي جي شريف حسين ۽ سندس پٽن کي لالچ ڏيئي بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. ٩ جون ١٩١٦ تي شريف حسين بغاوت جو جهنڊو کڙو ڪيو. لارينس جو موقعه جي تاڙ ۾ هو سو مصر ڇڏي مڪي پهتو. قابليت جي زور تي هن صحرائي قبيلن جي سردارن کي گڏي ڏهه هزار فوج گڏ ڪري ترڪن جو اهڙو نڪ ۾ دم آندائين جو هو حجاز مان ڊڄي ويا. ترڪي ۽ جرمن عملدارن لارينس کي گرفتار ڪرائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا پر هو هٿ چڙهي نه سگهيو. آخر هنن اعلان ڪيو ته جيڪو لارينس کي گرفتار ڪري آڻيندو يا قتل ڪندو ته انکي پنجاه هزار پائونڊ انعام ڏبو. پر لارينس صحرائي قبيلن ۾ اهڙو رسوخ پيدا ڪيو جو اهي کيس "شريف" جي لقب سان سڏڻ لڳا.

لارينس وٽ اهڙو طلسم هو جو عرب هنکي پنهنجو سچو همدرد سمجهي سا ٿس آخر تاءِ وفادار رهيا. حجاز کانپوءِ عراق تائين جيڪي به صحرائي قبيلا هوا سي ترڪن جي خلاف جنگ جي ميدان ۾ ٽپي پيا.

انگريزي فوجن لاءِ هن ميدان صاف ڪري ڇڏيو ڪرنل لارينس جرمن ۽ ترڪن جي خلاف عربستان جي رٿپٽ ۾ اهڙو رڻ پاري ڏنو جو شام جي فوجن جي ڪمان جرمن جنگي وزارت فيلڊ مارشل فالڪهيان (Von Fal-kenhayen) جي حوالي ڪري ڇڏي جو هڪڙو تجربيڪار فوجي جرنيل هو. ترڪن ۽ جرمن جون سڀ ڪوششون بيڪار ثابت ٿيون ڇاڪاڻ جو لارينس جي طلسم ڪري شامي عرب به فساد لاءِ تياريون ڪرڻ لڳا. جبل دروز جا قبيلا لارينس جي اشاري تي ترڪي فوجن تي حملا ڪرڻ لڳا. انڪري لاچار مارشل وان فالڪهيان شام کي خالي ڪرڻ لاءِ اراده ڪيو.

انگريزي فوجون جيڪي فيلڊ مارشل آلنبي (Allenby) جي هٿ ۾ پئلسٽائين ۾ موجود هيون تن لاءِ دمشق تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ

وسندو صفا ٿي ويو. هڪ لک ترڪي فوج ٻاهر ٿي ويئي. جنرل فخري پاشا، جمال پاشا ۽ وان فالڪهيان حجاز، پئلستائين ۽ شام خالي ڪري ويا. مشرق قريب مان ترڪي ۽ جرمني جو لڏو ويڙهي لارينس، شريف حسين جي پٽ امير فيصل کي ساڻ ڪري، صلح جي ڪانفرنس ۾ عربن جي آزادي جي سوال کي پيش ڪرڻ لاءِ يورپ ڏانهن هليو. پئرس جي صلح ڪانفرنس ۾ هن "پان عربيا" (Pan-Arabia) جي سوال لئي گهڻو زور ڏنو پر هينئر وقت گذري چڪو هو. شام فرانس وارن ورتو، فلسطين انگريزن جي قبضي هيٺ اچي ويو. لارڊ بالفورڊ جي پڌرائي موجب فلسطين ۾ يهودين لاءِ بينڪ جوڙي ويئي. رڳو حجاز لئي شريف حسين جي بادشاهي قائم ٿي. امير فيصل کي عراق جي حڪومت ڏني ويئي. شريف جي ٻئي پٽ کي ٽرنس جاردان جي علائقي ۾ مٿان ٽاپيو ويو. عرب جن کي سچي عربي ملڪ مٿان حڪومت هلائڻ جو صدين کان فڪر دامنگير هو سو سندن خواب غلط نڪتو. ويندي اڄ ڏينهن تائين پئلستائين ۾ يهودين جو رڳڙو هلندو تو اچي. پئرس ڪانفرنس جي زماني ۾ ڪنهن شخص امير فيصل کان سوال پڇيو ته موجوده سياستدانن متعلق تنهنجو ڪهڙو رايو آهي؟ جواب ڏنائين "اهي هڪڙي قسم جون رنگين تصويرون آهن جنکي گڏلن تي لٽڪائي پريان بيهي ڏسجين" شريف حسين جنهن ترڪن سان غداري ڪئي هئي سو گهڻو وقت حجاز جو تخت ماڻي نه سگهيو. ١٩٢٤ ۾ نجد جي امير ابن سعود حجاز تي قبضو ڪري ورتو. پئرس جي صلح ڪانفرنس کان پوءِ لارينس لنڊن ۾ گمنام زندگي گذارڻ لڳو. اڪثر انگريزي اخبارن، رسالن ۽ سئنيمائن جي پڙدن تي سندس ڪارناما ظاهر ٿيڻ لڳا. لنڊن ۾ رهندي اٽڪل ٢٨ خط ڪيس انگريزي حسين عورتن پاران شادي لاءِ وٽس پهتا پر هو سمورو وقت فارسي شاعري جي مطالع ڪرڻ ۾ گذارڻ لڳو. آخر جڏهن سندس پراسرار زندگي جون خبرون يورپ جي شهرن ۾ پهتيون تڏهن هڪڙي اٽالين اميرزادي سندس پنيان پئي. لارينس لنڊن ڇڏي ڪنهن گمنام هنڌ تي رهڻ لڳو. مسٽر ونسٽن چرچل ڪالونئل سيڪريٽري مشرق قريب جي جوڙجڪ ڪرڻ ۾ لارينس کي گهرائي ڪانفرنس معلومات حاصل ڪرڻ لڳو. مٿين ڪم ۾ لارينس ڪي ڪو وقت انگلنڊ جي ڪالونئل آفيس ۾ بطور صلاح ڪار جي رهڻو پيو. لارينس سياح جو ماڻيو اڻ ٿڪ ۽ محنتي هو. شراب ۽ تماڪ کان پري رهندو هو. صحرا ۾ سمورو وقت چاڪوليٽ کائڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ ۾ گذاريندو هو. حڪومت فرانس ۽ انگلنڊ پاران سندس ڪارنامن جي عيوض ڪيس مشهور بلا ۽ خطاب مليا پر هن ڪا به پرواه ڪا نه ڪئي. سندس زندگي سادي هئي. هڪڙي ڀيري ڪنهن دوست پڇيس ته توکي دنيا ۾ ڪنهن شيءِ جي ضرورت آهي؟ جواب ڏنائين مونکي رولس رائيس موٽرڪار ۽ پيٽرول ڪپي بس. عربستان جي سفر ۾ هن

گهڻائي تواريخي حالات هٿ ڪيا هوا پر افسوس جو جنهن ڳوٺڙي ۾ سنڌس ڪاغذ رکيل هيا سا آڪسفورڊ ۾ ڪو شاهينگ چورائي ويو. جيڪڏهن سنڌس حالات ڇپجن ها ته شايد يورپ وارن کي عربستان جي آثار قديم متعلق وڏيءَ معلومات جو ذخيره هٿ اچي وڃي ها، ڇاڪاڻ جو عربستان جي آثار قديم متعلق هن اڳوڻن يورپي سياحن جهڙوڪ مسٽر برٽن (Burton) ۽ ڊفي (Doughty) کان وڌيڪ تحقيقات ڪئي هئي. آخر لنڊن کان ڏهن ميلن جي فاصلي تي هڪڙي جهوپڙيءَ ۾ ويهي هن عربستان تي هڪڙو ڪتاب تيار ڪيو جو برٽش ميوزم ۾ رکيل آهي. ڪتاب ايترو قدر مفيد هو جو رڊيارڊ ڪپلنگ (Rudyard Kipling) ۽ برنارڊ شا Bernard-Shaw جهڙن اديبن جو چوڻ آهي ته لارينس جو ڪتاب انگريزي لٽريچر ۾ مصر جي اهرام (Pyramid) وانگر حيثيت رکي ٿو. مٿين ڪتاب کانسواءِ يورپ جي ٻين پورب جي ڄاڻن (Orientalists) وانگر هن چارلس مانٽيگو ڊفي جي مشهور سياحت نامه (Travels in Arabia Deserta) جو مهاڳ (Arabia Deserta) نالي لکيو جو بيحد پسند آيو. غرض لارينس جي زندگي الف ليلي جي آکاڻين وانگر پراسرار آهي. هو اديب به هو، سياح به هو، فاتح به هو، جاسوس هو ۽ مورخ به هو. سنڌس دور جو تواريخن ۾ مارڪو پولو، ڪلائيو ۽ جنرل گارڊن جهڙو ليکجڻ ۾ اچيتو. هي اهو شخص هو جنهن قيصر وليم ثاني جي ورهين جي محنتن ۽ اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.



پارٿ جي پراچين وديا

ڊاڪٽر رين جڏهن پارٿ ورش جي ياترا پوري ڪري پنهنجي ملڪ جرمنيءَ ۾ پهتو، تڏهن سندس خوشيءَ جي حد نه هئي. پرديس مان موٽي، پنهنجن مٽن مائٽن سان ملڻ ۾ جا خوشي ٿي ٿئي سا ته هن کي اوس ٿي، پر سندس بيحد خوشيءَ جو هڪ ٻيو به سبب هو. ان کان اڳ به ڊاڪٽر ڪيترا ڀيرا ايشيا جا ملڪ گهمي موٽيو هو مگر سندس گهر وارن ڪيس اهڙو خوش ڪڏهن ڪونه ڏٺو هو. پارٿ ورش مان آندل سوکڙيون پنهنجن ٻارن ۽ زال کي ڏيندي سندس منهن ٻهڪي ٽڙيو.

ڊاڪٽر رين کي پراچين زماني جي ڳالهين سان ڏاڍو پريم هو. هو برلن يونيورسٽيءَ ۾ پراڻ وشيه جو پروفيسر هو. يونيورسٽيءَ جا سڀ پروفيسر ۽ وديارٿي سندس هوشياريءَ تي اکين چڪن هوا. هو رات ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن کوجنا ۾ رڌل رهندو هو، ايتري قدر جو ڪيس زال ۽ ٻارن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو به وقت نه ملندو هو. هن هندوستان مان هن پراچين زماني جون گهڻيئي شيون آنديون هيون، ڪجهه جهونا پستڪ ۽ سڪا، نورجهان جي ڪم آندل جتي، مغل بادشاهن جا برتڻ وغيره. تنهن کان سواءِ گڏيون، رانديڪا، مٺائي وغيره به ڪٺي آيو هو. سندس ٻار اهي عجيب شيون ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ٿيا.

ڊاڪٽر ٻارن کي اهڙو خوش ڏسي زال کي چيو ته:- هن دفعي هندستان مان مون کي وڏو خزانو هٿ لڳو آهي.

مسز رين ان ڳالهه جو مطلب نه سمجهي سگهي. هوءَ اچرج مان مڙس جي منهن ۾ نهارڻ لڳي. ڊاڪٽر رين پنهنجي مئڊم کي گهڻو وقت حيرانيءَ ۾ نه رکي مشڪندي پنهنجي بئگ مان هڪ ويڙهيل وڏو تاڙ جو پن ڪڍيو. ان پن تي ڊنل اکرن ۾ ڪجهه لکيل هو.

اُن پن کي ڏسي سندس مئڊم ٺهڪ ڏيئي چيو ته:- تنهنجي هن خزاني لاءِ شايد قيصر به ٽڙقندو هوندو!

ڊاڪٽر صاحب مشڪندي چيو ته:- هيءُ تاڙ جو پن هڪ اهڙي خزاني جي ڪنجي آهي جنهن ۾ اٿاهه ڌن ڀيل آهي. افسوس اهو آهي جو ڪنجي

ته مون وٽ آهي پر اهو خزانو هندوستان ۾ لڪو پيو آهي، سا سڌ ڪانهي. ان خزاني ڳولڻ لاءِ مون کي هڪ پيرووري اُن وچتر ديس جي مسافري ڪرڻي پوندي.

زال مڙس ۾ ان ڳالهه تي ڪيترو وقت بات چيت ٿيندي رهي.

اُن تاڙ جي پن جي ڪهاڻي هن ريت آهي:—

ڊاڪٽر رين کي هندوستان جي پراچين سڀيتا ۾ ڏاڍي شردا هئي. ڪيس وشواس هو ته هاڻوڪي وگيانڪ دنيا به ان مان ڪجهه پرائي سگهي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جڏهن سفر لاءِ هندوستان آيو هو تڏهن سندس اڳيان هيءَ به اُديش هو ته هو ڀارت ورش جي ڪنهن پراچين وستو جي کوجنا جي ڪوشش ڪندو.

انهن ڏينهن ۾ مغلن جي راڄ جي پڇاڙي ٿي چڪي هئي ۽ انگريز لوڪ نديءَ جي وهڪري وانگر وڌندا ٿي ويا. ڊاڪٽر رين جو هڪ انگريز دوست انهن ڏينهن ۾ مدراس طرف ريونيو ڪليڪٽر هو. هڪ ڏينهن ڪل چرچي ۾ پنهنجي دوست کي کوجنا جو شوق ڏسي هن اهو تاڙ جو پن کيس ڏنو هو. ڪليڪٽر کي اهو تاڙ جو پن ٿورا ڏينهن اڳ ڪنهن ڳوٺ جي ٻاهران اڏامندو هٿ لڳو هو. ڊاڪٽر صاحب اهو پن ڏاڍي سنڀال سان سانڍي رکيو. واپس موٽندي جهاز ۾ گهڻو وقت هو ان پن جي کوجنا ۾ لڳا ٿيندو هو.

هڪ ڏينهن اوچتو کيس ان تاڙ جي پن ۾ هڪ نئين ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي. انهن ڏينهن ۾ يورپ ۾ ڌاتو ناهڻ جا وڏا ڪارخانا ڪونه هوا. دهلي ۾ لوهه جي ٿنڀي کي ڏسي هو حيران هوا ته ڀارت واسين هيڏو لوهه جو ٿنڀو ڪئن ناهيو آهي. اڄ اوچتو کيس سمجهه ۾ آيو ته تاڙ جي پن تي ڌاتو ناهڻ جي ترتيب لکيل آهي. ڊاڪٽر جي خوشي جي حد نه رهي. جيڪڏهن اُن وقت ڪو پيو ماڻهو سندس ڪوٺيءَ ۾ هجي ها ته هو کيس ان حالت ۾ ڏسي پڪ سمجهي ها ته ڊاڪٽر جي ڪل ڦري آهي. ان خوشي گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪيو جڏهن ڊاڪٽر ارمان سان ڏٺو ته هن اڪيلي پن مان مطلب سڌ ٿي ڪين سگهندو. هيءُ ته ڪنهن پستڪ جو هڪ پنو آهي. سڄي پستڪ هٿ ڪرڻ بنان هي پن سندس ڪنهن ڪم جو نه هو. ان هوندي به کيس پڪو ڀروسو هو ته ٿوري ڪوشش ورڻ سان هو سارو ڪتاب هٿ ڪري سگهندو. اهو خيال کيس اچا به خوش ڪري رهيو هو.

(۲)

سن ۱۷۹۳ع جي ڊسمبر مهيني ۾ پئرس ۾ انترراشٽريه پراچين کوجنا جي مهاسڀا جو ميڙ ٿيو. انهن ڏينهن ۾ اهو ڪم بلڪل زور هو. اهڙي قسم جون يورپ ۾ ٿي سڀائون هيون. انهن ٿنهي

جي ٻاڻ ۾ ٻڌت نه هئي، هرڪا سڀا
پنهنجي ڪمن کي ساراهڻ لڳندي هئي.
اُهي ڏينهين ٽن ملڪن - مصر،
هندوستان ۽ يونان جي پراچين ڳالهين
جي کوجنا جو ڪم جاري هو. سڀڪو
ودوان پنهنجي نموني پنهنجي کوجنائن
جي واکاڻ ڪندو هو. ان ڪري هن
پيري ٽئوس ۾ سڀني کوجنا ڪندڙ
وگيانن جو گڏيل ميڙ ڪوٺايو ويو هو.
ٽنهي سڀائن جي مکيه ميمبرن پنهنجي
پنهنجي کوجنائن جي ٻاري ۾ پنهنجا
دليل پڙهيا. ڊاڪٽر رين به ان
ڪانفرنس ۾ شامل ٿيو هو. جڏهن
حاضرين تاڙيون وڄائي وڄائي جدا
جدا ودوانن جي کوجنائن جي پنيرائي
ڪري رهيا هوا تڏهن هو چپ چاپ
ويهي ڪنهن وشيه تي گنڀير ويچار
ڪري رهيو هو. جڏهن سڀيئي ودوان
پنهنجون کوجنائون پڌائي چڪا تڏهن
ماڻهن تي اهو اثر وينو ته مصر ديس
جي سڀيتا سڀني کان اوچ آهي. هندوستان
۽ يونان جي کوجنا ڪندڙ ڪجهه نراس
ٿيڻ لڳا هوا ته ان وقت ڊاڪٽر رين
سٽيج تي گنڀيرتا سان اچي بيٺو. کيس
هٿ ۾ ڪو پستڪ ڪونه هو. ڊاڪٽر
رين جي کوجنائن جي سڀني ماڻهن
کي ڄاڻ هئي ان ڪري ماڻهو ماٺ
ٿي ويا ۽ انتظار سان ڏانهنس نهارڻ
لڳا. ڊاڪٽر ڏاڍي سنجيدگيءَ سان
پنهنجي اندرين کيسي مان هڪ چانديءَ
جي دٻيءَ مان ساڳيو تاڙ جو ويڙهيل
پن ڪڍيو. ڊاڪٽر اهو هٿ ۾ ڪٺي
ستن منٽن ۾ انجو مختصر احوال ڏنو
۽ سڀا کي وينتي ڪئي ته اهو سوال
ڇهه مهينا مهمل ڪيو وڃي ته هو ان
ڳوڙهي وشيه جي پوري پوري کوجنا
ڪري سگهي.

ڊاڪٽر رين جي سٽيج تان لهندي
ماڻهن خوب تاڙيون وڄائي سندس
مرحبا ڪئي. ان وقت ساري يورپ
جا وگياني ڏينهن رات ان ڪوشش
۾ لڳل هوا ته ڪنهن نموني لوه جا
وڏا وڏا ٿنيا ٺاهڻ جو طريقه هٿ
لڳي. آخر سڀا پتي ماڻهن اڳيان ڊاڪٽر
رين جو ٺهراءُ راءِ لاءِ رکيو. تمام وڏي
گهڻائيءَ سان ڊاڪٽر صاحب جو هي
ٺهراءُ قبول ڪيو ويو. ودوانن جي
هيءَ وڏي ڪانفرنس ڇهن مهنن لاءِ
مهمل ٿي.

(٣)

ڇيڻي سان ليپي لڳل ڪچي ڇپوتڙي
تي پنڊت گوپال پنتلو موت جي سيج
تي پيو هو، سندس مٽ مائٽ ۽ شرڌالو
چوڌاري وينا هوا. ڪي اوڇنگارون
ڏيئي رهيا هوا، ڪن سڏڪا ٿي ڀريا
ته ڪي وري اُداس منهن سان گنڀير ٿيا
ويٺا هوا. مٿي کان پنج ست براهمڻ
گيتا جو پاٺ ڪري رهيا هوا. رکي
رکي پنڊت جي جي وات ۾ گنگا جل
جا ڦڙا وڌا ٿي ويا. ايترا سارا ماڻهو
هڪ ننڍي ڪمري ۾ ڳاهٽ ٿيا وينا
هوا ۽ مرڻ واري کي آڻي ٻاقي

منجهاني رهيا هوا. شايد بيمار جي بچڻ جو چارو نه ڏسي ڪيس جلد اماڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هوا. اچا تائين پنڊت بيهوش پيو هو. هر هر گنگا جل جي بوندن پوڻ ڪري هو ٿورو وقت سرجيت ٿيو. هن اکيون پٽي آهستي چيو "گرڌر!"

گرڌر سنڌس وڏو پٽ هو. هن پيءُ جي منهن جي ويجهو پنهنجو منهن آڻي چيو "پتا جي!"

ڪجهه وقت ماٺ ميٺ ۾ لهاريندي پنڊتجيءَ آهستي آهستي شروع ڪيو:- "پٽ ڪلجڳ جو گهور سمو آهي. دنيا مان ڌرم ڪرم موڪلائي ويو آهي. مليڇ راڄ ڪري رهيا آهن. هينئر بدران پيو ته هيءَ نئين فرنگي ذات اسان تي راڄ ڪرڻ آئي آهي. اها اسانجي ڌرم شاسترن کي به اپوتر ڪرڻ ٿي چاهي. ڪي نيچ براهمڻ ڌن جي لالچ تي ڪين سنسڪرت به پڙهائڻ لڳا آهن. هيءَ ته ادرم جو ڦهلاءُ آهي. معلوم ٿو ٿئي ته هينئر جلد ڪلنڪي اوتار پيدا ٿيڻو آهي." ايترو چئي هو ماندو ٿي پيو ۽ گهڙي کن ماٺ ٿي ويو. پنڊتجيءَ کي هوش ۾ آيل ڏسي سنڌس ٻاٽ بدڻ لاءِ براهمڻ ٿوري وقت لاءِ گيتا جو پاٺ بند ڪري ڇڏيو هو. هينئر ڪيس چپ ڏسي وري هدن پاٺ شروع ڪيو.

گهڙي رکي پنڊت گوپال وري چيو:- گرڌر! منهنجي گهر ۾ پراچين وقت کان هڪ 'امانت' رهندي آئي آهي. اسانجا وڏا موت وقت اها پنهنجن پوين کي ارپڻ ڪندا آيا آهن. اها امانت "ڌاتوسار" نالي هڪ پستڪ جي روپ ۾ آهي. انکي تمام چڱيءَ طرح گپت رکج. اڄ ڪالهه فرنگي ڌن جي لالچ ڏيئي وڏن وڏن براهمڻن کان اهڙن قسمن جا گرنٿ خريد ڪري ويا آهن. تون ڪڏهن به اهڙي قسم جو ادرم جو ڪم نه ڪج. پٽ! تو کي منهنجو قسم آهي، اهو ڪڏهن به ڪنهن ماڻهوءَ کي نه ڏج.

ان بعد پنڊتجيءَ جي سگهه تمام گهٽجي ويئي. گرڌرسان گهر جي باري ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪندي ڪندي وري مورڇا ٿي ويو. اها مورڇا وري ڪڏهن نه ٽٽي.

(۴)

پئرس مان موٽندي ڊاڪٽر رين وري هندوستان روانو ٿيو. هن وقت سنڌس خوشيءَ گنڀيرتا جو روپ ورتو هو. ڊاڪٽر صاحب کي هن ڳوڙهي وشيه جي کوجنا لاءِ فقط ڇهن مهنن جي مهلت ملي هئي. هن خيال ڪيو ته ٽي مهنا ته اوت موت ۾ لڳي ويندا. ڪانفرنس کان گهٽ ۾ گهٽ اڍائي مهنا اڳ اهو پستڪ ضرور ملڻ گهرجي. ان ڪري ٻن مهنن ۾ ان پستڪ جي ساري پارت ورش ۾ ڳولا ڪرڻي هئي. اهو به پتو نه هو ته اڄ ڪلهه اهو پستڪ ڪٿي آهي يا اصل آهي يا ماڳهين ڪونهي. پستڪ جي هڪ پني جو انين

اڏا مندو هٿ اچڻ مان ته ممڪن
آهي ته اهو پستڪ ناس ٿـي چڪو
هجي. اهي سڀ ڳالهيون سوچيندي
به هو نراس نه ٿيو. مدراس پهچڻ ۾
پهچي پنهنجي دوست جي مدد سان
هو پستڪ جي تلاش ۾ لڳي ويو.

ان ڪم ۾ ڊاڪٽر صاحب کي ڏاڍين
مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. ڳوٺن
جا ماڻهو سندس گوري چمڙي ڏسي
پڙ ڪائيندا هوا. سندس سوال ٻڌي
ويتر ڪين شڪ پوندا هوا. ڪيس اهو
ڏسي ڏاڍو عجب لڳو ته مسڪين
ماڻهو به ڪاٿس بيماري وانگر گهرڻا
ڪن ٿا. ڊاڪٽر صاحب ڪڏهـن
ڪڏهن اڪيلو روا جي ڳوٺاڻي جهڙي
پوشاڪ پهري ڳوٺن ۾ نڪري ويندو
هو پر ان نموني به ڪيس سڦلتا پراپت
نه ٿي. مدراس پهچڻ ۾ اچي چمڙي
ڏسي ماڻهو ٿهندا هوا. خاص ڪري
برهمڻ نه شاسترن جي باري ۾ ڪائي
به ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ تيار نه هوا ۽ ٻين
ورڻن وارا شاسترن جي باري ۾ اڻڄاڻ
هوا. اهڙي طرح ڀـاڻ پتوڙيندي
پتوڙيندي ڪيس ڏيڍ مهينو گذري ويو
۽ سندس تندرستي به بگڙجي پيئي.
اپريل جو مهينو هو. گرمي شروع ٿي
ويئي هئي. ڊاڪٽر کي ڪجهه ڪجهه
نراسائي وڌڻي ويئي. نيٺ انهـن
اپائن سان ڪم نه نڪرنـدو ڏسي
پنهنجي دوست ڪليڪٽر جو چوڻ مڃي
هو مدراس شهر ۾ موٽي آيـو. اتي
هو ڪيترن ئي براهمڻن کان ان گرنٿ
جي ڳولا ڪرائڻ لڳو. ڪليڪٽر صاحب
پاڻ به ٿورا ڏينهن موڪل وٺـي ان
ڪم ۾ لڳي ويو.

هڪ هفتي کان پوءِ ڪيس هڪ ماڻهو
مان پتو پيو ته مدراس کان اسي ميل
پري هڪ ڳوٺ ۾ پنڊت گرڌر نالي
براهمڻ وٽ هڪ پراچين شاستر آهي.
ان ڏينهن ئي ٻئي دوست ان ڳوٺ
ڏانهن روانا ٿيا.

ٻن ڏينهن کان پوءِ سانجهيءَ وقت
ٻئي دوست ان ڳوٺ ۾ پهچي ڊاڪ
بنگلي ۾ اچي لٿا. هـو هندوستاني
براهمڻن جي سڀاءَ مان چڱي طرح واقف
هوا. ڪيـن خبر هئي ته ڀارت جـي
سڄيءَ براهمڻن کي ڌڪائي يا هيسائي
ڪو به ڀيد ڪڍڻ مشڪل آهي. ان
ڪري هنن هڪ ٻيو اپـاءُ سوچيو.
پنڊت گرڌر کي ان وقت گهرايو ويو.

سج لهڻ ۾ ڪجهه ٿوري دير هئي ته
پنڊت گرڌر پنهنجو هيسبو هيسبو ڊاڪ
بنگلي ۾ آيو. ٻنهي صاحبلوڪن اٿي
بهي سندس آدر ستڪار ڪيو. پنڊتجيءَ
لاءِ چيٽي جو ليپو ڏياري صندليءَ تي
گدي وڪائي ويئي هئي. ڪيس ان گديءَ
تي وهاري ٻئي جڻا سنـدس اڳيان
لڏي تي ٿي ويٺا.

ڊاڪٽر ٻن سنسڪرت جاڻندو هو.
هن سنسڪرت ۾ ئي سوال پڇڻ شروع
ڪيو. پنڊت پهرياءَ فرنگيءَ جي اڳيان
سنسڪرت ڳالهائيندي گهبرايو پر پيو

ڪو رستو نہ ڏسي سنسڪرت ۾ ئي جواب ڏناءِ. ڊاڪٽر صاحب هڪ ٻگهي پومڪا ڪان پوءِ پڇيو- اوهان وٽ جيڪو پراچين ڌرم- گرنٿ آهي ان جو ڪهڙو نالو آهي؟

پنڊتجي گهبرائجي ويو. هي سوال ڪهڙي مطلب سان پڇيو تو وچي اهو هو سمجهي نہ سگهيو. پر ٿوري وقت منجهيل رهڻ ڪان پوءِ هن جواب ڏنو ”ڌاتوسار.“

ڊاڪٽر صاحب جو منهن خوشيءَ ڪان ٽڙي پيو. ونس جيڪو هڪ پن هو تنهن تي بہ ’ڌاتوسار‘ اکر لکيل هو. زبردستي پنهنجي خوشيءَ کي روڪي هن ٻيو سوال پڇيو. ”اهو گرنٿ ڪهڙي چيز تي لکيل آهي؟“

جواب مليو- تاڙ جي پن تي.

ڊاڪٽر وري پڇيو:- انجو رنگ ڪهڙو آهي؟ پنڊتجيءَ کي ڪنهن بہ رنگ روپ ڀول جي باري ۾ ورن نہ ڪرڻو هو سو ويچارو منجهي ويو. ڊاڪٽر صاحب کيس منجهيل ڏسي پنهنجي کيسي مان تاڙ جو پن ڪڍي پڇيو:- ”ڇا انجو رنگ بہ هن پن جهڙو آهي؟“

اهو ٻڌي پنڊتجي ڇرڪ ماري چيو- هان! هي اوهان وٽ ڪٿان آيو؟ هي نہ منهنجي پستڪ جو ئي پترو آهي.

ڊاڪٽر صاحب ان سوال جو جواب نہ ڏيئي ڪليڪٽر صاحب جي منهن ۾ نهاريو. پنهنجي سوال جي جواب جو گهڻو وقت انتظار نہ ڪري پنڊت وري چيو:- ”پتا جيءَ جي پارهي ڪان پوءِ جڏهن گهر جي صفائي ڪئي ويئي تڏهن خبر پئي تہ ان گرنٿ جو هيءُ پترو ڪٿان اوچتو گم ٿي ويو. ڇا اوهين هيءُ پترو موڪي موٽائي ڏيڻ آيا آهيو؟ صاحب! اوهين ماڻهو سچ پچ ڏاڍا ديالو آهيو. هي مون کي موٽائي ڏيو. اوهان جو هيءُ ٿورو مان عمر ڀر نہ وساريندس.“ اهو چوندي چوندي پنڊتجيءَ جو منهن پيلو ٿي ويو. کيس يادگيري اچي پيئي تہ پتا مرڻ وقت پنهنجو قسم ڏيئي جنهن ڳالهہ ڪان مون کي روڪي ويو هو، اتفاق سان اها ساڳي ڳالهہ درپيش آئي آهي. هيءُ املڪ پترو ڪٿان هنن ڌارين جي هٿ چڙهي ويو.

پنڊتجيءَ کي ڳڻتي ۾ ڏسي ڊاڪٽر صاحب دل کولي هندو ڌرم جي اُدارتا جو بيان ڪندي سنسار تي اپڪار جو ورتانت ڪندي پڇاڙيءَ ۾ چيو تہ اوهين اهو پستڪ مون کي ڏيو. ساري دنيا ان لاءِ اوهان جو جس ڳائيندي. اوهان جي هن مهادان بدلي اسين خسيس ماڻهو اوهان جي ڪا وڏي شيوا نہ ٿا ڪري سگهون. باقي اسانجي ڏهن هزارن اشرفين جي ڀيٽا قبول ڪجو.

پنڊت گرڌر پنتلو ڏهن هزارن اشرفين جو نالو ٻڌي اچرج ۾ پيو. سندس ڪتاب جو ايڏو وڏو ملهہ آهي! هن عمر آندي ڪاڏي تي گذاريو هو. پر

هن وقت ڪيس پنا جا پڪا ڙي جا اکر ياد اچي پيا. ان ڪري ڏهن هزار اشرفين جي آڇ به ڪيس هوڪائي نه سگهي. هن پستڪ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. انڪار ڪندي سندس زبان اٽڪي پئي.

ڊاڪٽر صاحب کان پنڊتجيءَ جي ڪمزوري لڪي نه رهي. هن آهستي آهستي تمام نمرتا سان پنهنجي پيشا وڌائي: ڏهه هزار! پندرهن هزار! ويهه هزار! پنجويهه هزار! ٽيهه هزار! پر پنڊتجيءَ جي زبان مان هـا نه نڪري سگهي. هو مسند تي ٽيڪ ڏيئي چپ چاپ ويٺو هو. سندس سر پر سچو ڏڪي رهيو هو. مٿي کان پگهر جون لاڙون ٿي وهيس. پر زبان انهن بند هيس جڻ ڪنهن سندس وات زوريءَ بند ڪيو هجي. پنڊتجي کي هن حالت ۾ ڏسي ڪليڪٽر صاحب لاءِ ڪـل روڪڻ مشڪل ٿي پيو پر ڊاڪٽر ولن سا ڳيءَ طرح گنڀير ويٺو. ڪيس اها ئي چنتا هئـي ته پنڊتجـي سويڪار نه ڪري ته؟

جادوگر وري جادوءَ جي لڪڙي هٿ ۾ ڪنئي. ٽيهن هزارن مان وڌائي چاليهه هزار ڪياءِ. پنڊت اڃا به چپ هو. چاليهن هزارن مان وڌي پنجاهه هزار ٿيا، پر پنڊتجيءَ اڃا ڪين ڪڇيو. ڊاڪٽر صاحب تڏو ساهه کڻي وڌيڪ رقم وڌائڻ بند ڪيو. هـو پنهنجي سموري ملڪيت جي آڇ ڏيئي چڪو هو. هينئر پنڊتجـيءَ لاءِ چپ رهڻ مشڪل ٿي پيو. هن ڏڪندي، هٻڪندي هٻڪندي چيو:- ”سپاٺي صبوح جو اچي وٺي وڃجو.“

ڏسڻ ۾ آيو پئي ته اهي اکر چوندي هن کي پنهنجي ساري طاقت خرچ ڪرڻي پيئي هئي. هو بيهـوش ٿي ائيئي ڪري پيو. ڪيس کڻي گهر پهچايو ويو.

ڊاڪٽر صاحب جي خوشيءَ جي حد نه رهي. انهن ڏينهن ۾ تار اڃا ڪين پيئي هئي. ان ڪري ڊاڪٽر پٽرس پابولن ۾ پنهنجن دوستن کـي اها خوشخبري نه ڏيئـي سگهيو. ساري رات ڊاڪٽر صاحب کي ننڊ نه آئي. هو ان ئي چنتا ۾ هو ته ڪڏهن رات پوري ٿئي ۽ هو پنهنجي ڪم ۾ سڦلتا پراپت ڪري جنهن لاءِ هو مهنن کان پٽڪندو وتيو هو.

(٥)

صبوح ٿيندي ئـي پندرهن ويهن سپاهين جي مٿن تي پنجاهه هزار اشرفين جون ڳوٿريون رکائي ڊاڪٽر صاحب پنهنجي دوست ڪليڪٽر سان گـڏ پنڊتجيءَ جي گهر پهتو. پنڊتجيءَ جو گهر هڪ وڏي شاهي ميدان جي اڳيان هو. ان ميدان ۾ پهچي ڊاڪٽر صاحب هڪ عجيب نظارو ڏٺو. هـن پوڻ ڏٺو ته فقط هڪ لنگوٽ ٻڌي پراهمڻ ديوتا سماڌ لڳائي ويٺو آهي. سندس اڳيان زمين ۾ نيڊي ڪڏ ۽ پگهه. اگن

پيئي پڙڪا ڏني. گرڌر پنهنجن ٽنگن لي هڪ بنبل کولي ڏاڍي غور سان ڪنهن شيءِ کي ڏسي رهيو آهي: نچاٽان چو، ڊاڪٽر صاحب جي دل ڏکي ويئي. هو پنهنجن سائين کي ڇڏي لکو ٽکو پنڌ تڃيءِ ڏانهن ڊوڙيو. اوچتو نظر مٿس پيئي. ڪيس ڏسي هن اهڙو ته چرڪ ماريو جڻ چتو ڪتو پاڻيءَ کي ڏسي چرڪندو آهي. ان دم بجليءَ جي تڪائي وانگر هن سارو بنبل باهه ۾ اُڇلي وڌو. ڊاڪٽر صاحب جي اتي پهچڻ کان اڳ هن اياڻي ديش جو اهو املهه خزانو باهه ۾ سڙي ڀسم ٿي چڪو. ڊاڪٽر صاحب ڏک ۾ مٿي کي ٻئي هٿ ڏيئي پڳيه ڪنڊ جي پاسي ۾ ويهي رهيو. ’هندوستان سچ پچ جادوگرن جو ملڪ آهي‘ ان ڳالهه جي ڪيس اڄ ثابتي ملي.

ودوان هندو، باقي ساري دنيا جي ماڻهن کي اهڙو ڏکار سان چوتا ڏسن، اها ڳالهه ڊاڪٽر صاحب مرڻ گهڙيءَ تائين نه سمجهي سگهيو.

(سندر ساهتيه ماهوار تان ورتل)

ڪافي

جن لئي ٿي جاڳان اوهي شال ايندا مبارڪ مڙيئي ڏسڻ ساڻ ڏيندا

۱- جن لئي ٿي جيءَ ۾ جايون سنواريان انگڻ کي اکين ساڻ ٿي ٻهر ٻهاريان
ڏسي حال سي شال آهي ٿال نيندا

۲- وڏا ويو وحدت جا وارث وسيلا مٿن مهر مولا رضا ۾ رسيلا
وڏي قرب ڪامل چنيون نه ڇڏيندا

۳- اٿم جي اُميدان پڇا ٿيندو پرور ڪندو مهر مرسل سچو سيد سرور
ڪري غور گولي سنيالي سڏيندا

۴- **نظر علي** نهايت سدا ناز نيڻن هنجن جي هميشه سدا ان بيڻن
جڏيءَ دل کي جاني اچڻ سان اڏيندا.

(فقير نظر علي)

هندوستان بنسبت ڪي انگ اکر

ليکڪ :- پروفيسر گهنشيام چيتانند شوداساڻي، ايم-اي.

آدم

سڄي هندوستان ۾ ماڻهن جو تعداد ١٩٣١ واري آدمشماريءَ موجب ٣٥ ڪروڙ ٢٨ لک آهي. انهيءَ مان انگريزي حڪومت واري ڀاڱي ۾ ٢٧ ڪروڙ ١٥ لک ٿا رهن ۽ باقي ٨ ڪروڙ ۽ ١٣ لک ديسي رياستن ۾. انهيءَ جي معنيٰ ته جيتوڻيڪ ڀڪيڙ ۾ انگريزي حڪومت وارو ڀاڱو رياستي ڀاڱي کان ڳچ ڏيڍو آهي ته به آدمشماريءَ ۾ ٽيڻ کان به مٿي آهي. جيڪڏهن سيڪڙي جي حساب کان ونبو ته رياستن جي آدمشماري ٿيندي ٢٣ سيڪڙو ۽ انگريزي حڪومت واري ڀاڱي جي ٧٧ سيڪڙو.

چورس ميل تي سراسري آدم

جيڪڏهن ڀڪيڙ جي لحاظ کان آدمشماريءَ تي نظر ٿي ڪجي ته معلوم ٿو ٿئي ته هندوستان ۾ هرهڪ چورس ميل پنڌان سراسري ١٩٥ ماڻهو رهن ٿا، سڄي يورپ ۾ چورس ميل پنڌان سراسري ١٢٧ ماڻهو آهن، انگريزن جي ملڪ ۾ سراسري ٦٨٥، اميريڪا ۾ سراسري ٤١ ۽ چين ۾ سراسري ٢١٠.

هندوستان ۾ جيتوڻيڪ چورس ميل پنڌان ماڻهن جو تعداد سراسري ١٩٥ آهي ته به ڪي اهڙا ٽڪرا آهن جهڙوڪ بوٽش بلوچستان جتي ميل پنڌان سراسري ڇهه ماڻهو مس ٿا رهن. ٻي طرف وري بينگال ۽ ڪوچين رياستن ۾ ڪي اهڙا ڀاڱا آهن جتي ماڻهن جي ڳت چورس ميل پنڌان سراسري ٻن هزارن کان به مٿي آهي. ڏنو ويو آهي ته گهڻو ڪري هندوستان جي جن ڀاڱن ۾ مينهن تمام گهڻو ٿو پوي تن ۾ ماڻهن جي ڳت به وڌ ۾ وڌ آهي.

ڏهن سالن ۾ واڌ

سال ١٩٢١ واري آدمشماريءَ ۾ ماڻهن جو تعداد اٽڪل ٣٢ ڪروڙ هو. گذريل ڏهن سالن ۾ ماڻهن جي واڌ سوا ٽن ڪروڙن کان به مٿي ٿي آهي؛ يعني ته ايتري واڌ ٿي آهي جيتري اٽڪل فرانس يا اٽليءَ جي آدمشماري آهي. ائين سمجهڻ گهرجي ته ڄڻ گذريل ڏهن سالن ۾ آدمشماري جي لحاظ کان اٽڪل اٽليءَ جيڏو ملڪ هندوستان ۾ گڏجي ويو.

واڌ ۽ آسودگي

هندوستان ۾ گذريل ڏهن سالن ۾ اٽڪل سوا ٽي ڪروڙ آدم وڌيو ته برابر آهي، پر هاڻوڪين حالتن ۾ اهو ڪو خوشيءَ جو سبب آهي ڇا؟ خوشيءَ جو سبب تڏهن ٿئي جڏهن ماڻهن جي واڌ سان گڏ آسودگيءَ جي به واڌ ٿئي. پر جيڪڏهن ماڻهو وڌيا ۽ آسودگي نه وڌي ته پوءِ ماڻهن جي واڌ مان ڪهڙو لاڀ؟ هندوستان جي ماڻهن جو گهڻو ڪري آڌار آهي کيتيءَ تي. کيتيءَ مان جيتري پيداش ٿي سگهي ٿي اوتري هندوستان ۾ کيتيءَ جي سراسري پيدايش گهڻو گهٽ آهي. ٻي ڳالهه اها ته هندوستان ۾ هنر به بلڪل ٿورا آهن. ملڪ آسودو تڏهن ٿئي جڏهن کيتيءَ سان گڏ هنر به زور هجن. هندستان ۾ هنر اڃا ٻالڪ اوستا ۾ مس آهن. انهن جي واڌاري لاءِ ميدان گهڻوئي کليل آهي پر هن زماني ۾ جيسين حڪومت دل وجان سان هنرن کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشش نه ٿي ڪري تيسين وڌي نٿا سگهن. جيڪي ماڻهو وڌيا تن جو بوجو گهڻو ڪري وڃي پوندو کيتيءَ تي. انهيءَ جي معنيٰ ته هندوستان جي جنهن پيدايش مان اڳي ٣٢ ڪروڙ ماڻهو ڏکيا سکيا پلبا هوا، اٽڪل اوتري پيدايش مان ٿي هاڻي ٣٥ ڪروڙ ماڻهو پلجڻا ن پوندا. اهو ڏيکاري ٿو ته ممڪن آهي ته هندستان ۾ آسودگي پاڻ ماڻهن جي واڌ ڪري اڳي کان گهٽ ٿي هجي.

هندوستان ڳوٺن جو ملڪ

هندوستان آهي ڳوٺن جو ملڪ. شهر به منجهس آهن پر اولهه يورپ جي ملڪن جي ڀيٽ ۾ هندوستان ۾ شهرن ۾ رهندڙ آدم بلڪل ٿورو آهي. جنهن هنڌ پنجن هزارن کان وڌيڪ آدم رهي ٿو تنهن کي شهر سڏجي ٿو ۽ جتي ان کان گهٽ آهي ان کي ڳوٺ. ساري هندوستان ۾ شهرن جو تعداد آهي ٻه هزار پوڻا ڇهه سؤ، پر ڳوٺن جو تعداد آهي اٽڪل ست لک! شهرن ۾ ڪل ماڻهو رهن ٿا اٽڪل ٤ ڪروڙ ۽ ڳوٺن ۾ سڄا سارا ٣١ ڪروڙ، يعني ته شهري آدم ساري ديس جي ڪل آدم جو اٽڪل ١١ سيڪڙو آهي. انگلنڊ ۾ ڪل آدم جو ٨٠ سيڪڙو آدم شهرن ۾ رهي ٿو ۽ فرانس ۾ ٤٩ سيڪڙو. سڄي هندوستان ۾ ڪل ڪي ٣٨ شهر آهن جن ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو رهن ٿا. هندوستان سچ پچ سکئي تڏهن ٿيندو جڏهن هندوستان جا ڳوٺ سکيا ۽ آباد ٿيندا. هندوستان جي پڙهيلن ماڻهن جو ڳوٺن ڏي ايترو ڌيان ڪونه ٿو وڃي جيترو وڃڻ ڄڳائي. هو گهڻو ڪري رهن ٿا شهرن ۾، سو ڌيان به اوڏانهن ئي اٿن. جيسين هندوستان جا ڳوٺ سڄاڳ نه ٿيا آهن تيسين ملڪ سڄاڳ نه چئبو. انهيءَ ڪري هندوستان جي پڙهيلن ماڻهن کي گهرجي ته ڳوٺاڻن ڏي ڌيان ڏين.

شهرن ۾ ماڻهن جي گِت

هندستان جي شهرن ۾ ماڻهو گهٽو ڪري ڏاڍا سوڙها ۽ گِتيل تا رهن. انگلنڊ جي مکيہ شهر لنڊن ۾ چورس مئل پنيان سراسري رهن ٿا ٣٧ هزار ماڻهو، پر هندوستان جي ڪيترن شهرن ۾ ان کان وڌيڪ تا رهن. ڪلڪتي ۾ چورس مئل پنيان سراسري ٣٦ هزار آهن پر گڏيل علائقن جي ڇهن شهرن ۾ ٤٠ کان ٤٥ هزارن جي وچ ۾ آهن؛ بمبئيءَ ۾ آهن ٤٨ هزار چورس مئل پنيان ۽ دهلي ميونسپل شهر ۾ ٥٨ هزار!

لنڊن جي گِتيل ۾ گِتيل پاڙي ۾ چورس ميل پنيان سراسري ٩٧ هزار آدم رهي ٿو پر هندوستان جي ڪيترن شهرن جي پاڙن جو انگ انهيءَ کان وڌيڪ آهي. مدورا شهر جي هڪ تڪ ۾ چورس مئل پنيان سوا لک جي حساب سان ماڻهو رهن ٿا، پشاور جي هڪ تڪ ۾ ١٨٨ هزارن سان، لاهور جي جهوني شهر ۾ ١٩٨ هزارن جي حساب سان، لکنوءَ جي ٻهڪ تڪ ۾ ٤٢٣ هزارن سان ۽ بمبئيءَ جي ڪنيار- واڙا پاڙي ۾ ٤٦٥ هزارن جي حساب سان!! اهي انگ ڏيکارين ٿا ته هندوستان جي شهرن ۾، توري ٻکيڙ ۾، ماڻهن جي گهٽي گِت ڪري نہ رڳو گندگي گهٽي هوندي پر ماڻهن جي صحت تي بہ خراب اثر ٿيندو هوندو.

ڌرمن موجب ورڇ

هندوستان جي ماڻهن جي ڌرمن موجب ورڇ هيٺين ريت آهي:-

هندو-	٢٣ ڪروڙ	٩١ لک	٩٥ هزار
جين -	....	١٢ لک	١٢ هزار
ٻڌ -	١ ڪروڙ	٢٢ "	٨٧ "
سک -	....	٤٣ "	٣٦ "
پارسي -	....	١ "	١٠ "
مسلمان -	٧ ڪروڙ	٧٦ "	٧٨ ".
ڪرستان-	....	٦٢ "	٩٧ "
يهودي -	....	......	٢٤ "
جهنگلي-	....	٨٢ "	٨٠ "
ٻيا -	....	٥ "	٧١٠ "

ڌرمن جي لحاظ کان واڌ

حساب ڪري ڏنو اٿن تہ گذريل ڏهن سالن ۾ يعني تہ ١٩٢١ کان ١٩٣١ تائين متين ڌرمن جي آدم ۾ هيٺين واڌ ٿي آهي:-

هندو	١٠٤٤ سيڪڙو،	جين	٦٤٢ سيڪڙو
ٻڌ	١٠٤٥ "	سک	٣٣٤٩ "
پارسي	٧٤٨ "	مسلمان	١٣ "
ڪرستان	٣٢٤٥ "	يهودي	١٠٤٩ "

متين انگن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ سکن ۽ ڪرستانن جي سيڪڙي جي لحاظ کان گهڻي واڌ ٿي آهي. مسلمانن جي بہ هندن کان وڌيڪ ٿيل آهي، جيتوڻيڪ تفاوت ڪو بلڪل گهڻو ڪونهي. هيٺ وري ٻئي قسم جي انگن جي پٽي ڏجي ٿي. اها ڏيکاري ٿي تہ سال ١٩٢١ ۽ سال ١٩٣١ ۾ هر هڪ ڏهن هزارن ماڻهن پنيان جدا جدا ڌرمن جا ڪيترا ماڻهو هوا. انهن انگن مان پڌرو آهي تہ ٻين ڌرمن جي ڀيٽ ۾ هندو، ٻڌ ۽

جين ڌرمن جا ماڻهو حصي رسيءَ جي حساب کان گهٽيا آهن.

جدا جدا ڌرمن جي ماڻهن جو تعداد

هر هڪ ڏهن هزارن ماڻهن ۾

ڌرم	سال ١٩٢١ ۾ تعداد	سال ١٩٣١ ۾ تعداد	واڌ يا گهاٽ
هندو	٦٨٥٦	٦٨٢٤	٣٢ گهاٽ
جين	٣٧	٣٦	١ گهاٽ
ٻڌ	٣٦٦	٣٦٥	١ گهاٽ
سک	١٠٣	١٢٤	٢١ واڌ
پارسي	٣	٣	نه گهاٽ نه واڌ
ڪرستان	١٥٠	١١٩	٢٩ واڌ
مسلمان	٢١٧٤	٢٢١٦	٤٢ واڌ
يهودي	١	١	نه گهاٽ نه واڌ

مٿين پٽيءَ مان اُئين نه سمجهڻ کپي ته هندن جي ڪل تعداد ۾ ڪا گهاٽ ٿي آهي. هندن جو ڪل تعداد ١٩٣١ ۾ ١٩٢١ کان وڌيڪ آهي. پر ڪل آدمشماريءَ جي سيڪڙي جي حساب جي لحاظ کان هندن ۾ ڪوٽ ٿي آهي. هندن جي انهيءَ ڪوٽ جا مکيه ڪارڻ آهن ننڍپڻ جون شاديون ۽ وڌوا وواهه جي بندش.

زالن ۽ مردن جي ڀيٽ

هندوستان جي آدمشماريءَ جا انگ ڏيکارين ٿا ته اسانجي ديس ۾ مردن کان زالن جو تعداد گهٽ آهي. مرد آهن ١٨ ڪروڙ ۽ ١٨ لک، ته زالون آهن ١٧ ڪروڙ ۽ ڏهه لک. انهيءَ جي معنيٰ ته هڪ هزار مردن پٺيان هندوستان ۾ ٩٤١ زالون آهن. انهن انگن ۾ سڀني عمرن جا مرد ۽ زالون اچي وڃن ٿا. پر جيڪڏهن رڳو هڪڙي ورهيه جي اندر عمر جا ٻار ٿا وٺجن ته معلوم ٿو ٿئي ته ڇوڪرن کان ڇوڪريون وڌيڪ آهن. هڪ هزار اهڙن ڇوڪرن پٺيان هڪ هزار ۽ ٽيرهن ڇوڪريون آهن. انهيءَ جي معنيٰ ته جئن ٻارن جي عمر ۾ واڌ ٿي ٿئي ٿئن ڇوڪرين جو تعداد گهٽجي ٿو. ڏنو ويو آهي ته سکن ۾ زالن جي گهٽي اڻاٺ آهي يعني ته انهن ۾ هزار مردن پٺيان فقط ٨٧٤ زالون آهن، مسلمانن ۾ ٩٠٤، هندن ۾ ٩٥٣ ۽ ڪرستانن ۾ ٩٥٢.

عمر جي لحاظ کان ماڻهن جو تعداد

آدمشماريءَ جا انگ ڏيکارين ٿا ته هندوستان ۾ چاليهه سيڪڙو ماڻهو ١٠ ورهين جي اندر عمر جا آهن، پنجاهه سيڪڙو ١٥ کان پنجاهه ورهين جي عمر جا آهن ۽ ڏهه سيڪڙو ماڻهو پنجاهه ورهين کان مٿي عمر جا، هندن ۾ اهڙي نموني آهن ٣٩، ٥١ ۽ ١٠ سيڪڙو، مسلمانن ۾ ٤٢، ٤٩ ۽ ٩ سيڪڙو ۽ پارسين ۾ ٢٧، ٥٧ ۽ ١٦ سيڪڙو. اهي انگ ڏيکارين ٿا ته مسلمانن ۾ ننڍي عمر وارا هندن کان وڌيڪ آهن پر هو وڏي هوندي ايترو جيئا نٿا ڪن. مسلمانن جي ڀيٽ ۾ هندن جي عمر وڌيڪ ٿي ٿئي. پر پارسين جي عمر هندن ۽ مسلمان ٻنهي کان وڌيڪ ٿي ٿئي. پارسين ۾ ماڻهو جمن ٿورا ٿا پر جيئن گهڻو وقت ٿا.

هندوستان ۾ موت وڌيڪ

جدا جدا ملڪن جي انگن اکرن مان معلوم ٿو ٿئي ته ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ هندوستان ۾ موت تمام گهڻو آهي. حساب ڪري ڏٺو ويو آهي ته آسٽريليا جي ملڪ ۾ هرهڪ لک ٻار (ڇوڪرا) جي پيدا ٿين ٿا تن مان پنجن سالن اندر رڳو ۱۳ هزار ٿا مرن، انگلنڊ ۾ ۲۱ هزار، جرمنيءَ ۾ ۲۶ هزار، جپان ۾ ۲۴ هزار، اميريڪا ۾ ۱۸ هزار ۽ هندوستان ۾ سڄا سارا ۴۵ هزار!

ويهن ورهين جي عرصي ۾ آسٽريليا ۾ هڪ لک مان گهٽجي وڃي ٿا ۸۴ هزار مرد ٻچن، انگلنڊ ۾ ۷۶ هزار، جرمنيءَ ۾ ۷۰ هزار، جپان ۾ ۷۱ هزار، آميريڪا ۾ ۷۷ هزار پر هندوستان ۾ رڳو ۴۳ هزار! انهيءَ جي معنيٰ ته هندوستان ۾ هرهڪ لک ڄاول ٻار جيسين وڏي ويهن ورهين جا جوان ٿين تيسين منجهان ۵۷ هزار ته مٿا نئي کاٽا ٿيو ٿا وڃن! ۽ اڃا به ڄڻن اهي عمر ۾ وڏا ٿا ٿين تڏهن ٻين ملڪن جي جوانن جي ڀيٽ ۾ منجهن موت وڌيڪ ٿو ٿئي؛ يعني ته ۳۰ ورهين جي عمر ۾ آسٽريليا ۾ ۸۴ هزار ويهن ورهين جي عمر وارن جوانن مان گهٽجي ٿين ٿا ۸۰ هزار، انگلنڊ ۾ ۷۶هزارن مان گهٽجي ٿين ٿا ۷۲ هزار، جرمنيءَ ۾ ۷۰ مان ۶۷ هزار، جپان ۾ ۷۱ مان ۶۵ هزار، آميريڪا ۾ ۷۷ مان ۷۳ هزار، ته هندوستان ۾ ۴۳ مان گهٽجي ٿين ٿا ۲۵ هزار!!

پنجاهه ورهين ۾ آسٽريليا ۾ وڃي بچن ٿا ۶۸ هزار، انگلنڊ ۾ ۵۹ هزار، جرمنيءَ ۾ ۵۵ هزار، جپان ۾ ۵۲ هزار، اميريڪا ۾ ۵۸ هزار ۽ هندوستان ۾ رڳو ۱۸ هزار! اڃا به جيئين عمر وڌي ٿي تيئين ساڳي ريت هندوستان ۾ موت وڌيڪ ٿو ٿئي. اهي انگ ڏيکارين ٿا ته هندوستان ۾ ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ موت ڪيترو نه گهڻو آهي! زالن جي انگن جو به اهڙوئي حال آهي.

هندوستان ۾ ٻارن جي ڄم جو سيڪڙو يوروپي ملڪن جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو آهي. پر اهو ڪهڙي ڪم جو، جو جيسين ٻار اڃا بالغ مس ٿين تيسين اڌ کان به مٿي ڪاٽا ٿي وڃن ۽ جيسين ٽيهن ورهين جي عمر کي پهچن تيسين لک مان سڄا سارا ۶۵ هزار موت جو شڪار ٿيو وڃن؟ حياتيءَ جي ايتري اجائي نقصان ڪري هندوستان جو ڪيترو نه پيسو اجايو ضايع ٿو ٿئي! ڇو جو انهن ٻارن جي پالنا پوشڻ تي جيڪو خرچ ٿيو سو گهڻو ڪري اجايو ويو، ڇاڪاڻ ته جيسين انهيءَ خرچ جي عيوضي ۾ ڪجهه ڪمائي ڏين تنهن کان اڳ ئي گهڻا ته مريو وڃن ۽ جيڪي به بچن ٿا تن مان ڪيترن جي ته جواني ٿورو وقت ٿي جٽاءُ ڪري.

پيسي جي نقصان کان سواءِ ٻي خرابي اها آهي جو گهڻن ماڻهن جي موت ڪري ڏک ڪندڙن جو تعداد وڌي

توءِ انهن جو ٻه ڪيترو ضايع ٿو ٿئي، جنهن ڪري هندوستان جي پيدائش کي ڳورو ڌڪ ٿو لڳي. هندوستان ۾ ايتري گهڻي موت جا ڪارڻ آهن غريبائي، جاهليت، گندگي، بيماريون وغيره. اهي جئين گهٽبيون ليئن موت جو انگ ٻه گهٽبو.

سراسري عمر

گهڻي موت جي ڪري سياويڪ هر هڪ ماڻهوءَ جي سراسري عمر توري ٿيندي. آسٽريليا ۾ ماڻهوءَ جي سراسري عمر آهي ۵۸ ورهيه، انگلنڊ ۾ ۵۲ ورهيه، جرمنيءَ ۾ ۴۸ ورهيه، جپان ۾ ۴۴ ورهيه، اميريڪا ۾ ۵۲ ورهيه پر هندوستان ۾ رڳو ۲۳ ورهيه! يعني ته ڪيترن ملڪن ۾ ماڻهوءَ جي سراسري عمر هندوستان جي سراسري عمر جي ٻيڻ کان ٻه وڌيڪ آهي!! متيان موت ۽ عمر جا انگ ۱۹۰۱-۱۹۱۰ جا آهن جي ٿي تازي آدمشماريءَ ۾ جاڻايل آهن. گذريل ويهن سالن ۾ هندوستان ۾ اهڙو ڪو سدارو ٿيو ٿي ڪونهي جو متين انگن ۾ گهڻو تفاوت پوي. هن وقت ٻه ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ هندوستان جي حالت اٽڪل ساڳي آهي.

ٻارن جو موت

ٻارن جو موت هندوستان ۾ گهڻو تو ٿئي. گذريل ڏهن سالن ۾ يعني ته ۱۹۲۱ کان ۱۹۳۱ تائين هر هڪ سال هڪ هزار ٻار جيڪي جيئرا پيدا ٿيا تن مان سراسري ۱۸۰ ٻار هڪ سال جي اندر موا. اهو انگ سچي هندوستان جو آهي، پر ڪن شهرن ۾ ته ٻارن جو موت جو کان پهرين سال اندر انهيءَ کان ٻه وڌيڪ آهي. ۱۹۳۰ ۾ بمبئيءَ ۾ هزار پٺيان ۲۹۸ ٻار موا، ڪلڪتي ۾ ۲۶۸ ۽ لکنوءَ ۾ ۳۲۹!

ڪرت ڪار

ڪنهن به ملڪ جو آدم ٻن ڀاڱن ۾ ورهيو وڃي ٿو. هڪڙو اهو جو ڪم ڪري ٿو ۽ ٻيو اهو جو گذران لاءِ ڪم ڪندڙن تي مدار رکي ٿو. سال ۱۹۲۱ جي آدمشماريءَ موجب هندوستان ۾ ۴۶ سيڪڙو ماڻهو ڪم ڪندڙ هوا ۽ ۵۴ سيڪڙو مدار رکندڙ. سال ۱۹۳۱ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو تعداد گهٽيو آهي يعني ته ۴۶ سيڪڙي مان لهي ۴۴ سيڪڙو ٿيو آهي ۽ مدار رکندڙن جو ۵۴ سيڪڙي مان وڌي ۵۶ سيڪڙو ٿيو آهي. جملہ انگ هيٺين ريت آهن:-

ڪم ڪندڙ اٽڪل ۱۵ ڪروڙ ۳۸ لک
مدار رکندڙ " ۱۹ ڪروڙ ۶۶ لک

متين ڪم ڪندڙن ۾ سڀئي ڪمائيندڙ نه آهن. ڪي ڪمائين ٿا ته ٻيا وري انهن کي مدد ٿا ڪن. ۱۲ ڪروڙ ۵۲ لک آهن ڪمائيندڙ ۽ ۲ ڪروڙ ۶۸ لک مدد ڪندڙ؛ اهي ٻاڻ ڪجهه ڪمائين ڪين ٿا.

بيڪارن جو تعداد

ڪل بيڪار ماڻهو، جئن متي ڏيکاريل آهي، آهن ۱۹ ڪروڙ ۶۶ لک. انهن مان ۱۲ ڪروڙ ۱۰ لک آهن زالون ۽

اٽڪل ٧ ڪروڙ ٥٦ لک آهن مرد. ۽ انهن انگن ۾ جدا جدا عمر جا سيئي زالون ۽ مرد اچي ويا يعني ته ٻارن جو انگ به انهن ۾ سمايل آهي. ٧ ڪروڙ ٥٦ لک مردن ۾ ١٥ ورهين تائين عمر جا ٻار ۽ جوان آهن ڪل ست ڪروڙ ١٠ لک. انهيءَ جي معنيٰ ته ٤٦ لک مرد ١٥ ورهين کان وڌيڪ عمر وارا بلڪل بيڪار ويٺا آهن، يعني ته اهي ڪجهه ڪونه ٿا ڪن. انهن انگن مان اٿين نه سمجهڻ گهرجي ته انگلنڊ يا جرمني جي ڀيٽ ۾ هندوستان ۾ بيڪاري ٿوري آهي. مٿي ڏيکاريو اٿئون ته اٽڪل ١٥ ڪروڙ ٣٨ لک جيڪي ڪم ڪندڙ آهن تن مان ڪمائيندڙ رڳو ١٢ ڪروڙ ٥٢ لک آهن. انهي جي معنيٰ ته ٢ ڪروڙ ٦٨ لک ڪجهه ڪونه ٿا ڪمائين. انهن ۾ ٻه ڪروڙ زالون آهن ۽ باقي ٦٨ لک مرد. انهيءَ حساب موجب ڪل هڪ ڪروڙ ٣٢ لک مرد بلڪل ڪونه ٿا ڪمائين!! پر اهو انگ اسان انهي انومان تي ڪڍيو آهي ته ١٥ ورهين کان ننڍا ٻنهه ڪونه ٿا ڪم ڪن. پر درحقيقت ڏنو ويو آهي ته ١٥ ورهين کان ننڍي عمر جا ٻار ڪارخانن ۾ ٿوڙي ڪيتي ۽ ٻين ڌنڌن ۾ لڳا اچن ٿا. پر انهن جي ڪل تعداد جي خبر ڪانهي. جيڪڏهن انهن کي ڌيان ۾ آڻي حساب ڪبو ته پوءِ ١٥ ورهين کان وڌيڪ عمر وارن نه ڪمائيندڙن مردن جو تعداد هڪ ڪروڙ ٣٢ لکن کان به مٿي ويندو. اها ته ٿي رڳو وڏن مردن جي بيڪاري. زالن ۽ ڪم ڪرڻ وارن ٻارن جي بيڪاري ونبي ته ڪي ڪروڙ ٿي ويندي.

ڪيتيءَ ۽ ٻين ڌنڌن جي ڀيٽ

ڪم ڪندڙ ماڻهو جدا جدا ڌنڌن ۾ هيٺين ريت ورهايل آهن:-

ڌنڌو	ڪم ڪندڙن جو تعداد لکن ۾	ڪم ڪندڙن ۽ آڌار رکندڙن جو ڪل تعداد لکن ۾	ڪل آدمشماري جو سيڪڙو
ڪيتيءَ ۽ مال جو	١٠٣٣	٢٣٤٨	٦٧٤٠
کاڻين جو	٣	٥	٤١
هنر ۽ ڪارخانا	١٥۴	٣۴٢	٩٤٧
ريلوايون جهاز ٻيڙيون موٽرون گاڏيون وغيره	٢٣	٥٣	١٤٥
واپار	٧٩	١٨٨	٥٤۴
لشڪر پوليس وغيره	٨	١٧	٤٥
سرڪاري نوڪري	١٠	٢٨	٤٨
ماستر پروفيسر ڊاڪٽر وڪيل وغيره	٢٣	٥٩	١٤٧
باقي پيا	٢٠٥	۴٦٦	١٣٤٣

مٿيان انگ ڏيکارين ٿا ته ڪيتيءَ ۽ مال تي هندوستان جو ڪيترو نه آڌار آهي! ڪيتيءَ جي ڀيٽ ۾ هنر ته ڪجهه به ڪينهي. دنيا ۾ جيڪي به شاهوڪار

ملڪ آهن انهن ۾ هنرن جو گهڻو زور آهي. ڪوبه اهڙو ملڪ شاهوڪار نه آهي جنهن جو مکيه مدار هجي کيتيءَ تي. هندوستان ۾ هنرن ۽ ڪارخانن لاءِ ڪچي مال جي ۽ ٻي هرڪا سهوليت گهڻي ئي آهي پر حڪومت هنرن طرف گهڻو ڌيان ڪونه ٿي ڏئي. انگلنڊ کي گهرج آهي ڪچي مال جي ۽ هندوستان جي پلي کاتر ته کٽي ضرور هجي ته هندوستان ۾ هنري ڪارخانا زور وٺن پر اها ڳالهه انگلنڊ جي پلي کاتر نه ڪا نهي نه. هندوستان اندر پڪو مال تيار ٿيندو ته هندوستان ٻاهران گهڻو خريد ڪونه ڪندو انهيءَ ڪري سمجهي سگهجي ٿو ته ڇو هندوستان ۾ هنر تڪڙو زور نٿا وٺن.

لکڻ پڙهڻ

ڪوبه ملڪ چڱي ترقي ڪري انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته ملڪ اندر علم ۽ روشني چڱيءَ ريت ڦهليل هجي. ماڻهن ۾ تعليم ڦهليل نه هوندي ته ماڻهو پنهنجي ڪريل حالت محسوس ڪري ڪين سگهندا، پوءِ انهن ۾ سڌاري ۽ ترقيءَ جي ڪوشش ئي ڪير ڪندو؟ اڻڄاڻ ماڻهن لاءِ پنهنجي سماجڪ، مانسڪ وغيره ترقي ڪرڻ ته پري رهيو پر پنهنجي مالي حالت سڌارڻ به مشڪل آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته ملڪ اندر چوطرف تعليم جو ڦهلاءُ ڪيو وڃي. پر هندوستان ۾ ڪيتري آهي تعليم جو ڦهلاءُ؟ ساري دنيا ۾ جهڙي جهالت هندوستان ۾ آهي اهڙي ڪن ٿورن ملڪن ۾ هوندي.

موتمار جهالت

سال ١٩٣١ واري آدمشماريءَ موجب هندوستان جو ڪل آدم آهي اٽڪل ٣٥ ڪروڙ- انهن مان رڳو لکي پڙهي ڄاڻندڙ آهن فقط ٢ ڪروڙ ٨١ لک! لکي پڙهي ڄاڻندڙ جي معنيٰ تعليم يافته ڪا نهي، پر رڳو ايترو ته اهو ماڻهو ڪنهن به ٻوليءَ ۾ خط لکي ۽ پڙهي سگهي. جيڪي پڙهي ڄاڻن پر لکي نه ڄاڻن سي انهن ۾ شمار ڪونه ٿيل آهن. اهڙا ڪي ماڻهو آهن جيڪي نه ڪي مسلمان جي عربي قرآن پڙهي سگهندا باقي ڪجهه لکي ڪونه ڄاڻن. ١٩٢١ سال جي ڀيٽ ۾ ١٩٣١ واريءَ آدمشماريءَ ۾ ٥٥ لک لکي پڙهي ڄاڻندڙ وڌيا آهن. سال ١٩٢١ ۾ انهنجو ڪل تعداد هو ٻه ڪروڙ ڇويهه لک، يعني ته سال ١٩٣١ ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙن جو تعداد ٢ ڪروڙ ٨١ لک ٿيو جنهن مان ٤١ لک زالون هيون. انهي جي معنيٰ ته سال ١٩٢١ ۾ هڪ هزار ماڻهن ۾ فقط ٧١ لکي پڙهي ڄاڻندڙ هوا. ۽ سال ١٩٣١ ۾ هڪ هزار ماڻهن مان فقط اسي. ڏهن سالن ۾ اها به ڪا واڌ ٿي؟

لکي پڙهي نه ڄاڻندڙن جو عدد وڌيل

سال به سال لکي پڙهي نه ڄاڻندڙن جو تعداد گهٽجڻ گهرجي. پر هت هندوستان ۾ سال ١٩٢١ ۾ جيڪو لکي

پڙهي نه ڄاڻندڙن جو انگ هو تنهن کان پاڻ ۱۹۳۱ ۾ انگ وڌيل آهي. انهيءَ جو ڪارڻ اهو آهي جو ماڻهن جي تعداد جي واڌاري سان تعليم جو واڌارو قدم ملائي نه سگهيو آهي. ماڻهن جي واڌ گذريل ڏهن سالن ۾ ٽن ڪروڙن کان مٿي ٿي آهي پر لکي پڙهي ڄاڻندڙن جي واڌ ٿي آهي رڳو ٥٥ لک. انهيءَ ڪري سياڻيڪ لکي پڙهي نه ڄاڻندڙن جو تعداد اڳي کان وڌيل آهي.

مردن ۽ زالن جي ڀيٽ

مٿي لکي پڙهي ڄاڻندڙن جو سيڪڙو ساري هندوستان جي جملي ماڻهن جي حساب تي ڪيو ويو آهي پر جنهن صورت ۾ ٻار لکڻ پڙهڻ روا جي ريت پنجن ورهين جي عمر کان پوءِ ٿو سکي تنهن صورت ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙن جي ڀيٽ پنجن ورهين کان مٿي عمر وارن ماڻهن سان ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ حساب سان هيٺيان انگ ٿا ملن -

	سال ۱۹۲۱ ۾	سال ۱۹۳۱ ۾
٥ ورهين کان مٿي عمر وارن هڪ هزار ماڻهن ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙ	۸۲	۹٥
٥ ورهين کان مٿي عمر وارن هڪ هزار مردن ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙ	۱۳۹	۱٥٦
٥ ورهين کان مٿي عمر وارين هڪ هزار زالن ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙ	۲۱	۲۹

مٿيان انگ ڏيکارين ٿا ته مردن جي ڀيٽ ۾ زالن ۾ لکڻ پڙهڻ جو انگ ڪيترو نه ٿورو آهي! آهن ته مرد به ڏاڍو جهالت ۾ اڙيل، پر زالون ته هيڪاري.

هندن ۽ مسلمانن جي ڀيٽ

حصي رسيءَ جي حساب سان هندن ۾ مسلمانن کان لکڻ پڙهڻ وڌيڪ آهي، جيتوڻيڪ تفاوت ڪو بلڪل گهڻو ڪونهي. هندن جي پنجن ورهين کان مٿي عمر وارن هر هڪ هزار مردن ۾ لکي پڙهي ڄاڻندڙ آهن ۱۴۴ ۽ زالن ۾ ۲۱ ۽ مسلمانن جي مردن ۾ آهن ۱۰۷ ۽ زالن ۾ ۱٥. گذريل ڏهن سالن ۾ حصي رسيءَ جي نظر کان مسلمانن ۾ پاڻ هندن کان لکڻ پڙهڻ وڌيو آهي، ڇو جو هندن ۾ هر هڪ هزار ماڻهن ۾ رڳو ۹ لکي پڙهي ڄاڻندڙ وڌيا پر مسلمانن ۾ ۱۱ وڌيا.

نازنين

ليک :- هري - جي - درياڻي (دلگير)

"ڪهڙي نه حسين نازنين!" جڳديش دل ۾ چيو.

نازنين ريلوي پليٽ فارم لتاڙي هڪ فرسٽ ڪلاس گاڏي ۾ وڃي چڙهي. جڳديش کي دل ۾ خيال آيو ته ڇو نه مان به ان نازنين سان گڏ ساڳي گاڏي ۾ وڃي چڙهان. خوش نصيبا، جيڪڏهين ان گاڏي ۾ ٻيو ڪو به نه چڙهي ته پوءِ ساڻس پيار ڀريون ڳالهيون ڪرڻ ۾ ڪا به اٽڪ ڪا نه ٿيندي.

نازنين پارسياڻي هئي. هن جي هٿ ۾ (Cine-news) اخبار هئي. هي ڏسي حرفتي جڳديش جي دل ۾ خيال جي لهر ڊوڙي. سندس خوشامندڙ يا دوست سندس ڀيٽ مشهور سئنيما ائڪٽر "آردشير" سان ڪري کيس ٻڌائيندا هوا.

"جيڪڏهين مان پاڻ کي سئنيما جي شائق نازنين اڳيان آردشير سڏايان ته پوءِ......!" جڳديش دل ۾ خيال ڪيو.

هو گاڏي ۾ چڙهيو. گاڏو اڪيلو هو. ان ۾ فقط نازنين هئي. ٻن ٽن منٽن کان پوءِ گارڊ سيٽي هڻي ۽ گاڏي ڇُو...... ڇُو... ڪري اسٽيشن ڇڏي.

نازنين حسين هئي، تمام حسين هئي. سندس ڊگها وار هوا ۾ لڏي رانديون ڪري رهيا هوا. بعضي هوا سان رانديون ٿي رچيائون بعضي ڪاري پونڇ جيان سندس گلابي رخسارن کي ٿي چميائون. سندس پيشاني آرسيءَ مثل صاف هئي. سندس موڪريون اکيون بادام مثل، ۽ ڀنڀٽيون دل کي پاش پاش ڪندڙ هيون. سندس ڳل لعل گلابي هوا، جن سان رابيل جي نزاڪت گڏيل هئي. سندس ننڍڙو نزاڪتدار وات ڄڻ الماس جي دٻلي هئي، جنهن ۾ ٻٽيهه چمڪندڙ الماس ٻن لڙهن ۾ چمڪي رهيا هوا. مطلب ته سندس سنڌ سنڌ ۾ سونهن سمايل هئي ۽ هر عضوي مان ناز نروار هيو. گاڏي ۾ پهريان پنج ڇهه منٽ سانت هئي مگر پوءِ آبهوا وغيره تي ڳالهه ٻولهه شروع ٿي. ڏهاڪو منٽ ڳالهائيندي جڳديش سئنيما بابت ڳالهه ڪڍي.

"ڇا تون سئنيما جي ائڪٽريس آهين، جو (Cine-news) پڙهي رهي آهين؟"

"ها، مونکي تمام گهڻو شوق آهي."

"ٻڌي مونکي ٻڌائڻ ۾ خوشي ٿئي ته مان مشهور ائڪٽر آردشير آهيان."

نازنين ٿورو ڇرڪ ڀريو.

"آردشير! توهان چرچو ته ڪو نه ٿا ڪريو" نازنين عجب مان چيو.

"مان آرٽسٽ آهيان" جڳديش بي پرواهيءَ مان چيو. "منهن جي شڪل ۾ توهان شايد ڪجهه فرق ڏسندي هونديون، مگر اسان ائڪٽرن کي منهن تي پائوڊر وغيره لڳائڻا پون. تنهن ڪري پڙدي تي اسان جو فوٽو ٿورو گهڻو ڦري وڃي ٿو."

"ضرور، ٿورو تفاوت ضرور ٿيندو. سچ پچ اوهان جي زندگي راحت ڀري آهي."

"تمام سخت ڪم ڪرڻو ٿو پوي" جڳديش فلڪ سان چيو، "حياتي راحت ڀري آهي، مگر تڪليف به گهڻي آهي. بعضي اسان کي ١٥ ڪلاڪ سانده اسٽيج تي بيهڻو پوي ٿو."

"توهان پرڻيل هوندؤ" نازنين سوال ڪيو.

هيءُ سوال جڳديش لاءِ ذرو ڏکيرو هو. هن اخبار ۾ پڙهيو هيو ته آرٽسٽ پرڻيل آهي، مگر هيئنر پاڻ کي پرڻيل ڪوٺائي ته نازنين سان اک ڪيئن اڙائي، ۽ نازنين سندس پريم ڪيئن قبول ڪري؟- آخر ٿورو خيال ڪري مشڪندي جواب ڏنائين:

"هڪ نموني ۾ پرڻيل آهيان، ٻئي نموني ۾ ڪنوارو آهيان"

نازنين ٿورو مرڪي-

"مان سمجهي نه ٿي سگهان ته سيٺيءَ ماڻهو ائين توهان وانگر شادي ڇو نه ٿا ڪن"

جڳديش دل ۾ ڪگيون هڻڻ لڳو. هن سمجهيو ته سندس تير پورو نشان ڇهيو آهي- هيئنر هو سڄي نازنين جي پاسي ۾ اچي ويٺو، مگر نازنين ٿورو پري تي ويٺي. جڳديش دل ۾ ٿورو نراس ٿيو، پر ٿوري وقت رکي پنهنجي زبردست ائڪٽنگ جي واکاڻ ڪرڻ لڳو. پوءِ جڳديش هن کي ٻڌايو ته ڪيئن وٽس ڪيترين حسين ليڊيز جا پريم- پتر (Love letters) ايندا آهن.

"مگر آءٌ عام ليڊيز جي پرواهه ڪونه ڪريان" جڳديش چيو.

"هو ويرو ويچارين ڏانهن ايتري الغرضائي ڇا ڏيکارجي!" نازنين چيو- ٿورو وقت رکي چيائين، "جڏهين توهان ائڪٽنگ کان واندا ٿيندا آهيو تڏهن توهان ڪٿي رهندا آهيو، ۽ ڇا ڪندا آهيو؟"

پوءِ جڳديش جون ڊاڙون ٻڌڻ وٽان هيون.

"منهنجو سيڪريٽري هئڻ، منهنجي ڪلب ههڙي، منهنجو ڪاچ ههڙو، منهنجو گهر... وغيره." نازنين به غور سان ٻڌي رهي هئي ۽ دل ۾ مرڪي رهي هئي.

"ضرور، مون کي پيار ڪري ٿي،" جڳديش دل ۾ چيو، نه ته ههڙي ڌيان سان منهنجون ڳالهيون ڇو ويهي ٻڌي. مگر مان هن سان پيار جو ذڪر ڪيئن ڪيان ۽ جڳديش انهي خيالن جي سمنڊ ۾ غرق هيو ته گاڏي به وڪٽوريا ٽرمينس جي اسٽيشن تي اچي بيٺي. نازنين پنهنجي بئگ هٿ ۾ کنئين ۽

جڳديش سان خدا حافظ (Good bye) ڪيو. "شايد اسان وري نہ گڏ جون" نازلين عجيب مرڪ سان چيو.

"هو ويرو اسان کي انهن ٻن جهازن وانگر نہ ٿيڻ گهرجي، جي رات جي وچڙي ۾ هڪ ٻئي سان اٽاهہ ساگر ۾ گڏ با آهن ۽ وري هڪ ٻئي کي سڃاڻندا بہ نہ آهن."

نازلين جڳديش سان همت همت ۾ ملايو ۽ وري چيو، "شايد اسان ٻيهر نہ ملون."

"چو؟" جڳديش انتظاريءَ سان پڇيو.

"چاڪاڻ جو مان پرڻيل آهيان. توهان مونکي ساري وات وندرايو آهي لنهن لاءِ منهنجا احسان. مان نٿي سمجهان تہ ڪڏهين بہ ڪنهن مونکي اهڙو وندرايو آهي. جيڪڏهين توهان تڪليف فرمائي اسان جي گهر بمبئي ۾ اچو تہ مهرباني. هيءَ منهنجو "انڊريس ڪارڊ" اٿو.

نازلين هن کي هڪ ننڍڙو ڪارڊ ڏيئي هلي ويئي. جڳديش ڪارڊ پڙهيو. سندس منهن ڦريا ٿين ڳاڙهو، پوءِ پيلو ۽ پوءِ ساڻو ٿي ويو ڪارڊ هن ريت هو:—

> **مسز ليلا آردشير**
> پر يم - ڪٽيا
> **منزل روڊ بمبئي.**

ڪافي

دلبر درد مندن کي - دلداريون نہ ڏجن ميان

۱- ٻيڙيءَ چاڙهي سڄڻن - ڇڏ ۾ نا ڇڏجن ميان

۲- جيها تيها پرين پنهنجا - پيو پري پڇجن ميان

۳- اڻ لائقن سان سڄڻن - پنهنجا قرب ڪجن ميان

۴- هيڻي لئي هر حال ۾ - دست پرين ڌرجن ميان

۵- خاڪ پرين جي پير جي - چمان ساڻ چشمن ميان

۶- يار **يوسف** جون عاجزيون - عرض قبول ڪجن ميان

(ميان يوسف فقير)



پريم ساگر ۾

ليکڪ:- چيناننِد رگهومل (بيتاب).

مان هن وقت پريم ساگر ۾ غوطا کائي رهي آهيان. لڪا ٿي ڪنڌي هٿ اچيم ۽ لڪي ٿو موت نصيب ٿئيم جنهن ڪري زندگي ۽ موت جي وچ ۾ لڙهي رهي آهيان؛ ڇاڪاڻ ته اهو پريتم جنهنکي مون پنهنجي دل ارپي ڏني آهي، اهو دل جو ديوتا جنهن سان گڏ چانڊوڪيءَ ۾ باغيچي جي گاهه ڀريل ميدان تي ويهي مون پريم ڀريون ڳالهيون ڪيون آهن ۽ جنهنجي وڇوڙي ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ روئي پنهنجون اکيون سڄائي ڇڏيون آهن، اهو پريتم مونوٽ ڪونهي، نه فقط ايترو بلڪ هو هميشه مونکي وساري ٻيءَ استريءَ جي پريم ۾ ڦاسي ويو آهي جنهن ڪري هميشه مونڏانهن اک کڻي به نٿو نهاري. انهي منهنجو ڪو به ڏوهه ڪونهي. مان خوبصورت آهيان، نوجوان ۽ آبرودار ڪٽنب جي آهيان. تنهنکان سواءِ انٽر تائين پڻ وديا حاصل ڪئي اٿم. فقط ايترو آهي جو مان ڪاليج پڙهڻ کان پوءِ به ڀارتي سڀيتا جي شائق آهيان ۽ هو مغربي سڀيتا جو پوڄاري. جي مان چاهيان ته مغربي فئشن جي وسيلي هنکي پاڻ ڏانهن ڇڪي سگهان ٿي پر اهو مونکي پسند ڪونهي ڇاڪاڻ ته مغربي سڀيتا ۾ فقط ٻاهريون ڍونگ آهي. انهي ڪا به سچائي ڪانهي. انهي ڪو به سچي پريم جو قطرو ڪونهي تنهن ڪري انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ کانپوءِ به مغربي سڀيتا ۾ منهنجو وشواس ڪونهي.

منهنجو پريتم ولايت کان ڊگري وٺي موٽيو آهي. هو نهايت خوبصورت ۽ شاندار نوجوان آهي. مون جڏهين پهرين ڪيس ڏٺو ته سڌ ٻڌ ڀلجي ويم، هنجي چمڪندڙ ڇهري ۾ ديوتائن جي شڪل ڏسڻ ۾ آيم ۽ سندس معصوميت ڏسي منهنجي دل ۾ پريم جون لهرون لڳڻ شروع ٿيون، ڪيترو وقت ته ڏانهس نهاريندي رهيس. خبر ئي ڪانه ٿي پيم ته ڇا ڪري رهي آهيان. آخر جڏهين هن مشڪي مونڏانهن نهاريو تڏهين هوش آيم ۽ لڄ ۾ ٻرجي ڪنڌ ڪري هيٺ ڪيم. اهو ڏسي هو وڌي منهنجي ويجهو آيو ۽ چوڻ لڳو:

"ڪٿي مس آڏواٽي خوش آهين نه؟"
منهنجا گل شوم ڪان لعل ٿي ويا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو مانس:

"شنڪر تون نه خوش آهين نه! ولايت مان ڊگري حاصل ڪري موٽئين نه!"

هو مشڪيو ۽ التجا ڀري نموني ۾ چوڻ لڳو "سندري مون پنهنجو انجام ڀانئيو. تنهنجي حڪم موجب مان ولايت مان بئريسٽري جي ڊگري حاصل ڪري آيو آهيان ۽ اهو به فرسٽ ڪلاس ۾ هاڻي تون پنهنجو انجام پاڙ ۽ هن سالن جي اڃايل ڪي پريم جو پاڻي پياري تازو توانو ڪر."

اهو جواب ٻڌي منهنجي لوُ لوُ ڪانڊارجي ويئي. پاڻ سنڀالي نه سگهيس ۽ اچا ڪرڻ لي مس هيس نه مونکي جهلي ورتو شنڪر ۽ نرميءَ سان چوڻ لڳو:

"سندري تنهنجي طبيعت ٺيڪ نٿي ڏسجي ۽ هل نه گهر ڀيڇائي اچان ٿو."
ائين چئي هو مونکي هٿن کان جهلي هلڻ لڳو.
مان لڇائمان ٿي ويس ۽ پريم ڀريون اکڙيون کڻي سندس منهن ۾ کپايم.

(٢)

شنڪر ۽ منهنجي شادي ٿي ويئي ۽ هاڻي اسان ٻئي پريم ۽ آنند جي زندگي گذارڻ لڳاسين. جڏهين هو صبوح جو نيرن ڪري آفيس ۾ وڃڻ لڳندو هو تڏهين اکين ۾ پاڻي اچي ويندو هوس ۽ چوندو هو:

"سندري دل ٿي چوي نه جيڪر هميشه تنهنجي پاسي ۾ ويٺو هجان ۽ پوڄا ڪريان ڪم نه ڪرڻ و آهي نه ڪاڏي ڪوه به ڪٽيو ويندا."

تڏهين مان دلداري ڏيئي چوندي هئي سانس "چو هو ويرو ڪري دل لائي اٿو! فقط ڪن ڪلاڪن جو وڇوڙو آهي. پوءِ وري به اچي هڪٻئي سان ملنداسون."
جيتوڻيڪ ائين چوڻ لاءِ منهنجي دل چيو نه ڪندي هئي پر هنکي دلداري ڏيڻ لاءِ مونکي دل جو حال لڪائڻو پوندو هو. پر جڏهين هو ويندو هو تڏهين مان بيحال ٿي پوندي هيس. ڪاڏو پيٽو وهه ٿي لڳندو هوم ۽ گهر جي ڪنڊ ۾ لڪي وڃي رئندي هيس يا نه وڃي پينگهي ۾ ڪرندي هيس. تنهن هوند به دل جهل نه ڏيندي هيم. وڇوڙي جو درد سهڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو هوم ۽ جڏهين شام ٿيندي هئي تڏهين دريءَ اکيون پائي ويٺي هوندي هيس نه ڪڏهن ٿو اچي. اچانڪ ڪو به کڙڪو ٿيندو هو نه ڊوڙي وڃي در کوليندي هيس ۽ جڏهن ڪين ڏسندي هيس تڏهين چهرو ڪنول جي گول وانگر ٽڙي پوندو هو. هو پڻ مونکي ان ريت بيتاب ٿيندو ڏسي گد گد ٿي ويندو هو ۽ سو ٽم پريم ۾ پوجي چمڻ لڳي ويندو هوم. سمجهو ٿا نه انوقت مونکي ڪيترو نه آنند ٿيندو هوندو! ان جو ورڻن ڪرڻ مشڪل آهي. هنجي چهڻ سان سڄي بدن ۾ بجلي جي لهر ڊوڙي ويندي هئي ۽ مان ٻي سڌ ٿي پوندي هيس. تڏهين هو مونکي ٻانهن ۾ جهلي صفحي ڏي وٺي هلندو هو ۽ پلنگ تي وهاري ڪپڙا بدلائي اچي مون سان گڏ وهندو هو. جڏهين وٺهي

رهندو هو لڏهين ڪيس ڏورا ڏيڻ شروع ڪندي هيس ته ڪهڙا نه سنگدل آهيو. هيترو سارو وقت آفيس ۾ ويهي ڇا پيئي ڪيو، ڏسو ڪيتري نه دير ڪري آيا آهيو." اُن تي هو مشڪي چوندو هو:

"هاڻي پلا روئي کٽي اچ نه گڏجي کائون."

لڏهين وچ مغز تڪاڻي ايندو هوم ته ڪهڙي نه بالولي آهيان جو هن جي اچڻ وقت روئيءَ ڏيڻ بدران هي ڏکيا ڏورا ڪري شروع ڪيا اٿم. لڏهين پاڻ کي ڏڪاريندي هيس. پر هو منهنجي دل پاڻ ڄاڻي مٺيءَ پابوه مان چوندو هو:

"سندري ايتري قدر نازڪ دل ڇو ٿي آهين؟ معمولي ڳالهه تي به وتيو دل ۾ ڪرين ۽ پاڻ کي دک ڏين!"

انهن اکرن جو مون تي گهرو اثر پوندو هو ۽ مان هڪدم مشڪي زندگي ۾ وچي روئي پائي ايندي هيس ۽ پاڻيءَ گلاس پري سندن اڳيان رکي پنکو هٿ ۾ جهلي لوڏڻ شروع ڪندي هيس. هو ان ڳالهه کي سهي نه سگهندو هو ۽ هٿ کان ڇڪي زوري ڪري پرسان وهاريندو هوم. مان ان مسخريءَ تي غصي ٿي چوندي هيس "هي ڇا بارن وانگر راند ڪري رهيا آهيو، جيڪڏهين امي ڏسي ته ڇا چوندي؟ منهنجي لاءِ دل ۾ ڏڪار پيدا نه ٿيندس؟"

پر انهن ڳالهين جو هن تي ڪو به اثر نه ٿيندو هو. اُلٽندو کلي چوندو هو:

"هاڻي نه ڏاڍي سياڻي ٿي پيئي آهين، مونکي خبر ڪا نه هئي ته ڪو جلد ايترو عقل سکي ويندين ۽ پر هاڻي سمجهيم. اها سڀ تنهنجي ساهيڙي گليءَ جي شيطاني آهي. تنهن ڪري مان ڪيس جهلي ڇڏيندس ته هنڪا نپوءَ توسان اصل نه ڳالهائي."

انهن اکرن سان منهنجو جوش پاڻيءَ جي ڦوڪڻي وانگر گم ٿي ويندو هو ۽ کل جهل ٿي نه ڏيندي هيم. انتي هو پڻ کلڻ شروع ڪري ڏيندو هو ۽ اُن جي آواز سان سڄو صفحو گونجي ويندو هو.

ڪاني پوري ٿيڻ بعد اچا باسڻ ڪڍندي هيس ته مونکي روڪي چوندو هو ته مائيءَ کي ڇڏ نه اچي کڻي وڃي. مطلب ته گهر ۾ اچڻ شرط اها ڪار هوندي هئي. امي ڏسندي هئي پر ڪاوڙ جي بدلي اُلٽندو خوش ٿي مونکي زور پري به وٺس رهڻ لاءِ چوندي هيم. ان طرح پريمنگر پر رهندي اسان جا ڏينهن سک ۽ آنند ۾ گذرڻ لڳا، پر مونکي معلوم نه هو ته ڪو هنن سکن جي پٺيان دکن جي ڪاري رات اچڻي آهي. مان هميشه ان اٽڪاڻ مانڊهوءَ وانگر رستي تي مسافري ڪري رهي هيس جنهن کي ڪا به خبر نه هجي ته ڪيس ڪيڏانهن وڃڻو آهي.

(۳)

پر هاڻي ته حالت بدلجي چڪي آهي. اڳين هلت ۽ هاڻوڪي پڻگه ۾ زمين ۽ آسمان جو تفاوت پئجي ويو آهي. اڳيون پريم ۽ انراڳ سان مشڪندڙ چهرو ڪو ۽ ڏڪار سان پرپور ٿي ويو آهي. اڳي جيڪڏهين مونکي هڪ پل به نه ڏسندو هو ته دل بيقرار ٿي پوندي هيس، پر هاڻي ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ

بلڪ ڏينهن جا ڏينهن گذريو وڃن ته منهنجي ياد ڪيري نٿو ڪري. اڳي آفيس مان موڪل ملڻ شرط سڌو گهر ايندو هو پر هاڻي ته رات جو ٻارهين بجي تائين ٻاهر ٿو گذاري. اڳي مونکي ڏسڻ شرط بهار ٿي ويندو هو پر هاڻي ته مونتي نظر پوڻ سان دل سست ٿيو وڃيس ۽ ڪوشش ڪري ولي ٻاهر اڪائيندو. اڳي جيڪڏهن وٽس وڃڻ ۾ ٿوريئي دير ٿيندي هئي ته سڏن پٺيان سڏ ڪري مونکي پاڻ وٽ گهرائيندو هو پر هينئر جڏهين مان خود وڃيو در وٽ بيهان ته به اندر اچڻ لاءِ نٿو چويم ۽ جيڪڏهين خود بخود وڃي پنکو لوڏيان ته "اجائي تڪليف نه وٺ" چئي ڪنڌ ڪريو هيٺ ڪري، پر پلي پلائي به مونڏي اک کڻي به نٿو نهاري. جيڪڏهه شيوا ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريان ته "مونکي دير ٿي ٿئي ڪنهن سان ملڻو آهم" چئي لڪڙو ٿي ٽڪڙو ٻاهر هليو وڃي.

مان ته حيران آهيان ته هاڻي ڇا ڪريان؟ ڪنهن سان دل بهلايان ۽ ڪنهنکي پنهنجي دک پري ڪهاڻي ٻڌايان! ڇا امي ءَ سان وڃي دل جو حال اوريان؟ انين وري ڪيئن ٿيندو ۽ ڇا پنهنجي پتيءَ جي برخلاف وڃي دانهون ڏيان! ڇه ڪهڙي نه بيشرم آهيان. اهو پارليه سيتا لي ڪلنڪ ناهي جو هڪ استري پنهنجي پتيءَ جي برخلاف وڃي ٻين سان پنهنجو حال اوري. نه نه انين هرگز نه ٿيندو. مان ڪڏهين به سندن برخلاف ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍنديس. تڏهين ڇا هي دک ويهي پوکيان ۽ اندر ئي اندر ۾ لڇان ۽ ڦٿڪان!

هڪڙي ڏينهن جڏهن روئي ڪائي پاڻ ٻاهر وڃي رهيا هئا تڏهن مون اڳيان اچي رستو روڪي چيو مان ته "ايشور جو قسم اٿو، منهنجي سر جو قسم اٿو ۽ اڄ ڪيڏانهن به نه وڃو ۽ مونکي دک ٿو ٿئي ۽ توهان نڪانسواءِ هڪ پل به نٿي سريم."

پر هن تي ڪو به اثر نه ٿيو ۽ مونکي "پاڳل" چئي پري ڪري هليو ويو. مون ڪيترو ئي ليلايو مانس پر هن منهنجي هڪ به نه ٻڌي، ڄڻ ته کيس منهنجي ڪا به پرواه ڪانه هئي. اهڙيءَ طرح دکن جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندي ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا.

هڪ ڏينهن شام جو جڏهن مان پنهنجي اڱڻ ۾ ويهي وار سنواري رهي هيس تڏهن ڏسان ته ٻاهر دروازي وٽ هڪ گاڏي اچي بيٺي آهي جنهن مان پاڻ ۽ هڪ يوروپين ڇوڪري لهي وڃي اوطاق ۾ ويٺا. مان ڏسڻ شرط حيران ٿي ويس ته ڇا هن هڪ يورپين ڇوڪريءَ سان نينهن لڳايو آهي؟ منهنجي دل ۾ حسد جي آگ ڀڙڪو کائي اٿي ۽ سارو جسم ڏکڻ لڳو. منهن لعل ٿي ويم. جيڪڏهين وس پڄيم ها ته جيڪر اُن يورپين ڇوڪريءَ جو ڪچو سر ڪائي وجان ها! پر پارليه استري هئڻ ڪري شانت ۾ رهڻو پيم.

هاڻي ته منهنجي دک جي حد نه رهي ڇاڪاڻ ته خود منهنجي سامهون منهنجو پريتم ڌاري ڇوڪريءَ سان پريم ڪري رهيو آهي. ڪهڙي استري چاهيندي ته سندس پران آڌار کيس ڇڏي وڃي

ٻيءَ استريءَ سان دل اڙائي؟ تنهن ۾ ٻه وري مان خوبصورت آهيان، پڙهيل آهيان ۽ ساڻس گڏ هڪڙي ڪاليج ۾ پڙهي آهيان. ڪاليج جي ڏينهن ۾ ڪا به مون جهڙي سهڻي ڇوڪري نه هئي جنهن تي موهت ٿي ڇوڪرا پروانا وانگيان پنهنجي جان فدا ڪري ڇڏين. تڏهين مون کهڙي نه عظيم ڀل ڪئي جو هن سان پريم ڪيم ۽ شاديءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهيس. ڇا هاڻي کين طلاق ڏيان؟ پر اهو نه ٿو ٿيندو. ٻار ليه سيپتا جي ورت آهي. جيڪڏهين ڳالهه واشگاف ٿي وئي ته اُن سندن عزت ويندي. مان اهو ڪئن برداشت ڪري سگهنديس ته هنجي عزت ۽ آبرو برباد ٿي وڃي. تڏهين مان ڇا ڪريان! ڪئن ڪريان ڪاڏي وڃان. هاڻي ته موت ئي نيڪ ٿيندو تنهن ڪري ڇو نه پاڻکي ماري وجهان؟ ڇا گاسليٽ وجهي پاڻ جلائي ڇڏيان يا نوڙي ڳچيءَ ۾ وجهي ڦاهي ڏيئي مران! پر چوندا آهن ته آپگهات مهاپاپ آهي. تنهن ڪري ايشور ۽ آخرت جو ڊپ ڪري ويٺي هن سنسار ۾ لڳان.

(۲)

اهڙيءَ طرح دک ۽ درد، غم ۽ بيقراري سان ڀرپور زندگيءَ جا ڪيترا ڏينهن لنگهي ويا، پر سندن حالت ۾ ڦيرو ڪو نه آيو. پاڻ جئن تئن ٿئن وقت. هاڻي ته هن پورهين ڇوڪريءَ جي سنگ ۾ شراب جو پڻ واهپو ٿيڻ لڳو. هاءِ ڙي ورتاتا ڇا جي ڪري مونکي جنم ڏنئه جو پنهنجي اکين اڳيان ههڙو ظلم ۽ ناحق ٿيندو ڏسي ٻه ٻيٺي جيئان. جڏهين هو مونکي پيار نٿا ڪن ۽ مونڏي اک کڻي به نٿا نهارين ۽ تڏهين مان ڇو ويهي پاڻ جلايان ۽ دک ڀوڳيان؟ قبول ٿو ڪجي ته هندو ڌرم سکيا ٿو ڏئي ته سڀ ڪجهه صبر سان سهڻ گهرجي پر صبر کي به ڪا حد ٿيندي آهي. مان ٻکون سهي سگهان ٿي، صبوح کان شام تائين پورهيو ڪري سگهان ٿي پر اهو ناممڪن آهي جو مان ويهي ڏسان ته منهنجو پريتم مونکي وساري وڃي ٻي ڪنهن ڇوڪريءَ سان پريم ڪري. هاڻي مان جي ڇا ڪنديس؟ پريم زندگيءَ جو سهارو آهي ۽ جيڪڏهين زندگيءَ مان پريم نڪري ويو ته اها بي مزي ٿي پوندي. منهنجي پڻ ساڳي حالت آهي. مان هينئر مردي سمان آهيان. جيئري ئي قبر داخل آهيان ڇا ڪاڻ ته منهنجو پريتم مونسان ڪونهي.

هڪ دفعي جڏهين روئي ڪاٿي اُٿيا ۽ ٻاهر وڃڻ لڳا تڏهين مون اکين ۾ پاڻي آڻي پيرن تي ڪري چيومان ته:

”ايشور جي صدقي هن نماڻيءَ تي ديا ڪريو ۽ پنهنجو پريم دان ڏيو.“

تڏهين رکو منهن ڪري چوڻ لڳو ته:

”تنهنجي انهن اکرن جو مطلب ڪهڙو آهي؟“

اُن تي مون اڌيتا سان همت جوڙي چيومان ته ”اج کان وٺي هن ڇوڪريءَ جو سنگ ڇڏيو. مونکي دک ٿو ٿئي جڏهين توهانکي...... هن سان...... پريم ڪندو ڏسان ٿي.“

ٻهن نه ڏنو. اُتلندو غصي تي چوڻ لڳو ته "تون ڪڇهه به ڪرين پر مان ڪيس نه ڇڏي سگهندس؛ جي توکي وڻي ته هن گهر ۾ رهه نت جيڏانهن وڻيئي تيڏانهن هلي وڃ."

هاڻي منهنجي اک کلي ته ڪٿن نه پنهنجو پريتم وڃائي چڪي آهيان.

هينئر ته تندرستي بگڙي چڪي آهي. اُن ڏک ۽ درد، روڄ ۽ راڙي هڻي منهنجي بدن کي ڍاهي ڇڏيو آهي. سڄو بدن ضعيف ۽ نستو ٿي ويو اٿم ۽ اها سگهه نه رهي اٿم جو ڪري ويهي سگهان. تنهن ڪري سڄو ڏينهن بستري تي پيئي آهيان ۽ پئي ڏينهن ڳڻيان ته ڪڏهين ٿو ملڪ الموت اچيم ۽ پاڻ سان وٺي وڃيم. ٻيو مرڻ کان اڳ اهائي آرزو اٿم ته پريتم جو درشن ڪريان.

شام جو وقت آهي ۽ سڀ ماڻهو خوشيءَ ۾ ٻرجي هوا خوريءَ لاءِ جدا جدا هنڌن ڏي وڃي رهيا آهن پر منهنجو اهڙو نصيب ڪٿي! گهمڻ ته نهيو پر مون ۾ ته اکين کولڻ جي طاقت به نه رهي آهي جو ڪري چوطرف نهاري سگهان. اندر ۾ پريتم جي درشن لاءِ آنند ماند اٿم پر اکيون کولڻ به ناممڪن آهن. ان آنند ماند ۾ ڇا ٿي ڏسان ته منهنجو پيارو شنڪر منهنجي مٿي کان ويهي روئي رهيو آهي ۽ پنهنجا پيار ڀريا هٿڙا مٿي تي گهمائي چئي رهيو آهي:

"پياري سندري مونکي معاف ڪر."

ليڪن هي ته سڀ خيالي چڪر هو. ڇا ڪڏهين منهنجي نصيب جو ستارو چمڪندو جو منهنجو پيارو شنڪر وري اچي مونسان ملندو؟ هرگز نه هو ته هن يورپين ڇوڪريءَ جو آهي. هاڻي سمجهيم ته هي خواب آهي، نه نه منهنجي دل جو ڦرنو آهي جو مغز ۾ چڪر هڻي رهيو آهي. پر هي ڇا! هي ٿڌو هٿ ڪنهنجو آهي؟ مون پنهنجو هٿ کڻي اُن هٿ تي رکيو. رکڻ شرط بجليءَ سمان سڄي بدن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. تڏهين ڇا سچ پچ شنڪر منهنجي پاسي کان ويهي مونکي پريم ڪري رهيو آهي. مونکان رهيو نه ٿيو ۽ زور سان اکيــن کولڻ جي ڪوشش ڪيم. ائين ٿي نه سگهيو ڇاڪاڻ ته اکيون کلڻ شرط يڪدم بند ٿي ويئون. ليڪن اهو چٽر منهنجي دل تي چٽجي ويو. يعني ته شنڪر منهنجي مٿن کان روئي رهيو ۽ چئي رهيو هو:

"سنــدري! مان پاپي آهيان، گنهگار آهيان؛ مونکي معاف ڪر. مان پنهنجي ڪئي تي پشيمان آهيان."

مون ٻڌو ۽ وري ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. خوشيءَ وچان منهنجي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. اُنتي هن ٻانهون پساري مونکي ڇاتيءَ سان لڳايو. مان پڻ پاڻ روڪي نه سگهيس ۽ پنهنجون ٻانهون ڪري سندس ڳلي ۾ لٽڪايم. شنڪر کان به رهيو نه ٿيو، هو پڻ روئڻ لڳو.

اُن روئڻ ۾ ڪيڏو نه راز سمايل هو؟ اهو راز هو پريم ۽ پشچاتاپ جو، راز جنهن جي لهرن ۾ اسان جون دليون ملي هڪ ٿي ويئون.

ماضي ۽ حال

١- سچ چوڻ آ جهالت، آهي جوٽ عقلمندي، آهه مڪر مڙس جو اڄ دوستن سان دغا بازي،
آهه مال يتيمن جو ڄڻ صوف سمرقندي، اشراف هار ڪاڏي، بي شرم جي آ بازي؛
هو اوَر زمانو هو، هي ۽ اوَر زمانو آ.

٢- ڇا آهه ۾ اثر هو، ڇا خوف هو خدا جو! ڪوليءَ کي ستائڻ ۾ چوندا ها پاپ ڀاري،
مظلوم جي صدا تي، آڪاس گجندو هو، اڄ آهه بيڪسن جي گردن مٿان ڪٽاري؛
هو اوَر زمانو هو، هي ۽ اوَر زمانو آ.

٣- بيوه جو سَت بگاڙڻ اڄ ڪله بحال سمجهي، هنسن جي جاءِ تي اڄ افسوس ڪانگ ٻڌجي،
ڌارين جي بغل ۾ اڄ خود خواب خيال سمجهي، وينا ڏسون اکين سان استرين جي لاڄ لٽندي؛
هو اوَر زمانو هو، هي ۽ اوَر زمانو آ.

٤- استاد لاءِ ادب هو، وڏڙن لاءِ نياز نِوڙت، ڌارين لاءِ دل اندر هئي همدردي وفاداري،
اڄ بزرگن لاءِ جاڳي ننڍي وڏي کي نفرت، پنهنجن پراين سان لازم ناهي ڪا قربداري؛
هو اوَر زمانو هو، هي ۽ اوَر زمانو آ.

٥- رشوت جي ڪوڏي ڄڻ آ مادر جي ٿڃ ٿڻن جي، ڪجهه پيي حرام ناهي، سڀ ڪجهه حلال آهي،
ڏکو ٻه ڪين ڇڏجي منشا رهي مٺن جي، دنيا جا عيش ٿيا ڳڻ مشڪل محال آهي؛
هو اوَر زمانو هو، هي ۽ اوَر زمانو آ.

٦- اقرار مڇ جي تي ملندو هو قرض ڪافي، پائيءَ جي لاءِ ٻه اڄ ڪله اکن جي گهرج آهي،
هئي ڪارپت نه اڄ جيان، انجام جي خلافي، جنهن همت ۾ اڄ ملي ٿو سو همت سيال ناهي؛
هو اوَر زمانو هو، هي ۽ اوَر زمانو آ.

٧- جت ڌرم جي ناليءَ تان قربان ٿي ٿيا ڪو نڌر، تنهن جاءِ تي ٻه اڄ ڪله رت جا نشان آهن،
ليڪن نه جذبو جاڳي دل جا سڪي وپا سرور، اڄ رالد سمجهي هڪ مان پيو ڌرم ٿا مٽائن؛
هو اوَر زمانو هو، هي ۽ اور زمانو آ.

٨- ڇا دؤر آ دنيا جو، سورج ڇڙهيل لهي ويو، اڀري پا ڪين اڀري ڪا ٿي خبر نه آهي،
ليڪن ڪڏهن نه ورندو هڪوار جو وهي ويو، سو شمس، شمس ناهي؛ سو چنڊ، چنڊ ناهي؛
فاني فضول سارو تنهنجو هي فسانو آ،
هو اوَر زمانو هو، هي ۽ اوَر زمانو آ.

ڪيئلداس وليرام بيگواڻي، [فاني].



ليکڪ:- پروفيسر ڪي. اين. واسواڻي، ايم. اي، ايل ايل. بي.

ننڍڙي پشپا! جهڙو موهيندڙ نالو اٿس اهڙوئي وڻندڙ ٻاڻ آهي. نهار ڪري ته گل وانگر پيئي ٽڙي. مشڪي وري ڪهڙو ته سنو! سندس چپن تي مرڪ ائين سونهين جئين ماڪ گلن تي. ڀانءِ ته وينو سندس نرمل چهرو ٻهڪي. ڇا ته منجهس تازگي آهي ۽ وري ڪهڙي نه ڪومنتا، سونهن ۽ ڀولڙتا ائين پيئون ٻکن جئن تازي ڪڙيل گلاب جي گل ۾. اکيون وري ڪهڙيون نه سڀا ڀريون اٿس. مان ته ڪڏهن ڪڏهن ائين ڀانئيندو آهيان ڄڻ ته سندس اکين مان ڪي آنند ڀريون لهرون اُٿي اچي منهنجي دل کي راحت ٿيون بخشين. وار به واه جا اٿس. رنگ ۾ سونهري. سدائين پيا سندس سفيد وار پيشانيءَ تي لڙڪن. ڀاڀيءَ ۽ ڀينرون گهڻوئي چون ته پشپا کي قطي ڏيئي وار ناهي وهاريون پر مان اها ڳالهه ڪٿي ٿو قبول ڪريان ڇو ته مونکي ننڍڙي پشپا جو منهن وارن جي وچ مان اهڙوئي سوهڻو لڳندو آهي جهڙو ڪڪرن جي وچ مان چمڪندڙ چندرما.

ننڍڙي پشپا نه رڳو هڪ سندر پشپ آهي پر هڪ سمجهو ٻالڪ به آهي. عمر ۾ فقط ١٢ مهينا پر عقل ۾ وڏي آهي. جي ڪا پڻ ڪتاب يا اخبار جو ڪو پنو هٿ ۾ آيس ته اهو ٻين ٻارن وانگر هرو ڀرو ڦاڙيندي ڪين پر پنهنجي اکين اڳيان وڏن وانگر جهلي ائين ٻ ٻ چوڻ لڳندي ڄڻ ته پڙهڻ ۾ بلڪل قابل آهي. جي ڪنهن ٻار کي لاٽون هلائيندو ڏٺائين ته هٿ ڪڍي ڏي ڏي ڪندي. جي لاٽون هٿ ۾ ڏبس وري ڏور گهرندي. پوءِ ٿوري گهڻي ڏور لاٽئين تي ويڙهي، جهڙي تهڙي پنهنجي آڱر تي اٽڪائي، تان ڇڏي لاٽون وٽي پٽ تي اُڇلائيندي. جي ڪنهن فونو کوليو ۽ ڪنجي ڏيڻ شروع ڪئي ته فوني جي وڄڻ کان اڳي ئي ننڍڙي پشپا پنهنجو راڳ ڳائڻ لڳندي.

باقي شل نه ڪو ڌاريو ماڻهو پشپا جي اڳيان اچي وهي يا ويهي. پوءِ اصل سُن ٿي ويندس. جي هلندي هوندي ته ويهي رهندي. جي پٽ ۾ هوندي ته هنج گهرندي. اکيون وٽي هيٺ ڪندي. ڀانئيندي ته ڪٿي ٻئي هنڌ وڃان ته ڇڱو. جي ڪنهن زور ڪري ڳالهايس ته پوءِ اچي روئڻ ۾ چڙڪندي. پر جي ڌاريو ماڻهو پيٺو

ڪو هوندو ته پوءِ ٻه چنڊ ڪونه. ڇو ته پشپا لاءِ سڀ پٽيئا پنهنجا پٽيئا آهن ۽ سندن مکيه ڪم آهي پشپا کي کڻي گهمائڻ. پاپيءَ کي ايترو ڪين ڀانئين جيترو پٽيئي کي، ڇو ته پٽيئڙو معنيٰ گهمڻ. پاپي وقت تي کير پياريندي ته وقت تي دوا پياريندي.

پشپا جو ٻيو مِتر آهي اسانجو پٽيئڙو. نه رڙڻ وارو پٽيئڙو پر گهمائڻ وارو پٽيئڙو. ۽ ٻيو مِتر اٿس ڪانءُ. پٽيئڙو به ڪارو ته ڪانءُ به ڪارو. پر پشپا ڪانءَ کي لولي اهڙي ڇوڄ سان کارائي جڻ اسين کيس کارايون. اصل لولي کڻي وڃي ڪانءَ کي ڇهنب ۾ ڏيندي. نظارو آهي ڏسڻ وٽان. ڪانءُ هڪ پاسي پيو ڦرڪي، پاڻ ٻئي پاسي پيئي ٽڙڪي ۽ پاپي ٽئين پاسي پيئي ڏکي ته متان ڪانءُ آڱر ۾ نه چڪ پائي وجهيس.

جنهن پشپا کي ڏڌ کائيندو نه ڏٺو تنهن ڄڻ ته کيس ڏٺوئي ڪونه. ڇو ته اُن وقت پشپا پاڻ کي هڪ وڏي مکياڻي سمجهندي آهي ۽ پنهنجي موافق هلندي آهي. ٻئي ڪنهن سان ڏڌ کائي ئي ڪونه. پنهنجي ٻُور ڪنهن مهل چمچي سان کائيندي، ته ڪنهن مهل ترِيءَ تي رکي کائيندي. ڪنهن مهل وري سڄي وٽي وات تي رکي پيئي پيئندي. وٽي ائين هوندي جڻين ڏڌ جي راٽي. هٿ ڏڌ ۾ ٻڙيل، پوٽ ڏڌ سان ٿقيل، وار به ڏڌ ۾ ويل. چوندا آهن ته اڳي هندوستان ۾ کير جون نديون وهنديون هيون. ننڍڙي پشپا جي راڄڌاني ۾ ڏس ته ڏڌ نارا ڪيو پيو وهي ۽ پاڻ

پيئي خوش ٿي ٽڙي ۽ مرڪي. پاپي پيئي ڪوڙو ڪوڙو ڪاوڙجي ۽ دادا پيو کلي، اسين ويٺا ناٽڪ ڏسون.

پشپا ننڍڙي! پر جنهن وقت پنهنجي ڳالهه تي ضد ڪري اُن وقت مجال آهي ڪنهنجي جو سندس خيال بدلائي سگهي؟ وڏا مڙي وڃن پر ننڍڙي پشپا نه مڙي. پنهنجي ڳالهه تي اهڙي ته اسٿر ۽ پڪي ٿي بيهندي آهي جهڙو هڪ اڻ چرندڙ پهاڙ. اُن وقت ڇت ڪرڻ ۽ دڙڪو ڏيڻ ٻئي اجايا آهن. منهنجي دل ۾ وري وري اهو سوال اُٿندو آهي ته اها دريتا ۽ ارادي جي پختائي هڪ ننڍڙي ٻالڪ ۾ ڪٿان ٿي اچي؟

ننڍڙي پشپا وڻندڙ آهي نه رڳو جڏهن جاڳي پيئي پر تڏهين به جڏهين سمهيل آهي. جڏهن ننڊ جي گود ۾ آهي تڏهن ڏانهس نهارجي ته سندس ڇهري ۾ عجيب ڦيرڦار پسجي. ڪنهن مهل سندس نرڙ ۾ گهنج پيا ڏسجن ته ڪنهن وقت وري سندس سندر منهن تازگي ۽ سونهن سان پيو ٻهڪي. پر سڀني کان وڌيڪ عجيب ڳالهه هيءَ ته گهڻيئي دفعا پشپا کي ڏسجي ته ننڊ ۾ پيئي مرڪي. مان وري وري پيو پاپيءَ کان پڇان: پاپي مرڪ جا ننڍڙي پشپا جي چپن تي ننڊ ۾ نچي ٿي سا ڪٿان ٿي اچي؟ پاپي جواب ڏيڻ کان نٽائي. چوي ته مان توکي ٻڌايان پر تون کلندين، ٺٺولي ڪندين چوندين زالون چريون.

پشپا ننڍڙي! پر گهر ۾ وڏيءَ خوشيءَ جو باعث. پشپا بنا گهر ڄڻ ته خالي ۽ ٻسو پيو لڳي. جيڪو آفيس يا ڪورٽ مان

موٽي، جيڪو شڪول يا ڪاليج مان اچي، سو ڀوريءَ اچي پشپا جو درشن ڪري ۽ سندس ڪلمڪ چهرو ڏسي. چو ته پشپا جو وڻندڙ منهن ڏسڻ سان دل بهار بهار ٿيئي ٿي ۽ ماٺوءَ جو اڌ تڪ ته يڪدم گم ٿيو وڃي.

ننڍڙا ٻالڪ سچ پچ گهر جو زيور ۽ سينگار آهن. سندن ابوجهائي، ميناج ۽ ڪو ملتا ڏسي دل ٿيئي ساڻن پيار جو ورتاءُ ڪرڻ لاءِ چٻيون ڏي. ٻوءِ ڪي ڪين هنج ڪڍن، چمن ۽ ڪي ٽول وٺي ڪارائين يا رانديڪا وٺي ڏين، ڪي گهمڻ وٺي وڃن يا ناٽڪ سئنيما ڏيکارين، ڪي رانديون ڪرائين ۽ ڪي آڪاڻيون ٻڌائين ۽ مطلب ته سڀڪو پنهنجي پنهنجي نموني ٻالڪن کي خوش ڪري ۽ پنهنجي دل ٺاري.

زندگيءَ جي کيل ۾ جيڪي سهڻا درشيه آهن تن سڀني ۾ وڌيڪ دل لڀائيندڙ ۽ وڻندڙ آهي هڪ ابوجهه ٻالڪ جو مشڪندڙ چهرو. چو ته اهو اسانجي دل ۾ اُٺاري ٿو خوشيءَ جون لهرون- اها خوشي جا ٻولڻ آهي، اها خوشي جنهن ۾ سمايل آهي هڪ عجيب ميناج ۽ شانتي.

سچ

١- سچ ۽ سوڌائي ڪنهن گرمک جي گهر ۾،
ننهن ملي ساڌ سنگت سان ممتا مٽائي،
سامي سپائي جوت ڏسي جگديش جي.
٢- سچ سچا تو جن ڪوه ڪريندا ڪوڙ ڪي،
هوندي ٻل نربل ٿي سڀ جي شيوا ڪن،
سامي اوديا سنڌ ۾ وهي ڪين وڃن،
وينا گهر رهن ساڪي سهج آڪاس جا.
٣- سدا ننهنجي جيءَ، جنهن کي سچ اندر ۾،
سامي ڇٽي سنسار جي ڀوري رکي نه پيءُ،
سته سڌ سروپ جي لنو ۾ رهي ليءِ،
ٻرچي ڀيرلن ٻي ڪري سڀ ڪنهن سان.
٤- سچ سچا تو جن سي ڪوه ڪريندا ڪوڙ کي،
موگه ترشنا جي جل ۾ ساهي، ڪين وهن،
رتا رنگ رهن سدا سپرين جي.
٥- سچ سي سچا ڻن جن کي سڪ سل ڪيا،
ٻاڻ ڏنا تون ٻاڻ ۾ نرکي نماڻن،
مورک چا چاڻن دردوندن جي دمر کي.

سامي صاحب



سرڪاري نوڪري

ليکڪ:- بي- ڊي گربخشاڻي، بي-اي.

"نوڪري ته سرڪاري ٻيو مڙيوئي ڪوڙ!" ايهي لفظ نوجوان پاڳوءَ کي اُٿندي، ويهندي، کائيندي پيئندي، گهمندي ڦرندي، هميشه زبان تي ڪنت هوندا هئا. ننڍي هوندي کان وٺي مٽن مائٽن، سنگتين ساٿين کان ٻڌندو هو ته سرڪاري نوڪري ۾ گهڻا ئي مزا آهن.

پگهار سٺيو ستا ٿو. تنهنڪا سواءِ ٻي چيري ميري ۽ سڀ کان مٿي حڪمراني ۽ ننڍي وڏي جي سلامي- ۽ ڪم ته فقط "صحيون گهٽڻ ۽ ملاقاتون ڏيڻ." جڏهين پروفيسر ڪلاس ۾ هر هڪ شاگرد کان سوال پڇندو هو ته وڏي هوندي ڇا ڪندا؟ ته پاڳو جواب ڏيندو هو "سرڪاري نوڪري." ڇي کهڙي؟ ترت جواب ڏيندو هو "ڊپٽي ڪليڪٽري."

ڊپٽي ڪيلڪٽري، ديسي ماڻهو لاءِ برابر وڏي ۾ وڏو سرڪاري عهدو هو. تنهن ۾ ڪهڙو مين ميخ. بيشڪ هو شهر جو حاڪم هو. سندس هيٺان مختيارڪار، هيڊمنشي، منشي، ٽپيدار ۽ زميندار هڪ پاسي- ته ٻي پاسي وري وڪيل، جج ۽ مئجسٽريٽ. وري جڏهين سائين ڊپٽي صاحب گشت تي نڪرندو ۽ ڳوٺن ۾ منزلون هڻندو هو ته پوءِ جنسي راجائي دربار لڳي ويندي هئي. ٿوري ۾ ڪٿي چئجي ته ملڪ جو مالڪ ئي ڊپٽي صاحب هو. ٻڌو هئائين ته بي-اي پاس ڪيل گريجوئيٽ واسطي ڊپٽي ڪليڪٽري ملڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي. ٿوري سا پشت ۽ هلندي هجي ته پوءِ چڙهيا سندس ڪيسي ۾ پيئي آهي. پاڳوءَ وڏ گهراڻي آڪهه مان هو. سندس پيءُ ۽ چاچا چڱن عهدن تي هئا، سو ڪيس انهيءَ پشت جي ته ڪا ڳڻتي ڪا نه هئي. هاڻ فقط محنت ڪري ڪيس بي-اي پاس ڪرڻي هئي.

(٦)

پاڳو سک سان سينئر بي-اي ڪلاس ۾ اچي پهتو هو ۽ پوري سال کانپوءِ امتحان ڏيئي بي-اي پاس ڪرڻي هئس. هن سال هو روز رات جو پيو خواب لهندو هو. هڪ رات خواب ۾ تو ڏسي ته "بي-اي پاس ڪئي اٿم. نتيجو ظاهر ٿيو آهي ۽

سيڪنڊ ڪلاس ۾ آيو آهيان ۽ حڪم آيو آهي ته ڀورين تاريخ کان وٺي وچين ڊپٽي ڪليڪٽري جي چارج ٽنڊي محمد خان ۾ وٺ. مان اصل ڪپڙن ۾ نه ٿيو ماپان. ٽپا ٿيو ڏيان، چوڌاري خوشيون ئي ويٺيون آهن. اما ۽ بابي کي سڀ پيا مبارڪون ڏين. مائٽين واريون وري مائٽيون ڪٺيون، رليون ميون آهن. ڇي ڪڪي کي هاڻ مڱاءِ. باهن وٺي ڏيندي سان ۽ چنڊ جهڙي، جو جڳ ڏسي ٿيو ريسون ڪري. ڪا پيٽي چوي ته ڊپٽي کي مان مڱا ٿيندس. اصل پوي ۽ جو ٻچو وٺي ڏيندي سانس ۽ تنهن ڪانسواءِ ٽالهي ٻڌا ڏهه هزار. ڇوڪري ۾ رٽا ٿو ڊ ڊپٽي ڪليڪٽر جي ڌيءُ آهي وغيره. نيٺ مان سڀهي سنڀري فرسٽ ڪلاس سوٽ پائي، فرسٽ ڪلاس ۾ مسافري ڪري اچي ٽنڊي محمد خان ۾ پهتس. گاڏي مان منهن ڪڍڻ سان ڇا ٿو ڏسان ته ڪيترا ماڻهو هٿن ۾ گلن جا هار کڻي پيا پڇا ڪن ته سائين ڊپٽي ڪليڪٽر يا ڳچند ڪهڙي گاڏي ۾ آهي؟ نيٺ گاڏو اچي ڳولي ڪڍيائون. بس پوءِ ته ڏسو سڀڪو پيو پيري پئي ۽ نئڙي ڊگها سلام ڪري. حد جا سيڻٽي سرڪاري نوڪر، مختيارڪار کان وٺندي پٽيوالي تائين، اسٽيشن تي حاضر هئا. بس پوءِ هارن سان مون کي جهنجهي ڇڏيائون. ڪو پيو چئي "ادا ڊپٽي ڏسڻ ۾ ته ملائڪ ٿو اچي." ٻيو پيو چئي "پاڻ شڪل جو ته شاهاڻو آهي هاڻ دل شاهاڻي هجيس." نيٺ سڪ سان مون کي موٽر ۾ وٺي اچي ڊاڪ بنگلي ۾ لاٿائون. سڀ ڪنهن طرح جو بندوبست سچو مختيارڪار جي هٿ ۾ هو. مختيارڪار کان حال احوال وٺڻ مان معلوم ٿيم ته ٻي ڏينهن ڊپٽي جي ڪڇهري ٿيڻي هئي جتي وڏا زميندار، وڏيرا ۽ ڪامورا ايندا ۽ اُتي مونکي ٻڌن جي باري ۾ ڪي ڪيس فيصل ڪرڻا هئا. ٻئي ڏينهن سڪ سان ڪڇهري شروع ٿي. ننڍا وڏا مختيارڪار ڪانوٽي پٽيوالي تائين حاضري ۾ بيٺا آهن. پوش پوش پئي پوي. اڃا مان (ڊپٽي صاحب) ڪڇهري اندر گهڙيس ۽ اُتي اُتي ڪرسي تي ويٺس ته ٻاهران ڪجهه گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته هڪ هاري فرياد کڻي آيو آهي، تنهن کي پٽيوالا ۽ ٽپيدار اندر اچڻ کان روڪي رهيا آهن. مون تنهن تي حاڪماڻي نوع ۾ چيو "ڇڏيوس ته اندر اچي ۽ روبرو فرياد ڪري."

اُتي چوڻ تي ڪيس ڇڏيو ويو. ڇا ڏسان ته هڪ ڳوٺل سڙيل، ڦاٽلن ڪپڙن ۾ هڪ هاري، اچي منهنجي اڳيان بيٺو. هاري هٿ ٻڌي ٻاڏائيندڙ آواز ۾ چيو "سائين مونکي مالڪيءَ کان ڏهه ڪوهه پري هڪ زمين ٽڪر آهي، جتي پوک ڪندو آهيان. هن سال تمام گهڻي مينهن جي پوڻ ڪري فصل صفا چٽ ٿي ويو آهي. سرڪار نامدار ٻين کي ٻڌن کان معافي ڏني آهي. مونکي به معافي ملڻ گهرجي. ٽپيدار کي مون عرض ڪيو هو ته مونکي به معافي وٺائي ڏي، ته چوڻ لڳو "سرڪار معافي ڪانه ڏئي سگهندي. توکي ٻڌل ضرور ڀارڻي پوندي." جڏهن گهڻو ليلايو مانس ته

جواب ڏنائين "اسان جي رقم رکي ته پوءِ معافي لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي."
هاڻ مون غريب کي رقم ڪٿان اچي جو ڏيان! توهين انصاف ڪريو. اڃا هاريءَ جو اهڙو چوڻ ته تپيدار جو وات ڦاٽڻ: "سائين! هي هاري ذات جا اٿو حرامي، مٿان هنن تي اعتبار ڪيو اٿو. ٻن پنيان پيسا خرچي، هاڻي پيسن ڏيڻ خاطر ٿو ڪوڙا الزام لڳائي." تپيدار جو سپروائيزنگ تپيدار، هيڊ منشي ۽ مختيارڪار سر وڻايو. چي "هاري بچ ماس ڪوڙو آهي. هيءُ رڳو سرڪار کي پيسن ڏيڻ واسطي چال ڪيو اٿس." هاري لنهن تي روئندڙ آواز ۾ چيو "ڊپٽي صاحب، توهين روبرو هلي منهنجي ٻنيءَ ۽ گهر جي حالت ڏسي انصاف ڪريو. منهنجا ٻچا بک ۾ پاهه ٿي رهيا آهن." پر هاريءَ جون ونتيون ۽ پڪارون اجايون ويون. مون حڪم ڪيو "ڪڍو هن مردار منحوس کي. سرڪاري نوڪرن جي برخلاف رشوتخوريءَ جو الزام هڻڻ ڪري کيس سزا طور ٽي ڌڪا لڳايو." يڪدم حڪم جي تعميل ڪئي وئي. هاريءَ کي لڪڻ سان ڪٽيو ويو ۽ کيس ڌڪ ٿي پيا. پڇاڙي جي وقت جڏهن ساڻو ٿي پيو، تڏهين ڏاڍي سوز مان چيائين "صاحب مان توهان سرڪاري انصاف وٺڻ آيو هوس. بس انصاف جي ماڳ هيڏي ڀاري سزا! توهين ڊپٽي آهيو ڪين راڪاس، منهنجي دل مان اڄ آهه ٿي نڪري ته ڊپٽي تون نڪي وڌندين، نڪي ويجهندي." مون ڪو به ڌيان ڪون ڏنو. هاري کي يڪدم ٻاهر ڪڍيو ويو. لنهن ڪانپوءِ ڪجهه زميندارن جا ڪيس فيصل ڪيا ويا ۽ ڪچهري برخواست ڪئي وئي. مونکي اڄ بيحد خوشي هئي جو ته مون ڪا وڏي جنگ ڪٽي هئي. اڃا اهي ويچار پئي ڪيم ته نامراد نوڪر اچي اٿاريو ته:

"سائين! چانهه پيئي ٿي. جلدي اٿو، ١١ صبوح جا لڳا آهن." آواز تي منهنجي اک کلي ۽ خواب پورو ٿيو.

(٣)

جلد ئي بسنت رت آئي، امتحانن جو آرٽيڪل ٿيڻ لڳو. بي-اي جو امتحان، اپريل ۾ ڪراچي منجهه ٿيڻو هو. نيٺ اهو ڏينهن ويجهو آيو ۽ اسين سڀ سنگتي سنيري، امتحان لاءِ ڪراچي ڏانهن روانا ٿياسين. ٽرين سکر سان حيدرآباد مان هلي ۽ چوڪرن جي ٽي ٽين ٽين شروع.

پتاڪي، موالي ۽ چرسي ته ٽائين. جڏهن موالي ڀنگ جو لوٽو ۽ چرسي چرس جو سوٽو چاڙهي ويهي ٿا پٽ هڻن، ته پوءِ سمجهنتا ته والسي ملڪ جا ئي پاڻ آهن. پر شاگردن ۽ خصوصاً ڪاليجي نوجوانن جي پتاڪن ۽ سٽاڪن جو ڪن ٽورن کي آزمودو هوندو. پتاڪن هڻڻ مهل هي نوجوان ائين ٿا سمجهن جڻ ته سڄي دنيا جي حڪمراني جي پڳ مٿان اچي پيئي آهي. چڱو، اچو ته شاگردن جون لپاڙون ٻڌون.

هڪڙو ٿو چئي ته "بابو ۽ گبسن ڪمشنر لنڊي هولدي جا گهاٽا يار آهن ۽ بابي کي انجام ڪيو اٿس، ته پنهنجي رڳو بي-اي

پاس ڪري نڪري ته مختيارڪاري ٿي رکي آهي." تنهن تي ٻيءَ ڇوڪري جي ٻانهن گهڻي جو يار آهي ته اسانجي چاچي جو وري مسٽر فٽريل جڊيشل ڪمشنر دوست آهي. اصل چاچي کي وڏو انعام ڏنو اٿس ته تنهنجو ڀائٽيو رکو ايل ايل - بي جو امتحان پاس ڪري ته سڀ جڳهيون تنهن ڏانهن لهڻائين. تنهن تي ٽئين ٽوڪ ڏنو ته مسٽر هٽلي انسپيڪٽر جنرل پوليس منهنجي ڏاڏي سان اقرار ڪيو آهي ته تنهنجو پوٽو بي.اي پاس ڪري نڪري ته پوليس انسپيڪٽري وٺي. آخر جڏهين مونکان پڇائون ته تون ڇا ڪندين؟ تنهن تي مون جواب ڏنو، "يارو! سنڌ پرڳڻي ۾، مسلمانن جي پشت ڪانسواءِ، ڪابه وڏي نوڪري ملڻ مشڪل آهي. منهنجو چاچو، ڊاڪٽر صاحب - مسلمانن جو گهاٽو سنگتي آهي ۽ ٻا ٻي سائين جو به انهن ڏانهن لاڙو آهي. سو مونکي ته ڊپٽي ڪليڪٽري ملڻ ۾ ڪابه تڪليف درپيش ڪانه ايندي." بس سڀئي اچي ٽهڪن ۾ پيا ۽ چيائون "ڊپٽي صاحب اسانکي نه وسارج." چار ڪلاڪ بتاڪن ۽ سٽاڪن ۾ جلد ئي گذري ويا ۽ گاڏي اچي ڪراچي پهتي. سڀڪو يار گهر راهي ٿيو ۽ وري امتحان جي ڏينهن گڏجڻ جو ٺهراءُ ڪيوسين جو سڀني کي پڙهڻو هو.

سومر ڏينهن امتحان شروع ٿيو ۽ ستت ڏينهن پورو ٿيو. پيپر سولا هئا، سو سڀني سٺو ڪيو هو ۽ پاس ٿيڻ جي سڀني کي پڪ هئي، فقط ڪلاس ملڻ جو شڪ هو. سڀئي هيئنر امتحان ڏيئي فارغ ٿيا. سو خيال ڪيوسين ته حيدرآباد ڇا وڃي ڪبو، ٽن مهينن کان پوءِ نتيجو ظاهر ٿيڻو هو. ڇو سين نه ڇونه هتي ويهي موجون ڪريون. ٻي ڏينهن هڪ مشهور ناٽڪ ڪمپني جو ناٽڪ ٿيڻو هو. نالو هوس "پيروزگار عرف بامبي (Bombay) ڪا گريجوئيٽ." سڀني سپيشل ڪلاس جون ٽڪيٽون خريد ڪيون.

(٤)

ٻي ڏينهن سڀئي سنگتي ڪمپليٽ سوٽ پائي، موٽر ۾ چڙهي، اچي مانڊوي ۾ وارد ٿياسين. سڄو مانڊو، ماڻهن سان ٽمٽار هو؛ هڪڙي به جاءِ خالي ڪانه هئي. اسان پڪ سمجهيو ته هيٺري جا رش ٿي آهي سو مڙيوئي ناٽڪ به ڪو لاثاني هوندو. جلد ئي گهنٽي لڳي ۽ پردو کڄيو. هڪ آفيس جو ڪمرو ڏسڻ ۾ آيو، ڪمري ۾ چوگرد فرسٽ ڪلاس ڪرسيون پيل هيون. وچ ۾ هڪ اُچي ميز پيل هئي، جنهن لي هوا واسطي فئن (پنکو)، لڪڻ واسطي رنگدار مس ڪپڙيون ۽ ٻيو شيشي جو سامان رکيل هو. ميز جي پرسان ڦرندڙ ڪرسي، (Rolling Chair) تي مئنيجر صاحب ويٺو هو. سگريٽ جي سوٽن سان گڏ ڪي ڪاغذ ٻي جا ڇپيا ٿين. هڪ ڪاغذ پيو جاچي ۽ گاريون پيو ڏي، "ڊئم فولس، اڊيٽس" وغيره چئي نيٺ ڪرسي تان لهي اچي شٽيج تي بيٺو. ڪيائين ٻڪ شروع:-

"ڏسو نه سهڻن، هڪ ٥٠ روپئي جي ڪلارڪي لاءِ ڪٺي اخبار ۾ نوٽيس وجهايم ته هڪ گريجوئيٽ ڪپي جو ڪمپني ۽ جو

چڱي طرح حساب ڪتاب رکي. بس! پوءِ ڏينهن ڪان وٺي درخواستون اچڻ شروع ٿيون آهن. هيل تائين ٥٠٠ ته اچي ويون آهن. انهن ۾ گريجوئيٽ، ڊبل-ٽربل گريجوئيٽ ۽ ولايت جا به ڪي پڙهيل آهن. سڀني گڏهن لنبا چوڙا سرٽيفڪيٽ ڏياري مڪا آهن ته درخواست ڪندڙ ههڙو قابل ههڙو سمجهو، ههڙو چالاڪ آهي ۽ جيڪي جڳهه مليس ته سڀني جون سڪون لاهيندو. هاڻ سرٽيفڪيٽ ڪٿي پڙهجن ته ساڳي پرنسپال، ساڳين پروفيسرن ۽ ساڳين اُستادن جا ۽ سڀني کي هڪ جهڙا سرٽيفڪٽ. هاڻي پڙهايو ته ڪهڙن پيٽ ڪجي. اَجوڪا اُستاد ڪاليج جا ننڍڙي شڪولن جا سرٽيفڪيٽ اکيون پوريو ٿا لکي ڏين، پوءِ چوڪرو ڪٿي جٽ هجي. مونکي ته درخواستون ۽ سرٽيفڪيٽ پڙهي پڙهي اچي مٿي ۾ سور پيو آهي. اڙي گريجوئيٽ ڪٿن ڪان به وڌيڪ! هڪ خسيس ڪلارڪي واسطي ڪتان جي سفارش ٿي آهي. اسان جڏهن بي-اي پاس ڪئي هئي ته گهرن مان منٿون ميڙون ڪري وٺي ويندا هئا. هاءِ ڙي زمانا تنهنجا رنگ! مان به ٿو ڪٿي صورتي وڃان ته ڪهڙي جو ٿو پاڳ پرائي. جٿي هن بي گريجوئيٽن جي توهين ڪئي، تٿن اسانکي بي خار لڳا ۽ دل پئي چيو ته گڏجي وڃي انهي مئنيجر کي ماري دنبو بڻايون. هي گريجوئيٽن کي ڪو بازار جي مڇي ٿو سمجهي ڇا! پر چيوسين ته ڏسجي، وڌيڪ ڇا ٿو ٿئي. سائين سين پي شروع ٿي. ڇا ڏسون ته هڪ اَپ ٽوڊيٽ سوٽ بوٽ ۽ عينڪ نوجوان هڪ لڪڙي ڦيرائيندو ڪرم ڪٽيندو پيو اچي. اچڻ سان ڪيائين بڪ شروع. "بي-اي پاس عرف ستيا ناس! پورين پارهن مهينن کان نوٽي جتي گسائي اٿم پر نوڪري ڪا نه ملي. ڇا سرڪاري آفيسون، ڇا ميونسپالٽيون، لوڪلبورڊون، ڇا خانگي فرمون، پر سڀ هنڌ، اهوئي روڪ ٽوڪ جواب "No Vacancy". ڪن هنڌ ته وڏا بورڊ لڳل هئا "No Interview for Vacancy" يعني "نوڪري لاءِ ملاقات ڪا نه ڪرڻ ۾ ايندي." هاڻ ڇا ڪجي ڪيڏانهن وڃجي. ماڻهو ٿا صلاح ڏينم ته ڪيڏي ويهه پان بيڙيءَ جو دڪان يا ڪر بوٽ پالش جو ڌنڌو اختيار. افسوس، صد افسوس. مون نٿي ڄاتو ته گريجوئيٽ جي ههڙي طرح مٽي پليت ٿيندي. پر نه يار نه، پليا آهيو. آءٌ اهو ڌنڌو مٽي به اختيار نه ڪندس. "پلي بڪ پيٽ جي شال نه وڃي شان." جي سرڪار اسان جي ڊگريءَ کي مان نٿي ڏي ته گهٽ ۾ گهٽ اسانجي سوسائٽي ته اسانکي آسمان تي پيٺي چوٽ چاڙهي. پوليو گريجوئيٽ مهراج ڪي جيءَ. "اسان گڏجي پڪاريو آمين! آمين!" سڪ سان ناٽڪ پورو ٿيو ۽ اسين گهرن ڏانهن روانا ٿياسين. مونکي سڄي رات ننڊ نه آئي. روئان پيو ته ڇا گريجوئيٽ جو اهو وڃي رهيو آهي مان! ڇو پڙهياسين ڪاليج ۾، مئٽرڪ پاس ڪري وڃي نوڪري نه ڪريون ها!

(٥)

ٻن ٽن مهينن گذرڻ ۾ ڪهڙي نه دير لڳي؟ جون آئي، نتيجو ظاهر ٿيو. بي-اي جي رزلٽ هميشه جيان تمام چڱي آئي هئي. اوڏي مهل ته گهڻيئي خوشيون ڪيون وييون، شاد مانا ٿي ويا، ماٽن مٺايون ورهايون. سڀني رانيون سنگتين جون مجلسون ٻي هليون. پر جئن جئن وقت گذرندو ويو، تئن تئن اهي نشا ٽٽندا ويا. هاڻي سڀني کي اچي نوڪري جي چورا ڪورا لڳي. ڳڻتين جي سمنڊ ۾ ٽٻجي ته وڃي غرق ٿيا سين. هر ڪو بابن چاچن، مامن، ماسن کي وٺيو پيو سفارشون ڪرائي پر نوڪريون هجن ته ملن! چاچا انجام، چاچا اقرار. صاحب آکڻ لڳا ته ڪين ڪهڙي خبر ته هئن زمانو ڦيرو کائيندو ۽ مسلمانن جو راڄ ٿيندو. اسانکي سرڪار بهادر جا سخت حڪم آهن ته مسلمانن کانسواءِ ڪنهن کي به هينئر ڪا سرڪاري جڳهه نه ڏيو. جي لاچار مسلمان نه ملن ته پٺتي پيل قومن وارن کي جڳهيون ڏيو. هيڏانهن سرڪاري نوڪرين جا هي حال! هوڏانهن ميونسپالٽين ۽ لوڪلبورڊن ۾ اُنهن کان به وڌيڪ اونده. مئير صاحبن جو ڪو مت مانت هجي يا نه ڳاٽي پڳي رقم پيٽا رکي ته نوڪري ملي. باقي رهيا هئا "انگريزي مڪتب". پر اُتي وري ڇا هو؟ پرنسپال ۽ هيڊ ماستر شڪولن جا چون:-

"ماستري کپيو ته پهرين هيترا چوڪرا ۽ چوڪريون شڪول لاءِ وٺي اچو. پگهار گهڻي ۾ گهڻو ۴۵ يا ۵۰ روپيا."

ڪن شڪولن ۾ ته ايهو حال آهي جو ٻه ٽي مهينا ساندهه نوڪري ڪرائي پگهار کان ڏين جواب. مطلب ته جت ڪٿ ساڳي اونده هئي:

"جيڏانهن وڃ روم- ليڏانهن ڀي ويو وءِ ٽوم."

بس! ڪرم ڪٽيون، يونيورسٽي ۽ پروفيسرن تي گارين جو ڏوڙيو پيا وسايون. سڀ پيا چئون ته ڇو پڙهيا سين ڪاليج ۾ جو هيڙا حال ٿيا. گهڻن لاچار نا اُميد ٿي ڪراچيءَ ۾ ايل-بي جو ڪورس ڪنيو ته وڪيل ٿيندا سين. ڪن ايم-اي جا وڃي ٽرمس رکيا ته گهٽ ۾ گهٽ ٻه سال نوڪرين جي ڳڻتي کان ڇٽبو ۽ پوءِ پروفيسر ٿيندا سين. ڪن شاگردن کي مڪتبن ۾ ماستريون مليون ۽ ڪن جزوي چوڪرن کي، جنهجي تمام گهڻي هلندي هئي، تنکي به ۴۰ روپئي جون سرڪاري ڪلارڪيون مليون، پيو مڙيئي خير! پر چنجي ڪٺي ته اسان مان ڪو وڃي وڏي عهدي تي چڙهيو سو اصل نه.

پانڪ پڇندا ته آخر ديوان يا ڳچند، جنهن هيترا خواب لڌا هئا، تنهنکي ڪهڙي پگهه ملي؟ چڱو ٻڌو ته ٻڌايانو! اُنهي وڃي هڪ مشهور وليهي جي ڪمپنيءَ جي ايجنسي ڪنئي. وليهي جو ڪم ڪهڙو آسان آهي سا سڀني کي خبر هوندي. جڏهين روز راسه جو ٿڪجي ٽٽجي، گهر اچي سمهي، تڏهين اکين مان پاڻي، وهايو چئي:

"هاءِ ڙي پياري سرڪاري نوڪري عرف ڊپٽي ڪليڪٽري!"

فيڊريشن آهي ڪهڙي بلا؟

ليکڪ :- پروُ- ايم- گرباڻي، بي- اي.

لارڊ لوٿين جو ست سمنڊ لتاڙي هندوستان جو سير ڪرڻ آيو تنهن ۾ ضرور ڪو راز هوندو! وري جو هندوستان جي مکيه ليڊرن ۽ رياستن جي والين سان ڪن رهاڻيون ۽ منيون منيون ڳالهيون ڪري ويو، ان ته پاڻ هندوستانين جي دلين ۾ وڌيڪ شڪ پيدا ڪيا آهن. آخر ۾ هندوستان جي مدبرن جا رايا وائيسراءِ کي ذهنشين ڪري انگلنڊ روانو ٿيو. اسهڻ کان اڳ هڪ بيان ۾ چيائين ته جيتوڻيڪ فيڊريشن جو اصول سڀني هندوستانين کي پسند آهي، تنهن هوندي به هاڻوڪي فيڊريشن مان گهڻا ماڻهو نقص ٿا ڪڍن، جن سان مان شامل راءِ آهيان. ان هوندي به خبر نه آهي ته ڇو لارڊ لوٿين صلاح ٿو ڏي ته هندوستان ۾ فيڊريشن ترت ٿيڻ گهرجي. هن ٻٽيءِ گفتار سچاويڪ هندوستانين جي دلين ۾ عجيب و غريب انومان پيدا ڪيا آهن. فيڊريشن شايد دهليءَ جي لڏوءَ جيان ٿي ڏسجي جو جيڪڏهن نه کائجي ته به پڇتائجي جي کائجي ته به پڇتائڻو پوي.

فيڊريشن جي معنيٰ آهي ته هندوستان جا سڀ ٽڪر- برٽش علائقا توڙي رياستون- گڏجي پاڻ ۾ جو سرشتو اختيار ڪن. هن وقت هندوستان ۾ يونيٽري سرشتو (Unitary system) آهي. مرڪزي حڪومت برپا ڪيل آهي ۽ اُن جي هيٺ پرانتڪ حڪومتون ڪم ڪري رهيون آهن؛ پر فيڊريشن کان پوءِ پرانتڪ خود حڪومتون ۽ مرڪزي فيڊريشن هڪ ٻئي کان الڳ ٿينديون ۽ سڌو بادشاهه سان جوابدار رهنديون. اندروني ڪم علائقا ۽ رياستون سنڀاليندا پر مکيه ۽ عام ڪمن جو فيصلو فيڊريشن جي هٿ هيٺ رهندو. هندوستان ۾ فيڊريشن جي خلاف ايتري نقطهچينيءَ هوندي به انگلنڊ جي وزير اعظم پارليامينٽ ۾ ظاهر ڪيو آهي ته فيڊريشن ۾ ڪا به ڦيرڦار نه ڪئي وڃي. سچاويڪ اهو خيال هر ڪنهن جي دل ۾ اُٿي ٿو ته ڇو انگلنڊ جي پارليامينٽ ايتري قدر منتظر آهي ته ڪئن به فيڊريشن هندوستان اندر عمل ۾ اچي. هوڏانهن بادشاهه جو عيوضي وائسراءِ رياستن جي نوابن ۽ راجائن کي پيو ٿو منيون منيون مرليون وڄائي. اُن مان ظاهر ائين ٿو ٿئي

ته رياستون به شامل ٿيڻ لاءِ تيار نه آهن. تنهن انڪت ۾ اهو چٽيءَ طرح ڄاڻايل آهي ته جيسين اهي رياستون جي فيڊريشن ۾ گهڙڻ چاهين ٿيون تنهن آدمشماري گهٽ ۾ گهٽ سينئن ڏيهي رياستن جي آدمشماريءَ جو اڌ نه هوندي ۽ سندن والين کي فيڊرل اپر چيمبر ۾ پاونجاهه عيوضين موڪلڻ جو حق نه هوندو تيسين فيڊريشن برپا ٿي نه سگهندي. هن مان صاف ثابت آهي ته هندوستان جا نه فقط نرم ۽ گرم ڪانگريسي، مسلم ليگ ۽ هندو مهاسڀا فيڊريشن جي خلاف آهن پر رياستون به مخالفت ڪن ٿيون.

رياستن جا والي سمجهن ٿا ته جيڪڏهن هنن هڪ واريءَ سرڪار کي داخلا جو دستاويز (Instrument of Accession) پري ڏنو ته پوءِ هميشه جي لاءِ هٿ ڪپائي ويهندا سون. جيتوڻيڪ اندروني ڳالهين ۾ فيڊريشن جي ڪا به دست اندازي رياستن ۾ ڪا نه ٿيندي، ته به مکيه ڳالهين ۾ کين شامل ٿيڻو پوندو. جن رياستن جي نوابن ۽ راجائن سڄي عمر الولين ۾ گهاري ۽ عيش عشرت ۾ رهي آپيشاهيءَ سان راڄ ڪيو سي ڪيئن پاڻ کي بندڻن ۾ ٻڌندا! پر چاڪاڻ ته انڪت ۾ صفا ڄاڻايل آهي ته رياستون فيڊريشن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ٻڌل نه آهن ان ڪري ئي هو گهڙڻ کان آنا ڪاني ڪري رهيون آهن. وائسراءِ به حد درجي جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته ڪئين به ڪري هو بازاچن. هوڏانهن سرڪار به چاهي ٿي ته مٺ منٿ سان يا دم دلاسي سان يا چٽ ۽ لت اختيار ڪري فيڊريشن برپا ڪريان. راز فقط اهو آهي ته فيڊريشن برپا ڪرڻ بعد سرڪار مٿي کي وهاڻو ڏيئي ڪي صديون بنا ڪنهن ڦوٽائي جي راڄ ڪري سگهيٿي، ڇو ته فيڊريشن جو انب جيتوڻيڪ ٻاهران ڳاڙهو ۽ سهڻو پيو ڀاسي پر منجهس جو زهر آهي سو هندوستان لاءِ هڪ وڏي آفت ٿيندي.

فيڊريشن ۾ ٻه چيمبر ٿيندا، هڪ فيڊرل ۽ ٻيو ڪائونسل آف اسٽيٽ. اسيمبلي ۾ ڪل ميمبر ٣٧٥ ٿيندا. انهن مان ١٢٥ رياستن کي موڪلڻا آهن جي رياستن جا والي ٿاڦي موڪليندا ۽ نه عام جنتا کين چونڊي موڪليندي. باقي ٢٥٠ ميمبر برٽش انڊيا جا عام ووٽر سڌيءَ طرح چونڊي ڪو نه موڪليندا بلڪ پرانتڪ اسيمبلين مان چونڊجي ويندا. ڪائونسل آف اسٽيٽ ۾ ڪل ميمبر ٢٦٠ ٿيندا جن مان ١٥٦ ميمبر برٽش انڊيا کي مليل آهن پر انهن مان ٻه ٦ ميمبر سرڪار پاڻ ٿاڦيندي ۽ باقي ميمبر عام ماڻهو چونڊي موڪليندا جن جون وري لياقتون بلڪل وڏايون ويٺون آهن. جنهن ڪري ووٽ فقط شاهوڪارن ۽ زميندارن جي هٿ ۾ رهندو باقي ١٠٤ ميمبر راجائون ۽ نواب ٿاڦي موڪليندا ۽

هاڻي اچو ته فيڊريشن کي واڳون ڪهڙيون مليون آهن. ڪاروباري حڪومت (Executive Body) کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. وڏو ۽ مکيه ڀاڱو وائسراءِ جي حوالي رهندو. ملٽري ۽ ٻاهرين نيتي سندس هٿ ۾ ئي رهندا. وڻيس ته جنگ ڪري، وڻيس ته صلح ڪري، وڻيس ته

واپاري عهد نامان ڪري ۽ وڌيس ته هندوستان جي ناليءَ ۾ ڪنهن کي به مدد ڏني. ازانسواءِ ڪيس رياستن جي بچاءَ ڪرڻ، امن امان رکڻ، يورپين جي حقن کي بچائڻ لاءِ خاص اختيار يون ڏنيون ويئون آهن. نه فقط ايترو پر ديڙدوس جا آرڊيننس ڪڍڻ، گورنر جنرل جي نالي سان انڪٽ جاري ڪرڻ ۽ پنهنجي روءِ سوءِ هلڻ جون طاقتون به ڪيس مليل آهن. پر جيڪڏهن اچا به وائسراءِ کي ضرورت پوي ته سڄو فيڊريشن جو فارس وڙهي سيڙهي پنهنجي نمونـــي چرخو هلائي سگهي ٿو. ڪيس ساري ڪاروبار هلائڻ لاءِ ٽي ميمبر ملندا جن جي مقرريءَ ۽ پگهار ۾ سندس مکيه هٿ هوندو. ان کانسواءِ هڪ مالي صلاحڪار پڻ مقرر ڪري سگهي ٿو، جو ڪيس مالي ڳالهين ۾ صلاح مصلحت ڏيندو. متيان ڪم سڀ ڏار ڪيل ڪم (Reserved Subjects) ڪوٺيا ويندا. رزرو ڪمن لاءِ اٽڪل سڄيءَ سالياني بجيٽ جو ٨٠ سيڪڙو الڳ ڪيو ويندو باقي ٢٠ سيڪڙو هندوستاني وزيرن کي ڏنو ويندو. اهي وزير وائيسراءِ پاڻ چونڊيندو ۽ کين تعليم، صفائي، اسپتالن ۽ مڪاني خود حڪومت وارا کاتا وغيره ڏينـــدو. ڪم ملڪ کي اڌ جهڙا پر پيسو بلڪل ٿورو! اهو ٿيو "سر ڏي مونکي پيچ ڪڻ لون" وارو قصو. مکيه ڪم ۽ جهجهو پيسو وائيسراءِ ۽ سندس صلاحڪارن کي، باقي ٿورو پيسو هندوستاني وزيرن لاءِ.

هاڻي اچو ته ڏسون ته ڪانگريس، جا هندوستان جو عيوضي آهي سا ڇا جي ڪري فيڊريشن جي سخت مخالفت ڪري رهي آهي ۽ انهيءَ ٿي ڪوشش ۾ آهي ته ڪنهن به حالت ۾ رٿيل فيڊريشن عمل ۾ نه اچي. ڪانگريس فيڊريشن جي اصول جي برخلاف نه آهي. هوءَ ته پاڻ چاهي ٿي ته هندوستان جا جدا جدا ٽڪر علائقا ۽ رياستون جنجا رواج رسمون، ٻوليون ۽ ساهتيه هڪ ڪري گڏيل هندوستان (United India) ٺاهجي. پر جنهن نموني پارليمينٽ فيڊريشن ٺاهي آهي اها سچ پچ هڪ مسخري آهي. ڪانگريس جي پهرين گهر آهي ته فيڊرل اسيمبليءَ جي ميمبرن کي عام ووٽر چونڊي موڪلين ۽ نه اڻ سڌيءَ طرح پرانتڪ اسيمبليون چونڊي موڪلين. هن وقت هندوستان ۾ اٽڪل چوڏهن سيڪڙو ووٽر آهن يعني اٽڪل ساڍا ٽي ڪروڙ ووٽر ٿيندا. پر جيڪڏهن اهي به ووٽ نه ڪندا ته فيڊرل اسيمبليءَ جا ميمبر عام ماڻهن ڏانهن جوابدار نه رهندا جو اصول خود مختيار حڪومت (Democratic Government) جي ورڌ آهي. تنهن کانسواءِ اميدوارن کي غير ڪانگريس علائقن جي ميمبرن کي رشوت ڏيڻ يا ٻيا انيڪ ڪڌا رستا اختيار ڪرڻ جو وجهه ملندو.

ڪانگريس جو ٻيو اعتراض اهو آهي ته رياستن کي ميمبر تمام گهڻا ڏنا ويا آهن. هو اٽڪل ٽيهين پتي ٿيندا، جي سڀ رياستن جا نواب ۽ راجائون ٺاڦي موڪليندا ۽ رياستن جي عام ماڻهن کي چونڊڻ جو ڪوبه

حق نہ رهندو. جنهن ڪري رياستن پاران ميمبر صرف والين ڏانهن جوابدار رهندا ۽ نہ عام جنتا ڏانهن. وري ڪائونسل آف اسٽيٽ جا ميمبر فقط شاهوڪار شاهيءَ کي ڏنا ويا آهن جنهن ڪري ڪانگريس سمجهي ٿي تہ هندوستان اندر فيڊريشن برپا ٿيڻ تي ڪانگريس جو زور عمر لاءِ ٽٽي پوندو ۽ ملڪ جو آواز سرڪار هميشہ لاءِ دٻي ڇڏيندي. وڏي ۾ وڏي خامي اها آهي تہ ڪاروبار هلائڻ ۾ گهڻو حصو ۽ گهڻا پيسا وائيسراءِ جي هٿ ۾ رهندا ۽ هندوستاني وزيرن کي نالي ماتر ڪم ۾ حصو ۽ ٿورو پيسو ڏنو ويو آهي. نہ فقط ايترو پر وائيسراءِ کي خاص جوابدارين جي نالي ۾ اهڙا اختياريون ڏنيون ويئون آهن جنجي وسيلي هو هرڪا آپيشاهي هلائي سگهندو. ٿوري ۾ ائين ڪري چئجي تہ برٽش پارليامينٽ وائيسراءِ کي هڪ ڊڪٽيٽر مقرر ڪيو آهي جنهن جي هٿ ۾ لشڪر، خزانو ۽ سيڙايل موڙي (Vested interest) کي بچائڻ لاءِ بي انت طاقتون ڏنيون ويئون آهن. فيڊريشن هندوستان کي فائدو ايترو پهچائيندي جيترو سنڌي ناريل مان گير ۽ منو پاٽي ڪڍي باقي مٿين کل پهچائي سگهي!

پهريون سوال اهو ٿو اٿي تہ برٽش انڊيا جا سڀ ٽڪر ۽ علائقا پاڻ ۾ ڳنڍيا ويا آهن؟ هن وقت هندوستان ۾ ڪل يارهن پرڳڻا گورنرن جي حوالي ۽ ڪيترا ٽڪر ڪمشنرن ۽ ايجنٽن جي هٿ هيٺ آهن. پرانهن ڪانسواءِ ڪيترا ننڍا ننڍا ٽڪر الڳ رکيا ويا آهن جن تي ظابطو سنڌو پرانتڪ گورنرن جو رهندو. ١٩١٩ع واري ائڪٽ موجب انهن کي پٺتي پيل (Backward provinces) ڪوٺيو ويندو هو ۽ هينئر انهن کي الڳ ڪيل ٽڪر (Excluded Areas) ڪوٺيو وڃي ٿو. انهن ٽڪرن جو واهي الله. نڪو قاعدو نڪو قانون. نڪو تعليم جو پورو پربند، نڪو ڪنهن عام سڌاري جو امڪان. هنن کي قاعدي جي هڪ ٿي ڌڪ سان هندوستان جي سڀيتا، ساهتيہ ۽ رسمن کان ڇني ڌار ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح ١٩٣٥ع واري ائڪٽ موجب برما کي ڌار ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري ڪانگريس جي زوردار گهر آهي تہ سڄي هندوستان جي جدا جدا ٽڪرن کي ملائي پوءِ رياستن کي گڏي هڪ هندوستان بنايو وڃي ۽ آزاديءَ جي اصولن تي عام ماڻهن جي راءِ پٽاندر فيڊريشن برپا ڪئي وڃي. باقي فيڊريشن جو رٿيل کوکو بوتو جو هندوستان مٿان مڙهيو ٿو وڃي سو ڪانگريس کي قيام قبول ڪين پوندو.

پورب سنديش مان هڪ ورق

ٻڌ جو نِباڻ

(١)

ڪين ٿي ان سوڳ ۾ دک درد جي ٻڌ کي خبر،
منش دک سان ٿو جمي، دک ۾ مري دک ۾ گذر،
روڳ، بيماري رهي ۽ موت دنيا جي اندر،
عيش جي ماکيءَ اندر آهي لڪل قاتل زهر،
ماڪ جي قطري سمان ٿي زندگي انسان جي؛
سونهن ۽ نازڪ بدن آهي مٽي شمشان جي.

(٢)

ٻڌ ستل ڇاتيءَ يشودر لئي هيو مدهوش ۾،
پيار جي هٿڙن ڪرائي ننڊ ٿي آغوش ۾،
پر اچانڪ ڇرڪ ماري ۽ اٿي، چيو جوش ۾:-
"اي دنيا! تون ٿي سڏين، آهيان ستل سنتوش ۾،
اي دنيا جا روح مان تنهنجي اشاري تي اچان؛
هن نظاري کي ڇڏي تنهنجي نظاري تي اچان."

(٣)

"اي منا ڇا ٿو ٿئي؟" چيو يشودر پيار ۾
ڳالهه ٻڌ ٽاري ڇڏي ڪلندي ڪٿي انڪار ۾
ٿيو حڪم گوتم جو "اڄ وينا وڄي سُر تار ۾
راڳ جون لهرون لڳن ساري سندر سنسار ۾."
سندرين ڪولي وڄايون شوق مان وينا ستار؛
راڳ ۽ آلاپ سان گوتم جي دل ٿي تار تار.

(٤)

سانت مٺ ساگر اندر اڄ راڳ سان گهگهوڙ ٿيو،
۽ هوا سو ساد ٿيا وايو منڊل ۾ گوڙ ٿيو،

ٿي چمڪ بجلي سنڌي ۽ بادلن ۾ شور ٿيو،
قدرتي شڪتين وسيلي راڳ جو خود زور ٿيو،
سنڌو ۽ ٻين ٻــڌا وڄندا سريلا ساز ٿــي،
۽ وڻ ٻڌ جي ڪن ۾ هــي وري آواز ٿــي:-

آواز

(٥)

آرام لهه ولڻ ٿيو - دک درد ۾ گهمڻ ٿيو
سنسار ۾ هلڻ ٿيو - هرگز نه سڪ ملڻ ٿيو
ڏس زندگي جا ٻوٽا
آهن هوا جا جهوٽا

(٦)

جيوت مراد ڪهڙي؟ هي جهڳ مڳاد ڪهڙي؟
ٿي انت آد ڪهڙي؟ آهــي جڳاد ڪهڙي؟
جيوت عجيب ٻاڇو
انسان غيب ٻاڇو

(٧)

جي ٻرٻر ڪي بقا ٿــي جيوت مزو سدا ٿــي
جيوت اصل هوا ٿي ڪنهن کي نه ڪا ڄڻا ٿي
ڏڪندڙ ستار جا سُر
آهن دنيا جا منظر

(٨)

دک ڀار مان وڄون ٿا آواز ٿــي رلون ٿا
آليون اکيون ڏسون ٿا غمگين منهن ٻسون ٿا
سک وس نه لوک اهي
هردل ۾ شوک آهي

(٩)

جيوت شعاع آهي گل جان هڳاءُ آهــي
خالي نماءُ آهــي هڪ ڏينهن جناءُ آهــي
آهي عمر کي روڪڻ
هلندڙ ڪڪر کي روڪڻ

(١٠)

ننڊ مان سجاڳ ٿي تون دنيا جي واڳ ٿي لون
آنند جي ماڳ ٿي تون سک سانت واڳ ٿي تون
دنيا سڄي دکي ٿي
تنهنجي هٿان سکي ٿي

(١١)

ڪر ٽوڪ شان شوڪت ڇڏ موه پريم اُلفت
تنهنجي سري فرحت دل ۾ نه آهي راحت
ويراڳ ۾ ٿي هستي
دنيا کي بخش مستي

(١٢)

آواز ٿي اچون ٿا تارن مٿان نچون ٿا
توکي اسين ڪلون ٿا جٺن جٺن وري وڃون ٿا
مايا ڇڏيءَ ڀلائي
ڀاڇن وڌءِ لائي

(١٣)

هي عجب آواز ٻڌندي ٻڌ سمايو خيال ۾،
ٿي پڇيو گوتم يشوڌر کان نه وسمءُ حال ۾:-
”آما تون ٿين دکي ڇا؟ جيوتي جنجال ۾،
اڻ ڳڻيا انسان دک ۾ دک رهي هر ڪال ۾،
مان دکي دردي دلين جي ڪا ڪندس واهر ضرور،
دک ندي مان ٻڏندڙن کي مان ڪيدان ٻاهر ضرور“

(١٤)

”شام جو سج جي جڏهن اولهه سواري ٿو ڏسان،
ديس جنهن ۾ تو وڃي تنهن ديس جا ماٺهو ڀسان.
دل اندر اُڻ تڻ اهائي ديس ان ۾ ڪٿن وسان،
تنهنجي پاسي ۾ رهڻ سان ڪين ٿو هاٺي هسان،
چاشني تنهنجي ڇپن جي دک مٽائي ڪين ٿي؛
بار غم جو دل مٿان سائي هٽائي ڪين ٿي.“

(١٥)

”گرهڻ منهنجي بدن تي ٻر ٻکڙي جا ڪٽي،

برف جي چوٽيءَ اتي اُڀري وڃان مان پرڀٽي،
۽ هماليءَ تي رهي شل ٿيان هماليءَ جو ڌڻي،
برف جي چوڏر اُڇائيءَ ۾ رهي رونق گهڻي،
مان اتان ٿي سرود دنيا جي نظاري کي ڏسان،
آدمين جي درد دک جو بوءِ اُتي ڪا ٿو ڪٿيان.”

(١٦)

”اي مني! هن محل ٻاهر ڪهڙي وستو ٿي وسي؟
ڪيو آهن؟ ڪٿي هلن ٿا ڪنهنجي هستي ٿي وسي؟
يا سکي انسان ٿيا يا تنگدستي ٿي وسي؟
ڪنهنکي دک آ، ڪنهنکي سک آ، ڪنهن ۾ مستي ٿي وسي؟
اي چنا! ٻاهر وڃڻ لاءِ منهنجي رٿ کي ڪر تيار،
مان پسان ٻي انت دنيا جون وڃي شڪليون هزار.“

(١٧)

هر طرف ڪان نت رهيو ۽ شهر اڄ سينگار ڪيو،
پنهنجي مشڪ ، مان ٻخالين چوطرف ڇٽڪار ڪيو،
استرين گهر جي اڳيان تلسيون رکي هٻڪار ڪيو،
رنگ سينگاريو پٽين کي ۽ جهنڊن جنسار ڪيو،
ٿي خوشي گوتم ڏسڻ جي مک ٽڙي نرنار جو،
”ڪو انڌو ڪوڙهيو نه نڪري“ ٿيو حڪم سرڪار جو،

(١٨)

رٿ هليو ٻڌ جو شهر ۾ ٿي خوشي گهر گهر اندر،
ٻڌ ڏسي گدگد ٿيو هو اڄ نظارو سربسر،
روپوت جوين ڪماريون ٿي ٽڙيل آيون نظر،
ٿي ڪٽي ٻارن گلن جي ٻڌ مٿان ورکا سندر،
پيار مان چمندي وڃاريو رٿ اندر هڪ ٻار کي؛
ٻڌ خوشيءَ ۾ چيو ”ڏٺو مون اڄ عجب سنسار کي“

(١٩)

اوچتي ٻڌ جي نظر پيان پٽي انسان تي،
هو بدن سارو ڪٻو ۽ کين ڪپڙو جان تي،
هيون اکيون کوپن ۾ پيٺل، داغ ها پيشان تي،
لٺ ڪٽي ٿڌندو هليو ٿي ٿڙڪندو ميدان تي

ماس ٻن ٻوٽو هڏن جو، ٻانس جنهن ۾ گندگي؛
هو پڌو ڏندن بنا ٿي زهر جنهنجي زندگي.

[٢٠]

جيڙي دنيا اندر خود موت جي مورت بڻيو،
ساري دنيا جي گڏيل مرض سندي صورت بڻيو،
روڳ ۾ ٻو قت بدن لي، درد ۽ حسرت بڻيو،
دل ڪنبائيندڙ پياڪ هو ٻهو هيبت بڻيو؛
درد انساني حياتيءَ تي ٿنولي ٿي ڪئي،
موت جيوت جي نظاري لي مخولي ٿي ڪئي.

[٢١]

ٻڌ ڏسي اهڙو نظارو غم اندر غلطان ٿيو،
هن چنا کان ٿي پڇيو ”ڇا هيءَ ٻه ڪو انسان ٿيو؟
ڪهڙي آفت ۽ مصيبت جو ڪي نيشان ٿيو؟
درد ۽ پيڙا ۾ ايڏو ڇو وري حيران ٿيو؟
درد مان دانهون ڪري هو موت کي سڏ ٿو ڪري،
ڇا دنيا ۾ منش هن وانگيان جمي ۽ ٿو مري؟“

[٢٢]

سارٿيءَ گهوڙن کي روڪي ٻوء ورائيو هيءَ جواب:-
”اي مٺا منهنجا ڪنور! ساري دنيا آهي خواب،
ڪين جوين جو رهي هردم ڪليل تازو گلاب،
هي ويچارو ٿو سهي سارو ٻڍاپي جو عذاب؛
تيل جيوت جي ڏئي مان هاڻ پورو ٿي چڪو،
وٽ پري ڪاري صرف، ڇڻ گل سمورو ٿي چڪو.

[٢٣]

”اي ڪنور! هنجي ستيا ڇو سي ڇڏي آ ڇور ڪال،
هو بدن جا ٿنو اڳي ۽ هاڻ جنهنجو آ زوال،
جا مٺي ٿي زندگي سا زندگي آهي وبال،
ڪر حياتيءَ جو نه شهزادا مگر ڪوئي خيال؛
آهه هي رستو هوا جو زندگي انسان جي،
ڌرمشالا ٿي دنيا ڇڻ آهه هيءَ مهمان جي.“

[٢٤]

”اي چنا! ٿيندو جهڪو ڇا سرخ رنگ نازڪ بدن؟
خاڪ ٿينديون ڇا ڪماريون جالني، گنگا، رتن؟
پريم ڇا منهنجو نه رهندو پريم جنهن ۾ ٿيس مگهن؟
لاش ٻن پريمين جا ٻي دردي جلا ٿيندي اَگن؟
اي چنا ڇا ساري منشن جو ٿو اهڙو حال ٿي؟“
جو جمي ٿو ٿنهنتي ڇو غالب وري ٿي ڪال ٿي؟

[٢٥]

"جو جمي سو ٿو مري وهنوار هي ۽ سنسار جو،
موت ٿيندو مرد جو ۽ زال جو ۽ ٻار جو،
ڇوٽڪارو هن اجل کان ڪين رشتيدار جو،
ڪو بچائي ڪين سگهندو ڪين ڪم ٽڪار جو؛
وهڪرو جيوت سندو وهندڙ نديءَ جي آ مثال،
جو هلي تنهنکي هلڻ ڏي انکي روڪڻ آ محال."

[٢٦]

محل ۾ غمگين گوتم درد دل آيو کڻي،
ناچ نچڻين، سونهن گورن جي نه گوتم کي وڻي،
۽ يشوڌر ٿي ڏٺو مايوس اڄ پنهنجو ڌڻي،
ناز پنهنجي سان وري گوتم کي هرکائي گهڻي؛
چيو يشوڌر "راز دل جو مون ٻڌايو ڇو نه ٿا؟
درد مايوسي مٿا دل ٽان هٽايو ڇو نه ٿا؟"

[٢٧]

"اي يشوڌر ڪين رهندو پريم جو گلشن چمن،
ڪين ٽڙندڙ مشڪندڙ دائم رهن سوسن سمن،
جهور ٿيندو تنهنجو ۽ منهنجو پيرائي ۾ بدن،
هن نفيسائي لي پوندو- موت جو ڦهري ڪفن؛
ڪين ڪن هوندا ٻڌن جي بات تنهنجي پريم جي،
بند ٿيندي اوچتي هيءَ لات تنهنجي پريم جي."

[٢٨]

"پريم پينگهي ۾ لڏي اڄ گروتون موجون هزار،
پريم رنگ ۾ ٿيون مهو ۽ ڪانه ٿي دک جي سنيار،
پريم کي گر ڪيون ڇپن جي اڄ چمين سان گرفتار،
جي ڪٽون پاڪر ۾ منڙي ساه گڏجي بار بار؛
شام جي رنگت گلابي رات جڻ ڪاري لٿي،
عشق منهنجو نار تنهنجو موت ٽڙن ويندو جهٽي."

[٢٩]

"ڪين پرواه آهه ٿيو گر هي بدن سارو فنا،
آهه جا جي ناس ٿيو سنسار جو سارو لقا،
مان ڪندس ڳولها وڃي جڻ پريم ٿي دائم جتا،
مان لهان منڙي يشوڌر! هن فنائيءَ ۾ بقا؛
ٿيهن جو نالو اسانجو جڳ جڳان دائم رهي،
ٿيهن تنهنجو پريم منهنجو پوءِ سدا قائم رهي.

ڏيونداس ڪشناڻي [آزاد] بي - اي ايل - بي

بکر واشنگٽن

ليکڪ:- مرحوم مرزا قليچ بيگ

هي هڪڙو آمريڪا جي شيدين مان غلام ڇوڪرو هو، جو محنت ڪري چڙهيو ۽ علم حاصل ڪيائين ۽ مشهور هشيار اُستاد ۽ تقريرون ڏيندڙ ٿيو. هن پنهنجو احوال پاڻ هڪڙي ڪتاب ۾ ڏنو آهي، جنهن مان هي مختصر احوال ورتو ويو آهي. هو سال ١٨٥٨ع ۾ آمريڪا جي هيليس فورڊ شهر ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ ۽ ماءُ ورجينيا جي فرانڪلن ضلعي ۾ هڪڙي ڪيتيءَ تي غلام ٿي ڪمائيندا هئا ۽ اتي ئي پورگين ۾ رهندا هئا. هن جي ماءُ جا مائٽ آفريڪا مان آيا هئا. هن پنهنجا ننڍي هوندي جا ڏينهن انهيءَ سوڙهيءَ ڪاٺ جي ڪوٺيءَ ۾ گذاريا، جتي سيئي رهندا هئا ۽ رڌيندا پچائيندا به هئا ۽ جا ڪيتيءَ جي گدام وانگي به ڪم ايندي هئي. هنکي هڪڙو ننڍو ڀاءُ ۽ هڪڙي ڀيڻ به هئي. ننڍا ڪيتيءَ جو پورهيو ڪندا هئا ۽ ڪيتيءَ جي مالڪ جا غلام ٿي رهندا هئا. نيٺ آمريڪا ۾ جنگ شروع ٿي ۽ غلام آزاد ڪيا ويا. هي غلام به آزاد ڪيا ويا، انهي هوندي به هي پنهنجي ڌڻيءَ جي ٻارن ٻچن سان اهڙا هري مري ويا هئا جو انهنکي ڇڏڻ دل نٿي چين. ليڪن جاري ڪيل حڪمن ۽ قانونن موجب هنن کي ڌڻيءَ واري جاءِ ڇڏڻي ٿي ۽ پنهنجا نالا به بدلائڻا ٿيا. ڏاڍي ڏک سان پنهنجي ڌڻيءَ جي گهروارن کان موڪلائي هو اتان لڏي نڪتا ۽ هڪڙي لوڻ جي کاڻ تي اچي رهيا ۽ اتي پورهيو ڪرڻ لڳا. هي ڇوڪر جنهن پنهنجو نالو بڪر واشنگٽن رکيو هو، سو ٿورو گهڻو پڙهڻ لکڻ به اتي لوڻ جي کاڻين وٽ سکيو. هنکي علم جو شوق گهڻو هو؛ تنهنڪري ماڻس به هنکي همٿائيندي ۽ مدد ڪندي هئي. شيدي ڇوڪرن لاءِ اتي هڪڙو نئون سڪول کليو، تنهن ۾ هو پڙهڻ لڳو. پهرين پائبل پڙهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پر هي ڇوڪر ڏينهن جو پورهيو ڪندو هو ۽ رات جو پڙهندو هو. اڪثر پيا غلام ڇوڪرا به ائين ڪندا هئا. پوءِ بڪر کي وڌيڪ مزوري جي لالچ ٿي هڪڙي ويجهي اگرن جي کاڻ تي رکيائون. ڪن مهينن کان پوءِ ويجهي شهر هامپٽن ۾ نارمل سڪول ۽ انگريڪلچر سڪول جو ٻڌي هو انهي پاسي

ويو. انهيلاءِ ته اتي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو ڪم
بہ سگهي ۽ ڪيتيءَ جو بہ. ڀرين مالدن ۾ مسٽر
رفنر جي گهر نوڪريءَ جي جاءِ هٿ ڪياءِ.
اتي ڏيڍ ورهيہ رهي هنجو خانگي ڪم
ٻهاري وغيره جو بہ ڪندو هو ۽ پڙهندو بہ
هو. هن خانگي ڪم اهڙو خبرداري ۽
چالاڪي ۽ ايمانداري سان ڪيو، جو مسز
رفنر هن مان ڏاڍي راضي ٿي. نيٺ هو
هامپٽن جي نارمل سڪول ۾ داخل ٿيو،
مگر ڏاڍي مشڪلات کان پوءِ. سنہ ١٨٧٢ع
۾ هو مالدن مان موڪلائي نڪتو. هامپٽن
اتان پنج سؤ ميل هو. هنکي سفر پيرين پنڌ
ڪرڻو پيو. رستي ۾ مسافرخانن ۾ رهندو
ويو. ڪٿي بارگاڏين تي چڙهڻ جو وجهہ
ٿي مليس. جيڪي ٿورا پيسا هئس، سي
بہ رستي تي پورا ٿي ويس. رچمنڊ شهر ۾
ٿڪل ٽٽل ۽ بکيل پهتو ۽ رات جي وقت
هڪڙي گهٽي ۾ سمهي پيو. صبح جي وقت
ڏٺائين ته اهو بندر آهي ۽ هڪڙي جهاز
تان مال پيا لاهين. هي بہ اتي ويو ۽ ڪپتان
کي عرض ڪري مال لاهڻ لڳو. انهي طرح
موچاري مزوري ڪمائي ورتائين. ڪپتان
کي هنجو ڪم اهڙو وڻيو، جو هنکي پنهنجي
جهاز تي مزور ڪري رکيائين، جو اهو
جهاز هامپٽن تي ويو. انهيطرح هو هامپٽن
پهتو ۽ مٿا هڻي؛ سڪول ۾ داخل ٿيو. وٽس
هينئر پنجاهہ سينٽ مس هئا. هيڊ ماستريائي
رحمدل زال هئي. ڇوڪر جو شوق ۽
غريبي جو حال ڏسي، هنکي اتي وهاريائين
۽ ٻهاريدار ڪري اتي رکيائينس. کاڌو
پيتو ۽ رهڻ ۽ پڙهڻ مفت ڏنائينس. اتي

جنرل آرمسٽرانگ سان هنجي معرفت ٿي
وئي، جو سڪولن جي نظرداري ڪندو
هو. انهي گهڻي مدد ڏنيس ۽ هن بہ سڪول
جي ڪم ۾ ڏاڍي هشياري ۽ صفائي وغيره
جي ڪم ۾ اهڙي محنت ڪئي، جو سڀ
هنکي پيار ۽ مدد ڪرڻ لڳا، جنهنڪري
بڪر واشنگٽن موچارو سکيو گذارڻ لڳو.
سال کان پوءِ سڪول کي وڪيشن يا رخصت
ملي. دستور موجب ڪنهنکي بہ انهيءَ
وقت سڪول ۾ رهڻ نہ ڏيندا هئا ۽ سڀ
پڙهندڙ پنهنجي وطن يا ٻئي ڪنهن پاسي
هليا ويندا هئا. بڪر ويچارو پلا ڪيڏي
وڃي ۽ پيسو بہ ڪو نہ هوس. تنهنڪري
پنهنجو هڪڙو فالتو وڏو ڪوٽ وڪڻي
ڪنهن پاسي وڃڻ جو ارادو ڪيائين. پر
اهو وڪڻي نہ سگهيو. لاچار رهي پيو ۽ آس
پاس پورهيو ڪري گذاريائين ۽ ڪي پيسا
ڪمايائين، جنهن مان ٿورو ڪنيل قرض بہ
ادا ڪيائين. ٻئي سال ۾ وڪيشن ملڻ تي
هو پنهنجي ڳوٺ مالدن ۾ آيو. سڀ گهر
جا ڀاتي هن کي ڏسي خوش ٿيا، پر اتفاق سان
مهيني جي اندر سندس ماءُ مري وئي.
انهيڪري هنکي موٽي هامپٽن وڃڻ جي
اميد نہ رهي. پر آخر ڀاڙي جو پيسو موجود
ڪري اتي اچي نڪتو ۽ تعليم جو ڪم
جاري رکيائين. نيٺ سنہ ١٨٧٥ع ۾ هو اتي
پڙهي تحصيل ڪري سند وٺي ڳوٺ آيو ۽
اتي شيدين جي سڪول جو ماستر مقرر ٿيو.
اتي رهئي ڪن ٻين رات وارن ۽ آچر جي
ڏينهن وارن سڪولن کي پڙهائيندو هو.
سنہ ١٨٧٨ع ۾ هو واشنگٽن ۾ وڃي پاڻ زياده

پڙهڻ لڳو، جتي هڪڙو سال گذاريائين. پوءِ سندس مربي جنرل آرمسٽرانگ جي سڏ تي هو موٽي هامپٽن ۾ ويو، جو اتي هن هڪڙو وڏو سڪول کوليو هو، جنهن ۾ آمريڪا جي ڳاڙهن شيدين ۽ آفريڪا جي ڪارن شيدين کي پڙهائڻ جي رٿ ڪئي هئائين ۽ بڪر واشنگٽن کي انهيءَ جي متان رکڻو هوس. اتي وڃي بڪر واشنگٽن ڏاڍي محنت ڪئي ۽ چالاڪي ڏيکاري ۽ آس پاس تقريرون ڏئي ديسي ماڻهن کي ٻارن پڙهائڻ جي ترغيب ڏنائين. ساڳئي وقت ۾ هن رات جو ڪي سڪول به پئي هلايا. سال کن کان پوءِ جنرل آرمسٽرانگ هنکي ٽسڪجيءَ جي نارمل سڪول تي مقرر ڪيو ۽ سنه ۱۸۸۱ع ۾ هن اتي وڃي ڪم شروع ڪيو، ۽ ٻهراڙيءَ جي گهڻن هندن تي ڪڙهين ۽ ڪڪڙ خانن ۾ سڪول پڙهائڻ جو بندوبست ڪيائين ۽ ديول جي لاءِ هڪڙو پنگي مقرر ڪيائين. سگهوئي پوءِ مس ڊيوڊسن به هن سان اچي شامل ٿي ۽ شيدين ۾ تعليم پکڙڻ لڳي. سڪول سان لاڳو آبادي ۽ پوک جي تعليم به ڏيڻ لڳا ۽ ڪي هنر به سيکارڻ لڳا. پوءِ آس پاس جي دولتمند ماڻهن کان چندا گڏ ڪري هڪڙو وڏو سڪول ٺهرايائون ۽ گڏ ٿيڻ ۽ تقريرون ڏيڻ لاءِ هڪڙو هال يا صفحو ٺهرايائون. ايترا پيسا گڏ ٿيا هئا، جو اهي عمارتون نه ٺهرايائون، پر ڪيترن سخين هر سال ڇهن هزارن ڊالرن ڏيڻ جو انجام ڪيو. چوڏهن ورهن تائين اها مدد ملندي رهي. وقت بوقت نيون نيون عمارتون جڙنديون ويون، بلڪ سربندي ۽ عمارت سازي ۽ واين جو ڪم به شاگردن پاڻ ٿي ڪيو. بورڊنگ جون جايون يعني رهڻ ۽ کائڻ جون جايون به عاليشان ٺهي ويون. پيسي گڏ ڪرڻ لاءِ بڪر واشنگٽن جنرل آرمسٽرانگ سان گڏ نيويارڪ، بروڪلن، بوسٽن، فلاڊيلفيا ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ وڃي تقريرون ڏنيون. ٻين پاسن ڏي بڪر اڪيلو ويو. انهيءَ ڪم لاءِ بعضي هنکي پنج هزار ميل پنڌ ڪرڻو به پيو. سنه ۱۸۹۵ع ۾ اٽلانٽا ۾ جيڪا نمائش ٿي، تنهن ۾ به هن نهايت عمدي تقرير ڏني، جنهنڪري سندس گهڻي تعريف ٿي. نمائش واري تقرير جي ڪري بڪر جي ناموس ملڪ ۾ پکڙي وئي ۽ اليجي گورنر هڪدم ٽلهي تان لهي کيس هٿ ڏنو ۽ مبارڪون ڏنائينس. اخبارن ۾ به هن جي تعريف ٿيڻ لڳي ته هن ديسي ماڻهن جي هر طرح حالت سڌاري آهي. سنه ۱۸۹۳ع ۾ هن مس مارگريٽ جيمس مري سان شادي ڪئي، جا تمام پڙهيل ۽ زنانيءَ ڪاليج جي پرنسپال هئي ۽ اڳي ٽسڪجيءَ ۾ ماستريائي هئي ۽ تڏهن ساڻس معرفت ٿي هيس. تنهنڪري سندس زال به هنسان گشت ۾ رهي. پوءِ هو ٻئي يورپ جي سير تي نڪتا ۽ هالنڊ ۽ بيلجم ۽ بروسيلس ۽ پئرس ۽ لنڊن ۾ ويا، جتي هنن جي گهڻي مرحبا ٿي ۽ جتي هن تقريرون ڏنيون، جن جي تعريف ٿيڻ لڳي. هائوس آف ڪامنس ۾ به حاضر ٿيا. ڪي مهينا اتي گذاري پوءِ هو موٽي آيا. سنه ۱۸۹۹ع ۾ آمريڪا جي پريزيڊنٽ سان به هنجي واقفيت ٿي، جنهن کيس گهڻي مدد ڏني ۽ ٻئي سال ۾ هن شيدين جي قومي زندگي جي جماعت قائم ڪئي، جا پهرين بوسٽن ۾ گڏ ٿي.

انهيءَ طرح بڪر واشنگٽن مرڻ گهڙيءَ تائين عزت آبروءَ سان گذاريندو ۽ قوم کي فائدو پهچائيندو آيو.

پڙ ڻ سڄاڻ

ڪافي (۱)

معنوي وجودي ڪر صحيح آهين سدا موجود تون
ڪنهن جي عبادت ٿو ڪرين ساڳو آهين معبود تون
۱- ڪاڏي ڪرين تون ٿو قصد داورين جو مقصود تون
سر معنوي پنهنجو سمجهه ملڪن سندو مسجود تون
۲- ڇڏ سڌ بهشتي باغ جي ملڪوت ۾ مشهود تون
غزني جو هند ڇو ٿو ڳچين مورون ملڪ محمود تون
۳- بيدل ٻره اختيار ڪر جي ٿو گهرين بهبود تون
ڏوهون ثوابون ڪيم گذر آهين سمور و سود تون

(بيدل فقير)

ڪافي (۲)

تون نه جو آهين سو آهين

۱- جاءِ بجاءِ او جهاتي پائي ڪاٿي ڪنهنجو تون ناهي
۲- حاضر ناظر هر رنگ هو جا ناهه عجائب ناهين
۳- ناتؤ نشان نه ڪوئي تنهنجو سهسين ناتؤ سڏائين
۴- عشق حسن جو جامون پهري صورت منجهه سمائين
۵- ڪاٿي لاهي لاڳاپا لالن پير پڌر ٿو پائين
۶- ڪاٿي بيدل ٿي عالم ۾ پنهنجي ذات ڇپائين.

(بيدل فقير)

ڪوهه تي

١- منوهر ماڪ جو قطرو، ڪنول جي پشپ ڪومل تي،
سهائي ۽ پر رچيل 'آڪاس-گنگا' عرش اوجل تي،
نئون سورج جو ڪرڻو سانوڻي بادل جي ٿاڌل تي،
اڇي سڙهه ساڻ پيڙي سمنڊ جي نيراڻ نرمل تي؛
زياده دل ڏتارن ٿيون اسانجي گوٺ جون ناريون،
جڏهن چيلهين تي چوُنرين سان اچن ٿيون ڪوهه تي پياريون.
٢- عجائب رنگ نيارا، نرم ڦولن نينهن-ننگن ۾،
نين سارين جي ساوڪ، ڪڪڙ جي سونهري سنگن ۾،
شفق، پرڀات، سنجها، اندلٺ، پين عرش-انگن ۾،
مگر ڪيڏي نه راحت آ سندن ساڙهين جي رنگن ۾!
زياده دل ڏتارن ٿيون ڪري ساڙهيون نيون نياريون.
جڏهن چيلهين تي چوُلرين سان اچن ٿيون ڪوهه تي پياريون.
٣- پکيئڙا راڳ ڳائن ٿا بـڙچ لـان هيرن ملائم سان،
نچن ناچن جيان وڻ ٽڻ، مٿان ڪڪرن جي ٽمٽم سان،
ٿا ڳائن گيت ڦوهارا ڦري ڦولن جي رم جهم سان،
مگر دل کي ڇڪن هو پير ۾ ڇيرن جي ڇم ڇم سان؛
زياده دل ڏتارن ٿيون ڪجل جي ٻن اکيون ڪاريون،
جڏهن چيلهين تي چوُلرين سان اچن ٿيون ڪوهه تي پياريون.
٤- چمن ۾ چيٽ جي گاڙن جيان چمڪن هي چنڪيليون،
جڏهن رنگين ساڙهين سان اچن گڏجي هي البيليون،
وڄهي پازيب پيرن ۾ هلن نـازن سان اڪريليون،
چون:- "گوپيون بڻي گوپال سان هي کيل ٿيون کيليون؛"
زياده دل ڏتارن نـاز سان نازڪ بـدن نازيون،
جڏهن چيلهين تي چوُنرين سان اچن ٿيون ڪوهه تي پياريون.
٥- جڏهن اسـت ڪري سورج وڃي اولهه ڏي لهندو آهه،
تڏهن هن ڪوهه جي سامهون نئون سنسار نهندو آهه؛
مڙي زالن سندو ميڙو ڪهاٽيون خوب ڪهندو آهه،
ڪڏهن هو ڪاهسي، بعضي اکين مان آب وهندو آهه؛
زياده دل ڏتارن ٿيون ڳجهين ڳالهين ڪرڻ واريون،
جڏهن چيلهين تي چوُلرين سان اچن ٿيون ڪوهه تي پياريون.

هري-درياڻي [دلگير]

يورپ جون ڪي عجيب ڳالهيون

ليکڪ:- سوريه ديو سنگهه

يورپ جي ڪهڙين ڳالهين جو ذڪر ڪريان؟ جتي به ويس، هر جڳهه هڪ قسم جو عجيب پٽ نظر آيو. ڪٿي قدرتي نظارا دل کي موهن ٿا ته ڪٿي هن مشين جڳ جي انساني ايجادن کي ڏسي حيران ٿيڻو پوي ٿو. يورپ ۾ ڪيترائي ملڪ پنهنجون پنهنجون خاصيتون رکن ٿا.

سئٽزرلئنڊ جا نظارا اهڙا آهن جي پنهنجي خوبصورتي جي مستي ۾ ڪنهنجي دل نٿا موهن؟ روءِ زمين تي اڄڪلهه جي ڪو سرڳ آهي ته اهو سئٽزرلئنڊ آهي.

سئٽزرلئنڊ ۾ ڪيترائي برف جا کيل کيڏيا ويندا آهن جن مان سڪيٽنگ کيل کيڏندي مان هزارن ماڻهن کي ڏٺو. اها راند سياري جي موسم ۾ کيڏي ويندي آهي. ان وقت اوچا پهاڙ برف سان ڍڪيل هوندا آهن. رانديگر برف سان ڍڪيل اوچن پهاڙن تان هوريان هوريان گسڪندو هيٺ ايندو آهي. هن قسم جي راند کيڏڻ لاءِ ماڻهو دنيا جي چئني ڪنڊن کان هتي اچي جمع ٿيندا آهن. ڇا ٻڍا ڇا ٻار، ۽ ڇا عورتون ڇا مرد سڀئي هن کيل ۾ حصو وٺندا آهن. نومبر کان مارچ تائين هيءَ راند رمي ويندي آهي.

هن راند ۾ کيڏاري ٻنهي پيرن ۾ ٻه ڪاٺي جا ٺهيل پادر پائيندو آهي، جي ماڻهو جي قد جيڏا ڊگها ٿيندا آهن. انهن ٻنهي ڪاٺين جي وچ ۾ لوهه جا رڪيب هوندا آهن. هو انهن رڪيبن ۾ پنهنجا پير وجهي ڏاڍي مضبوطي سان ٻڌندو آهي. اهڙيءَ طرح تيار ٿي هو اوچن پهاڙن تي 'ڪيبلڪار' جي رستي يا پيادل چڙهي ويندو آهي. پهاڙ کان هيٺ اچڻ لاءِ انهن جي سرڪار طرفان چڱيون سڙڪون ٺهيل آهن. اهي سڙڪون ميلن جا ميل ڊگهيون هونديون آهن. برف ڪرڻ بعد انهن مٿان رولر گهمايو ويندو آهي. انهن سڙڪن تي سڪيٽنگ ڪيو ويندو آهي. پهاڙن جي چوٽين تان ماڻهو گسڪڻ شروع ڪندا آهن ۽ ميلن جا ميل گسڪندا ويندا آهن. سڪيٽنگ جو ڄاڻو (Expert) ١٦ منٽن ۾ ٤٠ ميل ڊوڙي سگهندو آهي. هن کيل جي اڀياس ڪرڻ سان صحت سڌري ٿي، بدن سڊول، مضبوط ۽ خوبصورت ٺهي ٿو.

جبل تان ٽپا ڏيڻ

جيترن قسمن جا کيل مان ڏٺا، تن ۾ مائونٽين جمپنگ (جبل تان ٽپا ڏيڻ) ڏاڍو خطرناڪ ڏسڻ ۾ آيو. ان ۾ زندگي خطري ۾ رهندي

آهي مگر بهادر ٽپا ڏيندڙ پنهنجي جان جو ذرو به پرواهه نٿا ڪن. هو هميشه پنهنجي جان خطري ۾ وجهڻ لاءِ تيار رهنتا. جڏهن برف ڪرڻ لڳندي آهي ۽ طرح طرح جا کيل ٿيڻ لڳندا آهن تڏهن ماٺهو ٽپن ڏيڻ جو به کيل ڪندا آهن. پهاڙ تان ٽپو ڏيندڙ پيرن ۾ صرف سڪيٽنگ جون ٻه ڪاٺيون پائي اوچي پهاڙ تي چڙهي ويندو آهي ۽ اتان بنا ڪنهن سهاري جي ۽ بنا ڪنهن رسيءَ وغيره جي ٽپو ڏيندو آهي. ان وقت هو جان جي به پرواهه نه ڪندو آهي ۽ هزارن فوٽن جي اوچائي تان ٽپو ڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪا ٿوري به ڪانئس غفلت ٿي وڃي ته جان کان هٿ ڌوئڻو پويس. مگر ٽپن ڏيڻ جا هو اهڙا ته ماهر آهن جو بنا ڪنهن هٻڪ جي ٽپا ڏيندا آهن. اهڙي طرح ٽپي ڏيندڙ کي ڪڏهن ڪڏهن انعام به ملندو آهي.

ڪيبل ڪار

سئٽزرلئنڊ ۾ مان جيڏانهن به ويس، سڀني جڳهن تي پهاڙ تي چڙهڻ واري گاڏي ڏٺم. ٿوري مفاصلي جي طيءِ ڪرڻ لاءِ به ڪنهن نه ڪنهن قسم جي گاڏي کان ڪم ورتو ويندو آهي، يوءِ پهاڙن جي ته ڳالهه ئي اور آهي. پهاڙن مٿان ڊوڙي ويندڙ گاڏي ڪيبل يعني تار ذريعي ڇڪي ويندي آهي جا انهي هيٺان لڳل هوندي آهي. اهو کينچڻ جو ڪم بجلي جي ذريعي ٿيندو آهي. هڪ لائين تي ٻه ڪيبل ڪارون ڊوڙنديون آهن. هڪ مٿي ويندي آهي ته ٻي هيٺ ايندي آهي. ٻنهي جي هيٺان هڪ هڪ تار لڳل هوندي آهي. ٻنهي ڪنارن کان هڪ ئي لائين هلندي آهي، مگر وچ ۾ ٻه لائينون ٺهيل هونديون آهن. ٻنهي طرفن کان جڏهن ڪيبل ڪار ڇٽندي آهي تڏهن ٻهو پا ٽين ٽيليفون ڪيو ويندو آهي. ان جو اهو نتيجو نڪرندو آهي جو ٻئي گاڏيون ٺيڪ وقت تي وچ تي پهچنديون آهن. انهن ڪنهن به قسم جي گڙٻڙ ڪا نه ٿيندي آهي. اڌ ميل پهاڙ تي وڃڻ لاءِ ٻه روپيه خرچ ڪرڻو پوندو آهي.

ڪئش ميمو ڪڍي ڏيندڙ مشين

يورپ جي ملڪن ۾ دڪاندار ڪئش ميمو هٿ سان لکي ڪونه ڏيندا آهن. دڪاندار کان اوهان چيز خريد ڪريو ۽ کيس رقم ڏيو. دڪاندار اوهان کان پيسا وٺي ان مشين ۾ رکي ايندو ۽ ٻئي دٻائڻ سان ڪئش ميمو نڪري ايندو. ڪنهن پل کان وڌيڪ پيسا ڏنا هوندا ته اهي فالتو پيسا به ٻاهر نڪري ايندا. مشين جي ڪرامت ڏسي منهنجي حيراني جي ڪا به حد نه رهي.

ٽيلي پرنٽر

هڪ ڏينهن لنڊن ۾ (Ideal Home exhibition) ڏسڻ ويس. ان نمائش ۾ مشينري جون ڪرامتون پريون پيون هيون. انساني عقل ڇا ڇا ڪري ٿو سگهي تنهنجو پتو اتي پئجي ٿي سگهيو. سڀ رنگدار ڪرسيون، ٽيبليون ۽ پلنگ، گئس - بجلي جون چلهيون، بلڪ انهن فئشن جو بجلي جو سامان، ميون مان رس ڪڍڻ جي مشين ۽ ڪپڙن صاف ڪرڻ وارو اوزار ڏسندڙن کي

خوب حيران ڪندا رهيا. جيترين چيزون مونکي ڏسڻ لاءِ مليون، انهن ۾ ٽيلي پرنٽر ۽ پنجن منٽن ۾ ڪاڏي بڻائڻ واري مشين آدمين کي زياده حيران ڪيو.

ٽيلي پرنٽر ٽائيپرائيٽر وانگر بڻيل آهي. ٽيلي پرنٽر جو جوڙيندڙ واسطو ڦاڙي رڙيون ڪري رهيو هو ته هن مشين جي به جاچ ڪريو. مان ان ٽيلي پرنٽر جي نزديڪ ويس. هڪ آدمي مونکي اچي چيو، "توکي جيڪي ڇپائڻو هجي سو هن ٽنگ ۾ چوندو وڃ، ۽ اهو ڇپجي وڃڻ بعد ڇپيل مٽر پنهنجو پاڻ نڪري ايندو. مان ان مشين جي نزديڪ وڃي ويس ۽ هڪ سوراخ جي طرف منهن ڪري چيم، (Dear friend, I am very anxious to see you) اڃا مان ائين چئي بس ڪيو ته هڪ خوبصورت ڪاغذ تي اهو ٽائيپ ٿي ٻاهر نڪري آيو. ان جڳهه تي ڏاڍي ڀيڙ لڳل هئي. سڀ آدمي ڪجهه نه ڪجهه ڇپائي انجي جاچ ڪري رهيا هوا.

مشين رستي پنجن منٽن ۾ ڪاڏو

هن مشين جي نزديڪ ڏاڍي ڀيڙ لڳل هئي. ان جو سبب اهو هو جو يورپ ۾ آدمي ڪنهن به ڪم ۾ زياده وقت لڳائڻ نه چاهيندا آهن. ڪاڏي تيار ڪرڻ ۾ عورتن کي زياده محنت ڪرڻي پوندي آهي ۽ هوٽلن ۾ ڪاني تي گهڻو خرچ لڳندو آهي. تنهنڪري آدمي ڏاڍي بيتابي سان انهي مشين جي تپاس ڪري رهيا هوا. ٿاهيندڙ اوزار جي هڪ ۾ پاڳي پٽاٽا، هڪ ۾ ڪيترن قسمن جون سبزيون ۽ هڪ ۾ ڪيرٽي جو سامان ۽ هڪ ۾ مانس وڌو. ان بعد هن اوزار جو منهن بند ڪيو. ان جي مٿان گهڙي لڳل هئي. آدمين کي اوزار ٿاهيندڙ چيو ته اوهان گهڙي ۾ وقت ڏسو. سڀڪي ڏيا ڏيو ويو. پنجن منٽن بعد هن ڪڪر جو منهن کوليو. پوءِ ٿيا نين پٽاٽا ڪيڏي وينٽن ما ٿهن ۾ وراهيا ويا. اهڙي طرح جيترين به چيزون ڪڪر ۾ رکيون ويون هيون سي ڪيڏي ماٿهن ۾ وراهيون ويون. هن عجيب ايجاد کي ڏسي منهنجي لعجب جو ٺڪاڻو نه رهيو.

من جي مڇلائي

وزن - فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

ڪنهن جڳيا سوءِ جپ ڪيو جاڏو ڪنن - ڪار پنهنجيءَ ۾ رهيو ڦاٻو مڪن
وقت آيو، جل سدي جهوليءَ پياس - يعني پاڻي تي هلڻ جي سگهه تياس
هن جي ليکي، ڪيپ ٿم ڏايي ڪٽي - جو مون درياهن مٿان ٿي حاڪمي
مون اڳيان درياهه جو تيچ زور شور - ٿي سگهي ساگر، سديءَ منهنجي جو زور
خضر جي ملڪوت تي منهنجو خرام - منهنجي محنت جو مليو مونکي انعام
گر اڳيان گفتو ڪيا ٿين ڳاج سان - لتڪي پڏڪي سان سخن مهراج سان
چي ڏسو منهنجي سديءَ جو هي ڪمال - جو مٿي پاڻيءَ قدم منهنجو بحال
منهنجي اڳيان دف آهه درياهن دماغ - آهه وئوانن ۾ مون روشن چراغ
گر چيس گينوار، گيرب رانٽيا - پنهنجي ٿي ٽان ٽان جي ڪرتب ٽانٽيا
اڄ ٿيو معلوم تنهنجي مـن جو حال - تنهنجي من ۾ شيطني پيـو خيال
ڪار ڪهڙيءَ ڪي لڳين؟ ڪاٿي پٽين! - "من عرف نفسه"[1] لڇي اهوُن وهٽين
ڪاٽ پاڻيءَ تي هلي، تون ڪاٽ ٽئين - پرش اتم مان لون پاڻيءَ ٽاٽ ٽئين
۽ وري ان تي ڪرين هيڏو پڏاءُ - هن مان ظاهر تنهنجو نفساني نماءُ!
تون سڏين جنهنکي سدي ان ڇا جتاءُ؟ - هن سرپرون پار ڇڏ ڪهڙو وٽاءُ؟
تون ٻڌين پوءِ ڪهڙي ڪم ايندي سدي؟ - ڇا ني آهي تنهنجي جذبي رڳ رڌي
تون ته آتم ڏيس مان ڪو سو اڌار - جنهن مان حاصل ٿيئي مڪتيءَ جو اڌار
ست چد آنند ۾ ٿئي تنهنجو نواس - ۽ جنم مرڻي جو تنهنجي ڪٽجي ڦاس
بندگيءَ مـان زنـدگي اوجل ٿئي - زندگيءَ اوجل جـو اُتـم ڦل ٿئي
يعني بنـدو رب سان واصل ٿئي - زنـدگيءَ مقصد سچو حاصل ٿئي.

سوڀراج نرملداس [فاني]

١- آيت "من عرف نفسه فقد عرف ربه" يعني جنهن پاڻ سڃاتو تنهن تحقيق رب سڃاتو.

ڪانگريس پروگرام ڪانفرنس چڪ

اسان وٽ پي سنڌ اسيمبلي ڪانگريس پروگرام ڪانفرنس چڪ (تعلقي سکر) جي مرحبا ڪميٽيءَ جي چيرمن ڊاڪٽر گوبندرام واڌواڻيءَ جي رپورٽ سمالوچنا لاءِ آيل آهي. ڊاڪٽر گوبندرام سکر ضلع جو هڪ سانئيڪو، سچار ۽ نرڀو نوجوان آهي جنهن جي رڳ رڳ جي اندر ماتر ڀومي جو درد موجود آهي ۽ جو رات ڏينهن پنهنجي پياري وطن جي آزادي لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. رپورٽ ۾ سکر ضلع جي دردناڪ حالت جو بلڪل چٽيءَ طرح اظهار ٿيل آهي. سر- سوڪ- بي سلامتي- وڻن ڪاٽڻ جو ظالم قانون- ڳوٺاڻي ڪارپت کي جوکو اماڪ جي پيل- قرض جو بار ۽ آبادگار انڪمٽ جو هراس- آمدرفت جا رڌي رستا- صحت صفائي جي بندوبست جي ڳوٺن ۾ اڻاٺ- پوليس جي الغرضائي ۽ ڏاڍائي- پن چري پيل- ڪانئين ڪوئلن جا موتمار اڳهه- جاگيردارن جا آزار- چيٽ بيگر لاپو رسائي وغيره ڪئين ڏک، جن جي جاندہ ۾ ويچارا غريب ڳوٺاڻا اهڙا ته پيسجي ويا آهن جو داڻو نه ملي داڻي کي. بلڪل چٽائيءَ سان ورنن ڪيل آهن ۽ اکر اکر ۾ معزز ڊاڪٽر صاحب جي دل جو درد چٽو پيو بکي. پڇاڙيءَ ۾ ڊاڪٽر صاحب اپيل ڪئي آهي ته ڪانگريس ڪم ڪندڙ شهر ڇڏي اچي ڳوٺن ۾ ڪم ڪن. اميد ته اها سندس صلاح اجائي نه ويندي. اسان ته انهيءَ خيال جا آهيون ته ضلع ڪانگريس ڪاميٽي جو هيڊ ڪوارٽر ضلع جي مکيه شهرن جي بدران ڪنهن نه ڪنهن ڳوٺ ۾ هئڻ گهرجي مثلاً سکر ضلع جو چڪ يا عبدو يا خانپور يا اباوڙي وغيره ڳوٺ ۾ ۽ سرحد سنڌ ضلع جو ٽل، ڪنڌڪوٽ پاري ڳوٺ ۾ يا اڃان به اندر چٺي، ميرپور وغيره ۾. جيستائين ڪم ڪندڙ پنهنجو مرڪز ڳوٺن جي اندر نه ڪندا تيستائين ڀارت جو ڀلو نه ٿيندو ۽ غريبان مار بند نه ٿيندي. ڳوٺاڻن جون دليون سموريون قتل ۽ ڪاٺل آهن. جيسين پڙهيل ڳڙهيل شيواڌاري انهنجي وچ ۾ وهي سندن دليون رکجيان مظبوط نه ڪندا تيسين هو ساه کڻڻ جهڙا نه ٿيندا ۽ جيسين اهي ساه نه کڻندا تيسين لکين سڀا ٽپون ۽ تجويزون ناڪامياب ٿينديون. شال ڊاڪٽر صاحب جهڙا نشڪام عملي شيواڌاري گهڻا ٿين ۽ ڀارت جو ڀلو ڪن.

جاسوسي چڪر

مٿين نالي سان شڪارپور مان ماهوار جاسوسي ناول نڪرڻ شروع ٿيو آهي. جيڪي جاسوسي ڪتاب پڙهڻ جا شوقين آهن تن کي هي رسالا خوب وندرائيندا. ساليانو چندو پنج رپيه اٿس. ملڻ جو هنڌ:

خوبچند- ٽي- سياڳچنداڻي
شاهي بزار شڪارپور

News, Notes & Comments

تاريخ ١٣ فيبروري مسٽر گنگا ڌرنات ٽئگور، ڪوي ٽئگور جي ڀاءُ جو ٧١ ورهين جي عمر ۾ مرتيو ٿيو. هو زبردست نقاش هو ۽ ماڊرن بينگالي پينٽنگ اسڪول جي باني وجهندڙن مان هڪ هو. هن انڊين سوسائٽي آف اورينٽل آرٽ ڪلڪتي ۾ کولي هئي

سر پرڀا شنڪر پٽڻي ڪائونسل آف اسٽيٽ جي ميمبر جو ديهانت ڀاونگر ۾ ٿيو. سرگواسي ١٩٢٦ع کان وٺي ڪائونسل جو ٻه ڪيترا سال ميمبر ٿي رهيو جتي چڱو ڪم ڪيائين. بمبئي سرڪار جو ٦ سالن لاءِ ميمبر هو. پڇاڙي جو ڀاونگر رياست جو مکيه وزير ٿيو. جيتوڻيڪ سندس مرتيو برڌاوستا ۾ ٿيو آهي تڏهن به سندس موت ڪري هندستان هڪ بزرگ هندواسي وڃايو آهي.

ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ هندستانين جا چار عيوضي ماريشس، اوڀر آفريڪا ۽ سلون مان هريپور آيل هوا. هنن ڪانگريس جي ڪليل اجلاس ۾ اپيل ڪئي ته ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ هندستانين سان ناتا وڌايا وڃن. منجهانئن هڪ چيو ته هن ڏس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ وڏو ميدان پيو آهي ڇاڪاڻ ته فجي، ماريشس برٽش گائنا ۾ رهندڙ هندستانين جو تعداد وڏو آهي. ۽ جيڪڏهن ڪا جماعت ڪانگريس جي همت هيٺ وڃي ته مان چئي سگهان ٿو ته هو اسان کي سياسي طرح گهڻي مدد ڏيئي سگهندا.

معتبر ذريع معلوم ٿيو آهي ته سرحد سرڪار سرحد پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي ملڪيت موٽائڻ جي سوال تي ويچار ڪري رهي آهي. اهو قدم کڻڻ بعد خدائي خدمتگارن جي ملڪيت ۽ وصول ٿيل ڏنڊ موٽايا ويندا. چيو وڃي ٿو ته بمبئي سرڪار جيان اهڙن ڪيسن جي لسٽ تيار ڪرڻ ۽ سرڪار اڳيان رکڻ لاءِ هڪ سپيشل آفيسر مقرر ڪيو ويندو. ڪانگريسي مرڪز سرڪار تي زور ڀري رهيا آهن ته جيل ۾ جيڪي خدائي خدمتگار مري ويا آهن ۽ پشاور جي ١٩٣٠ جي گوليبازيءَ ۾ جيڪي مري ويا آهن تن جي ڌڻين کي پينشن ڏني وڃي. هن باري ۾ ٿوريئي وقت ۾ پڌرائي ڪئي ويندي.

راجنيتي قيدين جي باري ۾ مسٽر ٽي پرڪاشم مدراس جي وزير ملاقات ۾ ٻڌايو ته اسان سڀني قيدين کي آزاد ڪيو آهي جنهن ۾ ڪيترا خون، بم اڇلائڻ، فساد مچائڻ ۽ باهه ڏيڻ جي ڏوهن هيٺ سزاياب ٿيل هئا جن وٽان ڀريل روالور هٿ ڪيا ويا هئا.

مسٽر پرڪاشم عجب کاڌو ته يو-پي ۽ بهار ۾ سرڪار باقي بچيل ٿورن قيدين جي آزادي تي ايڏو گوڙ رکي ڇو ڪيو آهي.

سڌ آئي آهي ته مهاشيه ٽيڪمچند ڏينگرا ڪانگريس اميدوار ديري اسماعيل خان عام ڳوٺاڻي حلقي جي چونڊ ۾ ڪامياب ٿيو. هن کي ١٣٦٨ ووٽ مليا. سندس ٻين مخالفتين پٺرا خان ۽ مکندلعل کي صرف ٦٠٨ ۽ ٨٩ ووٽ مليا. ڪانگريس پارٽيءَ جا هينئر سرحد ۾ ميمبر وڌي ٢٠ ٿيا.

رياستن جي ڪنوينشن ٻين ٺهراون کان سواءِ اهو ٺهراءُ به پاس ڪيو ته هن سال اندر ڏهه لک ڪانگريس ميمبر ڪيا ويندا ۽ ضلع ۽ پرانتڪ ڪانگريس ڪاميٽيون ٺاهيون وينديون.

وڌيڪ اهو به ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ته ڪانگريس کي سات ڏئي ڪانگريس جي طاقت وڌائي وڃي.

سنڌ سرڪار هڪ خاص گزيٽ ۾ پڌرائي ڪري مسٽر محمد امين کوسي جي ڊسڪواليفڪيشن لاٿي آهي جا هنن تي گذريل اسيمبلي چونڊن ۾ پوري وقت اندر چونڊن جي تفصيل نه ڏيڻ ڪري وڌي ويئي هئي. مسٽر کوسو اپر سنڌ ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي هڪ مسلم ميمبر جي ديهانت ڪري جا جاءِ خالي ٿي آهي تنهن لاءِ اميدوار بيهندو. خان بهادر دل مراد کوسي جي به ڊسڪواليفڪيشن لاٿي ويئي آهي.

هريپور ۾ هڪ لک کان به مٿي مردن ۽ استرين ۽ ٻارن اڳيان قومي جهنڊي جي سلامي ٿي. ماڻهن جي ايڏي زبردست انبوهه هوندي به شانتي اهڙي هئي جو سئي ڪرڻ جو آواز به ٻڌي سگهجي. قومي سلامي کليل اجلاس جي شروعات هئي. اڌ چورس ميل ۾ ڪاڏي به ڀريل انساني مٿا نظر اچي رهيا هئا. برطانيه جو مدبر لارڊ سئميوئل اهو نظارو ڏسندو رهيو. بوس جهنڊو بلند ڪندي جهنڊي جي اهميت جي سمجهاڻي ڏني! چيائين ته قومي جهنڊو اسان جي آزاديءَ جي محڪم ارادي جو نشان آهي. اسان کي ڪيئن به قومي جهنڊي جو شان قائم رکڻ گهرجي.

تازو جيئن سن جو هڪڙو واپاري بند خانومل سٺي، پوسٽ آفيس وٽ پنجن هزارن جو انشورڊ ڪور موڪلي رهيو هو ته هڪ ٻيئل جينٽلمن ڊاڪوءَ کيس چيو ته تنهنجا پئسا هيٺ ڪري پيا آهن اهي کڻ. هو جيئن ئي اهو ويچارو هيٺ نوڙي پئسا کڻڻ لڳو ته اهو شاهينگ سندس انشورڊ

ڪور جنهن ۾ ٻن هزارن جا نوٽ ٻيل هوا اهو لڳائي وٺي ڀڳو. اهو ويمي جو نوٽن وارو لفافو پوسٽ آفيس جي ٽختي تي رکيو هوائين جو لڳائي ويو. شاهينگ هڪ ٻيو انشوئرڊ ڪور (لفافو) اتي ڇڏي ويو جنهن ۾ ڪاري واري ڪک ٻيل هوا. جيئن ئي هن مٿي اٿندي پنهنجو لفافو سنڀاريو ته ڏسي ته اهو ماٺو ٽپي ۽ اڪو نوٽن وارو لفافو. وچونئي ٻيو خالي لفافو پيو آهي جو ڪيس دوکي ڏيڻ لاءِ اتي رکيو ويو. بروقت هن هاءِ گهوڙا ڪيا. پوليس ۾ رپورٽ ڪئي ويئي پر ڌاڙيل جو پتو ڪو نه پيو. جاچ هلندڙ آهي. پاڻي خانومل بصرمل، ڏاندومل ڪوٺيدار جو پاڻ آهي. انشوئرڊ ڪور ۾ ٻيل ١٠ نوٽ هر هڪ ١٠٠ جا ۽ ٢٠ نوٽ هر هڪ ٥٠ روپين جا هوا.

معتبر ذريعي معلوم ٿيو آهي ته جنرل مستوئي چين ۾ جپاني فوجن جي ڪمانڊر کي جپان ڏانهن واپس گهرايو پيو وڃي. ليفٽيننٽ جنرل جو گذريل سال تائين فارموسا ۾ لشڪري ڪمانڊر هو سو اچ سندس جاءِ والارڻ لاءِ شهانگائي ۾ پهچندو. چيو وڃي ٿو ته هو وڏو پڪ سياڻو آهي ۽ جپان پنگتسي ڪسٽمس ۽ شانهگائي ميونسپل معاملن ۾ ڌارين جي فائدن ڏانهن سخت رخ اختيار ڪرڻ ٿو چاهي. ٽوڪيو جي هڪ اخبار ڊيلي نيوز لکي ٿي ته جپان چين ۾ جيڪو ملڪ هٿ ڪيو آهي تنهن ۾ غير جپاني مال جي آمدنيءَ کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا ويندا.

معلوم ٿيو آهي ته ايندڙ مارچ جي شروعات ۾ شڪارپور ضلعي بلوچستان جي ڀرسان ۽ پنڊت نيڪيرام هٿ سنڌ ۾ اچڻ وارا آهن. هو سنڌ اسيمبليءَ چونڊن ۾ ڪانگريس اميدوار جي فائدي ۾ پرچار ڪندا جي چونڊ ديوان پوجسنگهه جي ديهانت ڪري خالي ٿيل جاءِ لاءِ ٿيندي.

آسام ۾ تازو جيڪا وزارت ٺاهي ويئي تنهن ۾ جدا جدا ٽن ميمبر سرڪار تي اوشواس جون رٿون ڏنيون آهن جي پريزيڊنٽ آڻڻ ڏنيون ۽ جن تي ١٢ بجي منجهند کان ويچار ڪرڻ شروع ڪيو ويو آهي.

ڪلڪتي ۾ جو آزاد ٿيل نظربندين ۽ راڄ نيتي قيدين جي سهائتا لاءِ هڪ ڪميٽي ٺاهي ويئي آهي تنهن کي ٧١٧ درخواستون آزاد ٿيل نظربندين ۽ راڄنيتي قيدين وٽان نوڪري لاءِ آيل آهن. انهن درخواست ڪندڙن مان ٣٣٣ ڄڻن ڏهه رپيا ماهوار مدد ملڻ لاءِ گهر ڪئي آهي. ان باري ۾ سهائتا ڪميٽي طرفان پڌرائي ڪئي ويئي آهي ته نظربندين جا ڪيترا ڪٽنب مالي خيال کان ناس ٿي ويا آهن. ان باري ۾ ڪميٽي اڳ ۾ ڪيترين مدبرن جي صحبن سان اپيل ڪئي آهي. اسان کي اهڙا سوين خط انهن آزاد ٿيل قيدين وٽان اچي رهيا آهن جنهن ۾ هنن جي درد جا داستان آهن. تنهنڪري اسان کي اميد آهي ته هندستان جا عام ماڻهو هن سني ڪارج ۾ دل کولي سهائتا ڪندا.

مدراس جيلن مان چاليهه رواجي قيدين کي سزا جي مدي پوري ٿيڻ کان اڳ آزاد ڪيو ويو. مسٽر عباس علي چيف پريزيڊنسي مئجسٽريٽ سندن اڳيان تقرير ڪندي چيو ته سرڪار انهيءَ اميد سان توهان کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته توهان شانتي واري جيوت ڪاٽي سرڪار جي مروت جو قدر ڪندا. ۹۵ قيدين کي گذريل ڇنڇر تي ڪوئمبتور جيل مان آزاد ڪيو ويو.

الهه آباد. ليڊر جو خاص خاطو خبر ڏئي ٿو ته مدراس جي گورنر به ڪانگريس وزارت جي ڪم ۾ دخل ڏنو آهي. ٻرهن پرانت ۾ مٿيون جو ڪارڻ ڪو راجنيتي قيدين جي آزادي جو سوال نه آهي. ڇو ته اتي فقط هڪ راجنيتي قيدي آهي. پر گورنر وزارت جي قرض بل لئي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي. مدراس ۾ به چيو وڃي ٿو ته ڏني واٽني "ڊيڊ لاڪ" پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.

هريپور ڪانگريس سک سان پوري ٿي. ڪل اٽڪل ۲ لک ماڻهو انهيءَ شامل ٿيا. هڙي اتساه پري ڪانگريس ڪا مشڪل ٿي هوندي. هندستان جا گهڻي ڀاڱي سمورا ڪانگريس اڳوان انهيءَ شامل هئا. جيڪي هندستاني ڏاريين ملڪن ۾ رهندا آهن تن جا به عيوضي آيل هئا. بهار ۽ يو پي جي وزارتن جي استيفائن ڏيڻ سبب هريپور ۾ خوب ڇهڇٽو لڳل هو.

ڪانگريس ۾ ڪل ۱۷ مکيه ٺهراءَ پاس ٿيا. هريپور ڪانگريس جو نظارو ڏسي ولايت جي اخبارن جا عيوضي پڻ عجب ۾ پئجي

ويا. انهن مان هڪ پڌرو ڪيو آهي ته هندستان هينئر جلد آزاد ٿيندو ۽ ڪيس ڪا به طاقت آزادگي کان نه روڪيندي.

مسٽر پو ڄسنگهه ڀهلاجاڻي سکر جو بورڪ وڪيل ۽ سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر تازو گذاري ويو. هن جيتوڻيڪ پالٽڪس پختي ارادي وارو اسپيڪر ثابت ڪو نه ڪيو ته به اسيمبلي جي ڪارروائي هلائڻ ۾ ڪاٿس وڌيڪ پيو قابل ڪو نه هو. اسانجي سندس پونئين سان پورڻ همدردي آهي.

ٿورن مهينن کان ڪانگريس، ستن پرانتن اندر، وزراتون قبول ڪيون آهن. انهن ٿورن مهينن جي عرصي ۾ ڪانگريسي وزيرن جنهن قابليت ۽ هشياري سان چرخو هلايو آهي تنهن ساري دنيا جي راجنيتي چاڻن کان واهه واهه حاصل ڪئي آهي. خود لارڊ لوٿين، انگلنڊ جي مشهور مدبر، جو تازو هندستان مان سفر ڪري انگلنڊ موٽيو آهي، تنهن اتي اخبارن ۾ سندن ساراهه جا خوب ويهي ڏيک ڏيا آهن.

عام ماڻهو ٻه دن ٻدن ڪانگريس ڏانهن وڌيڪ لاڙو رکڻ لڳا آهن. اهو حال ڏسي انگريزي حڪمرانن جي ٻيٽ ۾ ڪوٺا ڊوڙڻ لڳا آهن. بهار ۽ يو پي جي وزيرن راجنيتي قيدين جي آزاد ڪرڻ جا حڪم ڪڍيا ته گورنرن خاص اختيارن هلائي اهي حڪم رد ڪيا، تنهنتي بهار ۽ يو پي جي وزيرن استيفائون ڏنيون آهن. هن گهوٽالي سبب هندستان جي راجنيتي وايومنڊل ۾ سخت جوش آهي. ڏسجي ته ڳالهه ڪٿي ٿي وڃي بيهي.

سنڌيءَ جو بخت بالا!

ڇپجو جو سنڌ اسيمبليءَ جي ڪارروائي ۾ سرڪاري طرح جاءِ ملي اٿس!!

جيڪي حب وطن ڌاريو، سنڌي ۾ فخر وٺو ۽ سنڌي ساهتيه کي همٿايو؟

خريد ڪريو:- مسٽر منوهرداس ڪوڙومل جا لکيل تازا ڪتاب.

(۱) **اخلاقي آواز** نالي عمدو ڪتاب **سنڌيءَ جو سينگار** جو تازو شايع ٿيو آهي. صفحا ڏيڍ سؤ- ڇهن تصويرن ساڻ، پنو ڇاپو بيهڪ عجائب اٿس. مغرب ۾ ڇپيل ڪتابن جي سڌ پيو لاهي. ننڍين خواه وڏن لاءِ مفيد. قيمت فقط اٺ آنا.

(۲) **اخلاقي آکاڻيون** ڇاپل ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل جو.

(۳) **هند جو سڳر** (ست تصويرن ساڻ)
(پريس ۾)

(۴) **پڇمي نارين جا چرتر** (۹ تصويرن ساڻ)
قيمت چار آنا

(۵) **ٽالسٽاءِ جا اوائلي آزمودا ۽ خيال**
قيمت:- لسو پنو پنج آنا — بنا لسي پني ٽي آنا.

ڇاپل سنڌو ساهتيه منڊل جا

(۶) **"سنڌ ۾ ڪيتي"** قيمت ٽڪو
(۷) **وات جي صحت** قيمت ۲ آنا
(تصويري)

ملڻ جو هنڌ:- $\frac{28}{6}$ ڪاسما پالٽين ڪالوني ڪراچي سنڌ.

ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل حيدرآباد سنڌ
"سنڌو" آفيس ميان جو ڳوٺ شڪارپور سنڌ

ڏونگريءَ جو بال امرت

ڇا آهي؟

(۱) هيءَ هڪ تمام سٺي ۽ مقوي خوراڪ آهي.

(۲) اها خوراڪ ڪمزور ۽ ضعيف ٻارن کي تندرست ٿي رکي.

(۳) هن دوا ۾ هر ڪنهن قسم جي، هڏن، جوڙڻ جو معدو آهي.

(۴) هيءَ دوا ٻارن کي کنگهه وغيره مرضن کان پري ڪري ڪين ڏندن نڪرڻ ۾ سهوليت ٿي پيدا ڪري.

ملي سگهندي:-

هر ڪنهن شهر ۾ هر ڪنهن دوا فروش وٽان.


BUILT TO LAST
ويسٽ اينڊ جو نئون "انڊ" گهنٽي
سان گهڙيال صفا ۽ سهڻو. هي
خاص هن ملڪ لاءِ ناهيو ويو آهي.
مشنري تمام مضبوط اٿس.
جهالائو ۽ ٽهڻي ۾ بي عيب.
گهنٽي لاڳيتو هلڻي ٿو ۽ رکي
رکي به هلڻي ٿو. "انڊ" گهڙيال
خريد ڪريو ڇو ته هي سستو
سودو آهي ۽ گارنٽي ٿيل آهي
POWERFUL 30-HOUR MOVEMENT
خبردار - ويسٽ اينڊ واچ ڪمپني
جو نالو سچو ڊائل تي ۽ "ڊبليو"
ستار مارڪ پليٽ تي ڏسو.
WEST END "IND" ALARM
WEST END WATCH Co
IND
ڏي "انڊ" گهنٽي سان ارڊبڪ
ڊائل ۷ روپيه ريڊيم ڊائل ۸ روپيه
مفت ڪئٽالاگ لاءِ گهر ڪيو.
CONTINUOUS INTERMITTENT ALARM
ويسٽ اينڊ واچ
۽ ڪو
بمبئي ۽ ڪلڪتا
WEST END WATCH Co
BOMBAY CALCUTTA

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٿي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجهہ ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)